# رسالو
# داتا شاه ولايت

Gul Hayat Institute

# فهرست


| نمبر شمار | ڪافي | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| | (الف) | |
| ١. | آءِ يار پنهل پرين توکي پرچايان | ١ |
| ٢. | آهي اصل جو اقرار سهڻا توسان | ٢ |
| ٣. | آيو اڱڻ سڄڻ مون | ٣ |
| ٤. | آيو پيارل پرچي آيو | ٤ |
| ٥. | آيو عشق اڱڻ شڪران چوان | ٥ |
| ٦. | آه ايايل عشق جو سور توسان ٿو | ٦ |
| ٧. | آهن پرين احسان اوهان جا | ٧ |
| ٨. | آهي توکان سواءِ ڪير ڪنهن کي حال ٻڌايان | ٨ |
| ٩. | آهي پرت پنهل تنهنجي پياري | ٩ |
| ١٠ | آيو آيو دلبر منهنجو سونهن پريو سلطان | ١٠ |
| ١١ | آهي انهين صفت وچ ذات | ١١ |
| ١٢ | آءُ ياراوري پرين وچ نه پري | ١٢ |
| ١٣ | آهيان پنهل جي ڪوني توڙي ڪري | ١٣ |
| ١٤ | آيا ونجارا ونڪارن جا ڪيڏي ساز ڪيائون | ١٤ |
| ١٥ | آءَ وري تو سوا نا سَري | ١٥ |
| ١٦ | آهي رمز رمندن جي نرالي | ١٦ |
| ١٧ | آيو ٿي انسان محبت مهر ڪرڻ لئه | ١٧ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ١٨ | آهي موسم وصل جي بهاري | ١٨ |
| ١٩ | آهي آريءَ جي الفت اندر ۾ | ١٩ |
| ٢٠ | آهي جن جو آسرو | ٢٠ |
| ٢١ | آڏو تن آيون سوريءَ جي | ٢١ |
| ٢٢ | آيو پرين اندر ۾ باقي حجاب کڙو | ٢٢ |
| ٢٣ | آءُ محب مٺا منٺار سڄڻ سردار | ٢٣ |
| ٢٤ | آءُ يارجاني آءُ يارجاني | ٢٤ |
| ٢٥ | آءُ پرين تون کُهُ اچي | ٢٥ |
| ٢٦ | آوين کربل دا والي مکڙا وکلائي ويندا | ٢٦ |
| ٢٧ | آيا انس دي اولي ماهي | ٢٧ |
| ٢٨ | آيا بشري برقعا پائي چاق سڌا | ٢٨ |
| ٢٩ | آجا ميري آقا سخي نورالهدىٰ | ٢٩ |
| ٣٠ | اکڙيون عجب ڏينهن لائن نيائن | ٣٠ |
| ٣١ | او پرديسي تنهنجي پسڻ لئه پڪاري | ٣١ |
| ٣٢ | اگڙ اسان جي آءُ منهنجا دلربا | ٣٢ |
| ٣٣ | اٿي جاڳ مسافر سويلو | ٣٣ |
| ٣٤ | ايذ و عاشقن کي ايذاءُ | ٣٤ |
| ٣٥ | اصل آريءَ چام سان محڪم مجاز آ | ٣٥ |
| ٣٦ | اچي بيٺو آ يار اڏيءُ تي | ٣٦ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٣٧ | اڱڻ آيو يار جاني دل پياري ٿئي بهار | ٣٧ |
| ٣٨ | اثبات ڪر الله کي وحدت وصل ويساهه کي | ٣٨ |
| ٣٩ | اکيون ڪن آثار جوڙي جنگي جنسار | ٣٩ |
| ٤٠ | اکڙيون اوهان جون ڪيف ڪڪوريون | ٤٠ |
| ٤١ | اڱڻ اسان جي اچ او سائين | ٤١ |
| ٤٢ | اکڙين جي آر سان پلپل پيار سان | ٤٢ |
| ٤٣ | اکيون تنهنجيون مارن ٿيون | ٤٣ |
| ٤٤ | اکين جي اشاري آر انور سان | ٤٤ |
| ٤٥ | او پرديسي پنهل پيارا | ٤٥ |
| ٤٦ | اچ پنهل اوري سپرين وچ نه پري | ٤٦ |
| ٤٧ | اثبات الله ايهو آهي | ٤٧ |
| ٤٨ | اول وجود وساري پوءِ ڏسُ وات وندر | ٤٨ |
| ٤٩ | الله اوهان کي آئي آ اوري جانب اوري | ٤٩ |
| ٥٠ | اڇن عاشق اڏيءَ تي ويچارا | ٥٠ |
| ٥١ | اجهي اباڻا ايندا ڪين چنڊيندا | ٥١ |
| ٥٢ | اچ عاشقن جي اچ اوتاري | ٥٢ |
| ٥٣ | ابتر هون اگر مجروح مگر ديد | ٥٣ |
| ٥٤ | اوڏا اوني اچن موسان شال ملن | ٥٤ |
| ٥٥ | ان جو نذير کهڙو هو بينظير تارڪ | ٥٥ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۵۶ | اوسائين اوسائين اوسائين اوسائين | ۵۶ |
| ۵۷ | اشاري ابرن جي ديد ڪيو ديوانو | ۵۷ |
| ۵۸ | الله پرين آڻ پنهوار لهندم منهنجي سار | ۵۸ |
| ۵۹ | اوچتي اڙي وئي دل دلدار سان | ۵۹ |
| ۶۰ | اڄ آيا اڱڻ تي منهنجا محب مارو | ۶۰ |
| ۶۱ | الله وڏايا رتبه تيڏا شان هي عالي | ۶۱ |
| ۶۲ | انهين صفت وچ ذات هئي | ۶۲ |
| ۶۳ | او يار سانون عشق آتش لاوندا | ۶۳ |
| ۶۴ | اڱڻ آيا ميڏا يار ڍولا ماهي | ۶۴ |
| ۶۵ | اڄ دن بادِ صبا دي بهار هئي | ۶۵ |
| ۶۶ | اڱڻ آوي دلدار سُرهي سيج وڇينديان | ۶۶ |
| ۶۷ | انحد مُرلي باجي گمگم گاجي | ۶۷ |
| ۶۸ | (ب) | |
| ۶۸ | بگن سائين بهار سهڻا هوندين سرهو | ۶۸ |
| ۶۹ | بازار برسي برهه جي اوهين عشق جا | ۶۹ |
| ۷۰ | بيڪسن جو آهه سهارو دستگير | ۷۰ |
| ۷۱ | برهه بسنت پلي ڪري آيو | ۷۱ |
| ۷۲ | برهه تنهنجي بيمار ڪيو | ۷۲ |
| | (پ) | |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۷۳ | ٻهون مين خلق دنيا ۾ ساري | ۷۳ |
| ۷۴ | ٻنڌيٺن ٻڌي هيم ٻاروچل جي ٻولي | ۷۴ |
| ۷۵ | (ڀ) | |
| ۷۵ | ڀلي تير ڀڳن تنهنجا ڀلپل | ۷۵ |
| ۷۶ | ڀلي ڪيون مونسان ڀال ڀلايون | ۷۶ |
| | (ٿ) | |
| ۷۷ | تنهنجي نيڻن نفي ڪيو ويڙم وهم | ۷۷ |
| ۷۸ | تون آن باغ حسن جو گل گل گل | ۷۸ |
| ۷۹ | تنهنجو آ تو ۾ پنهل ڏورين ڇو ڏونگر | ۷۹ |
| ۸۰ | تون داتا جڳ منگتا زير قدم سڀ ولي ولي | ۸۰ |
| ۸۱ | تنهنجي اگر سري ٿي منهنجي نٿي سري | ۸۱ |
| ۸۲ | توسان لڳي آهه يار دل ته منهنجي دلربا | ۸۲ |
| ۸۳ | تون ته دلبر ٿي نه ڏارمل محب مٺا منٺار | ۸۳ |
| ۸۴ | تنهنجي ريهه ڪجل جي ڏار تکي تلوار چوان | ۸۴ |
| ۸۵ | تنهنجي محبت من مستان ڪيو | ۸۵ |
| ۸۶ | تنهنجي خاطر ڦران در در گدا اگر ٿي | ۸۶ |
| ۸۷ | تنهنجي سهڻي سهڻي صورت ڪي سڀ | ۸۷ |
| ۸۸ | ترڪش تير اوهان جا ٽڪرا | ۸۸ |
| ۸۹ | تڏهن وحدت ۾ آ دل ونگي | ۸۹ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٩٠ | توتان آجان فدا ساري تو ساھ سدا | ٩٠ |
| ٩١ | توڙي دڙڪا ڏيو دلدار | ٩١ |
| ٩٢ | تنھنجي عينن صاف اشاري موھي | ٩٢ |
| ٩٣ | تيڏي ڪيفي نشن ڪلور وي | ٩٣ |
| ٩٤ | تيري مٺخاني ۾ تيري مٺخاني ۾ | ٩٤ |
| ٩٥ | تيري اکيان ني جادو لائيا موري سجن | ٩٥ |
| ٩٦ | تيري ديدار وچ بيخود بحال بانڪا ھون | ٩٦ |
| ٩٧ | تخت ھزاري دا شاھ ھزاري دا | ٩٧ |
| | (ٿ) | |
| ٩٨ | ٿيان دم بدم دلدار جي ديدار تان صدقي | ٩٨ |
| | (پ) | |
| ٩٩ | پنھنجي ديس تي ڪاھيون ڪام | ٩٩ |
| ١٠٠ | پا رمز عبث پيھي پاڻ ۾ پس | ١٠٠ |
| ١٠١ | پوڪاريان پوڪاريان پوڪاريان سدا | ١٠١ |
| ١٠٢ | پائي پيچ پنھل موں سان پيار ڪيو | ١٠٢ |
| ١٠٣ | پنھل ويو نا پاڻھي زوريءَ نيو آ جتن | ١٠٣ |
| ١٠٤ | پرينءَ پسايو پاڻ قاصد مٿون مقصود | ١٠٤ |
| ١٠٥ | پيارا موں پسڻ جي لئہ پلپل پيو | ١٠٥ |
| ١٠٦ | پيچي پيچي پڪ ڪر پتو پنھنجي يار جو | ١٠٦ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ١٠٧ | پيالو پلپل يار پلائي ٿو | ١٠٧ |
| ١٠٨ | پنهنجي پنهل سان پيار ٿيو | ١٠٨ |
| ١٠٩ | پرين پاڻ ايندا مٺا محب پيارا | ١٠٩ |
| ١١٠ | پرينءَ جو پيار مون تي سهڻي جو ساھ | ١١٠ |
| ١١١ | پنهنجي پرينءَ کي پر چايان | ١١١ |
| ١١٢ | پرديسي پنهل پيارا مونکي ٻه نال نيندا | ١١٢ |
| ١١٣ | پنهوارن کي پلپل سدا ساھ ساري | ١١٣ |
| ١١٤ | پرچي پرين پيارا درسن ڏيو ڏلارا | ١١٤ |
| ١١٥ | پنهوارن پرين کي سدا ساھ ساري | ١١٥ |
| ١١٦ | پنهنجو پساءِ ديدار پيارا | ١١٦ |
| ١١٧ | پيرڪامل شاھ جيلان جلوه گر جلوه نما | ١١٧ |
| ١١٨ | پرديسي پيارا ديس تنهنجو آ ڪٿي | ١١٨ |
| ١١٩ | پاڻ ھِردي ھادي ٿو ٻولي | ١١٩ |
| ١٢٠ | پيچ پريت جو پايان ٿو سان سينهن لايان | ١٢٠ |
| ١٢١ | پسي سهڻا تنهنجي صورت پڙھان الحمد | ١٢١ |
| ١٢٢ | پنهنجو ڪر پنهنجو ڪر پنهنجو ڪر | ١٢٢ |
| ١٢٣ | پاڻ ۾ پيهي پس ٿون پاڻ | ١٢٣ |
| ١٢٤ | پنهنجي پنهل کي پرچايان | ١٢٤ |
| ١٢٥ | پُر پردي وحدت جام يا ساقي | ١٢٥ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۱۲۶ | پيالا ڏي متوالا ساقي ساغر والا | ۱۲۶ |
| ۱۲۷ | پيمانہ فيض کا پرڏي فياضي شاھ جيلاني | ۱۲۷ |
| | (ج) | |
| ۱۲۸ | جوڳي او سامي سنبت کري ويا | ۱۲۸ |
| ۱۲۹ | جيڏيون مون سان ڏوھ ٿيو | ۱۲۹ |
| ۱۳۰ | جيئن کيو تيئن اوھين مونکي آھي نياٽي | ۱۳۰ |
| ۱۳۱ | جا ساھ اچيئي ٿي ساھ کي | ۱۳۱ |
| ۱۳۲ | جاڏي ڏسين ٿو تاڏي يار آ. | ۱۳۲ |
| ۱۳۳ | جيءُ ۾ جانب جوڙيون جايون | ۱۳۳ |
| ۱۳۴ | جاڏي تاڏي تون. توريءُ کونہ ڏسان ٿو | ۱۳۴ |
| ۱۳۵ | جانب نہ کر جدائي. سانول ھجين سدائين | ۱۳۵ |
| ۱۳۶ | جت زوراور ذات. ورڙو وٺي ويا رولي | ۱۳۶ |
| ۱۳۷ | جن سان رمز دل رَلي وئي | ۱۳۷ |
| ۱۳۸ | جيڏيون منھنجي خان پنھل سان | ۱۳۸ |
| ۱۳۹ | جا جا تہ ري بانوريا | ۱۳۹ |
| | (چ) | |
| ۱۴۰ | چئو ٿا چوڙ گناھ آھي آدم الله | ۱۴۰ |
| ۱۴۱ | چيو عشق حضرت مان توڏي اچان ٿو | ۱۴۱ |
| ۱۴۲ | چشمان ديان اصلان لٿيا مين | ۱۴۲ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | (چ) | |
| ١٤٣ | چمر چمر چمڪا چيرن لايا | ١٤٣ |
| ١٤٤ | چنڊ ويهڻ جون وايون- | ١٤٤ |
| ١٤٥ | چاڪئون يار مونسان ڪري ويئن جدائي | ١٤٥ |
| ١٤٦ | چو ٿيو دل کي زخم تون نه سمجهين ٿو | ١٤٦ |
| | (ح) | |
| ١٤٧ | حسن سردار ڪيا سينگار ٿيا گلزار | ١٤٧ |
| ١٤٨ | حال پڌايان ڪنهن کي عشق جي آزار جو | ١٤٨ |
| ١٤٩ | حال دل جو ڪنهن کي پڌايان | ١٤٩ |
| ١٥٠ | حق سچائي حق ٿيا غير ڪان پري | ١٥٠ |
| ١٥١ | حسن تنهنجي تي مٺا عاشق جهان سارو آ | ١٥١ |
| ١٥٢ | حَقي عشق سندو دم پرٽو آ | ١٥٢ |
| ١٥٣ | حضرت انسان نقش صورت ۾ جلوه | ١٥٣ |
| ١٥٤ | حضرت انسان مظهر ذاتي صورت بن بن | ١٥٤ |
| | (خ) | |
| ١٥٥ | خدا ڪري جو حَسينن ڏي سدا خير جي | ١٥٥ |
| ١٥٦ | خطرا خيال لاهي هڪ خيال ياد ڪر | ١٥٦ |
| | (د) | |
| ١٥٧ | دل آهي ڪڪڙي جا فقط نذران ۾ ڏنم | ١٥٧ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ١٧٧ | دلي دربار ۾ دلبر ڳڻ سان ڳولڻو آهي | ١٧٧ |
| ١٧٨ | دليئون دان منگان دستگيران | ١٧٨ |
| ١٧٩ | ديدان ملائي ديد سان دلبر ديدار ڏي | ١٧٩ |
| ١٨٠ | دلبر مون دل اڙائي درسن لڻ ديد | ١٨٠ |
| ١٨١ | دل آهي ٻڪي دلدار سان من محب مٺي مٺار | ١٨١ |
| ١٨٢ | دلين لٽڻ کان واقف منظور نظر آهي | ١٨٢ |
| ١٨٣ | دلڙي ڍُٽي تو دلربا دم ديدان ملائي | ١٨٣ |
| ١٨٤ | دم هو الله الله آهي سواء الله جي ٻيو ڪجھ | ١٨٤ |
| ١٨٥ | داتا تنهنجي دان در تي دان ملي | ١٨٥ |
| ١٨٦ | دلربا ديدون هيءُ ديوانو دلبر ٽوڪيو | ١٨٦ |
| ١٨٧ | دم دم توکي منهنجي دل ٿي پوڪاري | ١٨٧ |
| ١٨٨ | ديدار تنهنجي دلبر دل ڪئي آ ديواني | ١٨٨ |
| ١٨٩ | دلبر ديدان واليا درسن دم دکلاڪي جا | ١٨٩ |
| ١٩٠ | در در ڦرون ديوانا هون | ١٩٠ |
| | (ڏ) | |
| ١٩١ | ڏس ته ڏيو جيئڻ يون مون منزل جو | ١٩١ |
| ١٩٢ | ڏي مست مٽخاني مان ساقي جام شوق | ١٩٢ |
| ١٩٣ | ڏس اوهانجي عشق ۾ ڪيئن حال ٿي رهيو | ١٩٣ |
| ١٩٤ | ڏينهن گذريا ڪيترا ويٺين وچي وٽکار ۾ | ١٩٤ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ١٩٥ | ڏس اچي عاشق نماڻو يار پنهنجي روبرو | ١٩٥ |
| ١٩٦ | ڏينهن ڏهاڙي رڙندي وتان مان | ١٩٦ |
| ١٩٧ | ڏاڍو ڪري آيو عشق امارو | ١٩٧ |
| | ( ر ) | |
| ١٩٨ | رخ تان پردو لاهه مان صدقي وڃان | ١٩٨ |
| ١٩٩ | رکي رمز روحاني رايا بڻ صورت آدم آيا | ١٩٩ |
| ٢٠٠ | رِيءُ هئڻ پيرين هاج سيڪاري | ٢٠٠ |
| ٢٠١ | رچ روئڻ راتيان ڏينهان آهي علامت عشق | ٢٠١ |
| ٢٠٢ | راڻا ريجهي راز ڏي مونکي | ٢٠٢ |
| ٢٠٣ | رنگ رخ برسي باد صبا موسم بهاري | ٢٠٣ |
| ٢٠٤ | راضي رهبر ٿي مل موسان راڻا | ٢٠٤ |
| ٢٠٥ | رمز نرالي آهي رمز نرالي | ٢٠٥ |
| ٢٠٦ | رانجهن رمزان نال نظاري عاشق بڻ | ٢٠٦ |
| ٢٠٧ | رانجهن سائين آيا هئي ڏمر لڳي آساڏي | ٢٠٧ |
| ٢٠٨ | رانجها ساڏي ويڙهي آيا چوڙڪي شاهي | ٢٠٨ |
| ٢٠٩ | رنگپور وچ ماهي يار وي | ٢٠٩ |
| | ( س ) | |
| ٢١٠ | سچڻ اڳڻ مون آيو مولا سر محب ملايو | ٢١٠ |
| ٢١١ | سچڻ سورتيا هن سونهان | ٢١١ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٢١٢ | سهڻل جو سينگار وٺو آ مونکي | ٢١٢ |
| ٢١٣ | ساهه سڄڻ توکي ساري | ٢١٣ |
| ٢١٤ | سهڻي سينگار ڪيو موهي منتار ويو | ٢١٤ |
| ٢١٥ | سامين سفر جي ڪئي ترتئون تياري | ٢١٥ |
| ٢١٦ | سهڻي صورت يار سڄڻ جي | ٢١٦ |
| ٢١٧ | سر برهه جو بار آ زندگي سار آ سنيار آ | ٢١٧ |
| ٢١٨ | سهڻا پيدا ٿاءِ سائين ڇو مون ڪان خفا | ٢١٨ |
| ٢١٩ | سر ڏنم سردار توکي پنهنجن نذراني | ٢١٩ |
| ٢٢٠ | سڄڻ سائين سڄڻ سائين توکي ساهه | ٢٢٠ |
| ٢٢١ | سڄ سيدا نامِ خدا آقا اسان جي التجا | ٢٢١ |
| ٢٢٢ | سهڻا سرڪ ساقي پيئڻ آهي جائز | ٢٢٢ |
| ٢٢٣ | سهڻا ڪيو اڄڻ جو اقرار جلدي جلدي | ٢٢٣ |
| ٢٢٤ | سجده ثواب سِرَ کي اعلان ازل آهي | ٢٢٤ |
| ٢٢٥ | ساقي مونکي ساغر ڏنو سرڪ سوايو | ٢٢٥ |
| ٢٢٦ | ساهه گهڻو توکي ساري وينين وارث | ٢٢٦ |
| ٢٢٧ | سدا سانگيئڙن کي ساريان مارن لاءِ ماندي | ٢٢٧ |
| ٢٢٨ | سبحان الله سبحان الله حُسن تنهنجي | ٢٢٨ |
| ٢٢٩ | ساڏا پير پيران دلپذيران دستگير هئي | ٢٢٩ |
| ٢٣٠ | سخيان جي سولي پہ هو جا مسوار | ٢٣٠ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۲۳۱ | سلطان اعظم غوثِ گيلان | ۲۳۱ |
| ۲۳۲ | سنڌي ساقي ڏني سُرڪي | ۲۳۲ |
| ۲۳۳ | سچڙ سڪ اوهان جي سدا ياد آهي | ۲۳۳ |
| ۲۳۴ | ساه سندم نت سڪ سان سرتيون | ۲۳۴ |
| ۲۳۵ | سو يار مليو آ جاني جنهن ڪٺي آ دل | ۲۳۵ |
| ۲۳۶ | سامي ستگر سناسي پورب پنت پريمي | ۲۳۶ |
| ۲۳۷ | ساقي ساغر والا پيالا ڏي متوالا | ۲۳۷ |
| ۲۳۸ | ساڏا حضرت عشق امام سرپوش ڪيتا | ۲۳۸ |
| ۲۳۹ | سانون دين ايمان درڪار نهين | ۲۳۹ |
| ۲۴۰ | سخي بادشاه داتا فيض درياه | ۲۴۰ |
| ۲۴۱ | سانون ساقي پلا پئمانه پُر پُر ڪي | ۲۴۱ |
| ۲۴۲ | ساڏا تيڙا بخت سوايا رانجها پلي آيا | ۲۴۲ |
| ۲۴۳ | ساجهر ٿيءُ سجاڳ سامي سچي ستگر | ۲۴۳ |
| | (ش) | |
| ۲۴۴ | شاهنشاه شهباز رند ونئ تاراز | ۲۴۴ |
| ۲۴۵ | شال لڳي نه ڪنهن کي ترڇي تير نظر جو | ۲۴۵ |
| ۲۴۶ | شاه جيلاني رهبر رازداني پڳدار | ۲۴۶ |
| ۲۴۷ | شمس ڪيو آشعاع اونداهي اسباب کي ڊاهي | ۲۴۷ |
| ۲۴۸ | شبير ڪربل وچ ديرا لايا | ۲۴۸ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | (ص) | |
| ٢٤٩ | صورت ۾ ساجن آهي سر سبحان جو | ٢٤٩ |
| ٢٥٠ | صبح جا سائين ھيڙا ڍني لائين | ٢٥٠ |
| ٢٥١ | صورت صفاتي سانگ سان آيو پرين | ٢٥١ |
| ٢٥٢ | صورت اوھان جي ڪعبو منور | ٢٥٢ |
| ٢٥٣ | صفت وچ ذات ھئي ڪوئي غير نهين | ٢٥٣ |
| | (ع) | |
| ٢٥٤ | عشق ڪيو آمارو اندر منھنجي ۾ | ٢٥٤ |
| ٢٥٥ | عشق تنھنجي آزاريو برھ تنھنجي بيمار | ٢٥٥ |
| ٢٥٦ | عشق اعلیٰ برھ بالا ڪيا ڪشالا ڪيترا | ٢٥٦ |
| ٢٥٧ | عشق البت عاشقن ڪي آزمائي هر طرح | ٢٥٧ |
| ٢٥٨ | عاشق ڪي انتظاري بيقراري بار بار | ٢٥٨ |
| ٢٥٩ | عشق آباد ڪيو منھنجو من شاد ڪيو | ٢٥٩ |
| ٢٦٠ | عشق جو پورو پتو پيو صاف ثابت | ٢٦٠ |
| ٢٦١ | عشق جنھين سر آيو ڪاهي | ٢٦١ |
| ٢٦٢ | عشق تنھنجي جو آزار سھڻا آيو مون تي | ٢٦٢ |
| ٢٦٣ | عشق ڪيو امدادي بادشاھ بغدادي | ٢٦٣ |
| ٢٦٤ | عاشق ناشاد لٿ محب جي منھن تي نقاب | ٢٦٤ |
| ٢٦٥ | عشق اچي اثبات ڪيڙو اناالحق جو آواز | ٢٦٥ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٢٦٦ | عشق ڪيو بيتاب تاب عتاب دور | ٢٦٦ |
| ٢٦٧ | علي حيدر حيدر ڪردي هون | ٢٦٧ |
| ٢٦٨ | عالي منزل ڪون بن ڪربل ڪون | ٢٦٨ |
| | (غ) | |
| ٢٦٩ | غازي نہ ڪن تا غفلت دم ۾ خيال دم جو | ٢٦٩ |
| | (ف) | |
| ٢٧٠ | فيراق ۾ ڦران توَ ڦير پيدار جي نموني | ٢٧٠ |
| | (ق) | |
| ٢٧١ | قلندر لعل جي شادي آهي هر سال آبادي | ٢٧١ |
| ٢٧٢ | قاصد ڪجانءِ پرينءَ کي منهنجو | ٢٧٢ |
| ٢٧٣ | قرب جو ڪاڍو ڪيڍي ڪلام چوان توَ | ٢٧٣ |
| | (ڪ) | |
| ٢٧٤ | ڪُن ڪان اڳي آ قائم قدرت فقير جي | ٢٧٤ |
| ٢٧٥ | ڪيو بره بيوس پرين پَهُ ڪو ڏِسِ | ٢٧٥ |
| ٢٧٦ | ڪر صبر بہ تہ خبر گهنشام جي | ٢٧٦ |
| ٢٧٧ | ڪانگ اڏاريان ڪاڪ جا شل راڻل ايندم | ٢٧٧ |
| ٢٧٨ | ڪيچ ڏي وينديس ڪاهي ڙي جيڏيون | ٢٧٨ |
| ٢٧٩ | ڪنهن کي مان سُور سٽايان توبن ساه | ٢٧٩ |
| ٢٨٠ | ڪيو ديد تنهنجي پرين آ ديوانو. | ٢٨٠ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٢٨١ | ڪرين ڪرم تون عاصين سائين | ٢٨١ |
| ٢٨٢ | ڪڏ آسائشي آس اندر مان | ٢٨٢ |
| ٢٨٣ | ڪريان ميهر ميهر پايان زندگي زهر | ٢٨٣ |
| ٢٨٤ | ڪيچي ويا ٿمرڪالهه روئي مون حال وڃايا | ٢٨٤ |
| ٢٨٥ | ڪيئن مان بچان ٿوڪان سواءِ تنهنجو | ٢٨٥ |
| ٢٨٦ | ڪر پيار پنهنجو پيو ڪونه ڪنهن جو | ٢٨٦ |
| ٢٨٧ | ڪنهن جي ڪين ٻڌ توُن نه ڪنهن ٻئي ڪي | ٢٨٧ |
| ٢٨٨ | ڪر نه مومل ساڻ ماڻان تون سوڏل | ٢٨٨ |
| ٢٨٩ | ڪر نه مومل ساڻ ماڻان هو الله | ٢٨٩ |
| ٢٩٠ | ڪيچئون ڪشالا ڪاف ڪري | ٢٩٠ |
| ٢٩١ | ڪيا حق ني شان وڏايا ميڏي شاه | ٢٩١ |
| ٢٩٢ | ڪٽ ڳئي ڪاف ڪشال وي | ٢٩٢ |
| ٢٩٣ | ڪيتا تن من ٽڪرڙي چير | ٢٩٣ |
| | (گ) | |
| ٢٩٤ | گيلاني غمرڪت الا واه ولهيءَ جي ڪا | ٢٩٤ |
| ٢٩٥ | گڏ مون سان ٿتِ يار آ | ٢٩٥ |
| | (ڳ) | |
| ٢٩٦ | ڳالهيون ڳڻن جون ڳايان | ٢٩٦ |
| | (ل) | |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٢٩٧ | ٺڪين شڪرانا ٺڪين شڪرانا پال پلي جا | ٢٩٧ |
| ٢٩٨ | لاالٰہَ اِلا الله مٺي آهي ٻولي ڏني ماءُ | ٢٩٨ |
| ٢٩٩ | ٻڳو عشق اجهل آزاري الا | ٢٩٩ |
| | ( م ) | |
| ٣٠٠ | ماڙ ٻچن مارن سان مولا ملائي | ٣٠٠ |
| ٣٠١ | معراج موج معنيٰ مِلت فقير جي | ٣٠١ |
| ٣٠٢ | مون کي دان ڏيو دستگير | ٣٠٢ |
| ٣٠٣ | مٺا مَنَ مور مور زور آهين تون زور | ٣٠٣ |
| ٣٠٤ | منهنجي دل ۾ دوست جا ديرا | ٣٠٤ |
| ٣٠٥ | مارو نماڻا ايندم اباڻا | ٣٠٥ |
| ٣٠٦ | مل اچي محبت وارا پيارا دل توسان لڳي | ٣٠٦ |
| ٣٠٧ | مَرُ ملامت مون وسي پل ڏيھ پيو طعنا ڏئي | ٣٠٧ |
| ٣٠٨ | مندل سندل سڀ وڻ ٿا تنهنجا ڪين | ٣٠٨ |
| ٣٠٩ | مون کي ڏي مون کي ڏي مون کي ڏي شراب | ٣٠٩ |
| ٣١٠ | منهن ڍڪيم محبوب لئہ ڪنهن رمز | ٣١٠ |
| ٣١١ | من محب ملن هڪواري دل سڄڻ | ٣١١ |
| ٣١٢ | مٺا محبتن کي تون مخمور ڪر | ٣١٢ |
| ٣١٣ | ميهر جي ملاقات جو ساجهر ٿئي سعيو | ٣١٣ |
| ٣١٤ | محمدؐ مصطفيٰ مدني مِٺن مختيار ٿيو پيدا | ٣١٤ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٣١٥ | منھنجو يار ميھار سان تيو ملڻ جو | ٣١٥ |
| ٣١٦ | مرشد مون سان ڪئي آ پلائي | ٣١٦ |
| ٣١٧ | منھنجي دل درد جو دارون سو دلبر | ٣١٧ |
| ٣١٨ | ماھي مينون پاوندا آکي رمزان | ٣١٨ |
| ٣١٩ | موسم بھار آ وصل ويچار آ | ٣١٩ |
| ٣٢٠ | منھنجي منٿ مڃين مٺار | ٣٢٠ |
| ٣٢١ | مئون عشق ڪيتا آباد مٺ پُرجوش | ٣٢١ |
| ٣٢٢ | مونکي عشق ڪيو اظھار اوھين ڇوٿا | ٣٢٢ |
| ٣٢٣ | مونکي دلبر ناڪيو ڏار ڇوٿا ايندا ڏيو | ٣٢٣ |
| ٣٢٤ | محبت تنھنجيءَ جي مٺا ڳالھ مونکان نٿي | ٣٢٤ |
| ٣٢٥ | منھنجو من ته موھيو مٺار عجب اسرار | ٣٢٥ |
| ٣٢٦ | مَنِ ته مَنِ ته منھنجي مَنِ ته مَنِ ته منھنجي | ٣٢٦ |
| ٣٢٧ | مون کي مون پرين جا پلپل پُور پَوَن الا | ٣٢٧ |
| ٣٢٨ | مٺ جي مٺاڻي مان پياريو پيالو | ٣٢٨ |
| ٣٢٩ | منھنجا ھوت ھنباھي تنھنجو نوري | ٣٢٩ |
| ٣٣٠ | منھنجي دلبر دل توسان تنھنجي ڏسڻ جي | ٣٣٠ |
| ٣٣١ | محب مٺا مٺار يار دل توسان اٿئي وئي | ٣٣١ |
| ٣٣٢ | مرد غازي گوھر غمدل پير طريقت پيشوا | ٣٣٢ |
| ٣٣٣ | مٺڙن مارن جا پلپل پور پون | ٣٣٣ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٣٢٤ | مونکي مارو سنيار بيندا هوندا | ٣٢٤ |
| ٣٢٥ | منهنجي ديدن دلڙي گهائي درسن سان | ٣٢٥ |
| ٣٢٦ | مل اچي محب ميهار ميهر يار | ٣٢٦ |
| ٣٢٧ | مهابي عشق جي ساقي مونکي شراب ملي | ٣٢٧ |
| ٣٢٨ | مونکي پلپل پرينءُ جا پور پون | ٣٢٨ |
| ٣٢٩ | مون ۾ عيب اپار يار پرچ پرين ڏس پاڻ | ٣٢٩ |
| ٣٤٠ | مارڻ لئه منهنجي پرين سهڻي صنم | ٣٤٠ |
| ٣٤١ | مون کي جيجل جادوگر جوڳي ويراڳي | ٣٤١ |
| ٣٤٢ | مونسان مل سانول سدا جيوين سانول | ٣٤٢ |
| ٣٤٣ | محي الدين ميران ميٺ تکسيرا | ٣٤٣ |
| ٣٤٤ | مبارک صد مبارک اڄ بزم برسي بهاري آ | ٣٤٤ |
| ٣٤٥ | متا محبوب سبحاني شهنشاه جيلاني | ٣٤٥ |
| ٣٤٦ | مارڻ سان مونکي ملاءِ دم دير نه لاءِ | ٣٤٦ |
| ٣٤٧ | من موهڻ موهي منهنجو مستانو کيو تو | ٣٤٧ |
| ٣٤٨ | منهنجا مارو ملک ملير هت قيد کيو | ٣٤٨ |
| ٣٤٩ | مل مونسان صنم توکي دل جا ڏنم | ٣٤٩ |
| ٣٥٠ | منهنجو يار مونسان وفادار آهي | ٣٥٠ |
| ٣٥١ | مون پنهنجي مارڻ لئه کيا ويس کارا | ٣٥١ |
| ٣٥٢ | منهنجي مارڻ جي ڏيو خبر کري | ٣٥٢ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۳۵۳ | مون کي محب جهڙو آيو ڪوئه نظر | ۳۵۳ |
| ۳۵۴ | مونسان مل مونسان مل | ۳۵۴ |
| ۳۵۵ | مست مدام ڪيو آ من کي | ۳۵۵ |
| ۳۵۶ | سنهنجو پنهل وڃي ويا ڏور پري | ۳۵۶ |
| ۳۵۷ | منڙا رات هڪ رهي وچ | ۳۵۷ |
| ۳۵۸ | متا محب مونکان ڪرين ڇوڪنارا | ۳۵۸ |
| ۳۵۹ | سڻ تيڏي پيچي هوئيان نثار | ۳۵۹ |
| ۳۶۰ | مور مڪت وارا سنهنجا موهن | ۳۶۰ |
| ۳۶۱ | مل ماهي مٺون ٿيوان باغ بهار وي | ۳۶۱ |
| ۳۶۲ | سڻ باندي بردي در دي منگنديان مهر | ۳۶۲ |
| ۳۶۳ | منڌڙي ميلاپ دي آئي سڏي ساٿ | ۳۶۳ |
| ۳۶۴ | ميڏا ماهي من ڪون ڀاوندا | ۳۶۴ |
| ۳۶۵ | مٺڻ نِتِ بيٺي ڪانگ اڏاريان وويار | ۳۶۵ |
| ۳۶۶ | ميڏا اِمير حُسينا اَمير حُسينا | ۳۶۶ |
| ۳۶۷ | موري آش رهي درشن کي | ۳۶۷ |
| ۳۶۸ | مٺڻ بِکيا منگون اِڪ آج وي | ۳۶۸ |
| ۳۶۹ | ميري مدد ڪرو دستگيران | ۳۶۹ |
| ۳۷۰ | معلوم تينون سارا فقر دا حال وي | ۳۷۰ |


( ن )

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۳۷۱ | نسنگ نانگو ينهن کيو آ | ۳۷۱ |
| ۳۷۲ | نامور پيهي نسنگ نرمل نظاري | ۳۷۲ |
| ۳۷۳ | ينهن نگو ناز نين جو | ۳۷۳ |
| ۳۷۴ | ناز واري نيڻ سان دلبر ديدان لايون | ۳۷۴ |
| ۳۷۵ | نگاهن ۾ توں آن خود خيال تنهنجو | ۳۷۵ |
| ۳۷۶ | نانگا ينهن سان نچن ٿا جن لا ٿا سر | ۳۷۶ |
| ۳۷۷ | نگرڙا نماڻي دا پال وي | ۳۷۷ |
| | (و) | |
| ۳۷۸ | وَهندي ايندو وقت اهوئي | ۳۷۸ |
| ۳۷۹ | وٽن ٿا ويڙهيچا سانگي مون سيبانا | ۳۷۹ |
| ۳۸۰ | ورد و زبان مونکي سدا اسم ياد ۾ | ۳۸۰ |
| ۳۸۱ | وڃان نتو يار جي در تي پائي الفي | ۳۸۱ |
| ۳۸۲ | واه واه وسي اسان ۾ سهڻو سردار آ | ۳۸۲ |
| ۳۸۳ | ورد و زبان شب روز کهون | ۳۸۳ |
| ۳۸۴ | وچ ميدان محبت دي کلالي کار | ۳۸۴ |
| | (هه) | |
| ۳۸۵ | هل صنباهي هوت ڏي کاهيون | ۳۸۵ |
| ۳۸۶ | هِتِ به توں آن هُت به توں آن | ۳۸۶ |
| ۳۸۷ | هن چشمن جي چالي گهوت کنا | ۳۸۷ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۳۸۸ | هڪ يار اشم ياڪي پيو يار ڪبو چا | ۳۸۸ |
| ۳۸۹ | هم راز دلربا برحال با وفا | ۳۸۹ |
| ۳۹۰ | هلي آءِ اڱڻ هڪوار صدق سَڱ وار | ۳۹۰ |
| ۳۹۱ | هردم هادي هرجاءِ وسين ٿون | ۳۹۱ |
| ۳۹۲ | هڪ دل ۾ سُور سوين سيٺي ساڻي ٿيا | ۳۹۲ |
| ۳۹۳ | هادي پير پيران محي الدين ميران | ۳۹۳ |
| ۳۹۴ | هردم اسم تنهنجو ورد ڪمايان | ۳۹۴ |
| ۳۹۵ | هن عشق جي محلي اڳيان | ۳۹۵ |
| ۳۹۶ | هن ديد جي شهيد جو داروُن دوا | ۳۹۶ |
| ۳۹۷ | هرصورت دي وچ نرمل دا نظارا هئي | ۳۹۷ |
| ۳۹۸ | هرجاءِ نظر آوندا جلوه دلبر دا | ۳۹۸ |
| ۳۹۹ | هير نماڻي دي ينٽين رانجهن آيا ويڙهي | ۳۹۹ |
| | ( ي ) | |
| ۴۰۰ | يا غوث اعظم دستگير آقا رکو امان ۾ | ۴۰۰ |
| ۴۰۱ | ياهي يار قرب قرار مٺ مهندار ڦِي آيو | ۴۰۱ |
| ۴۰۲ | يتيمن جو پيڙو آهي اوارو | ۴۰۲ |
| ۴۰۳ | يا غوث اعظم گيلاني محبوب سبحاني | ۴۰۳ |
| ۴۰۴ | سي حرفي هير رانجهي واري ع۱ | ۴۰۴ |
| ۴۰۵ | سي حرفي ع۲ | ۴۱۲ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۴۰۶ | سي حرفي حمد اوسط عـ۳ـ (تهوهيڙا) | ۴۱۷ |
| ۴۰۷ | راڻا تنهنجي راز سو گهو ڪيو صفات ۾ | ۴۲۵ |
| ۴۰۸ | سوڍي ڪارڻ سر جي ڪيديو سي دوڪان | ۴۲۵ |
| ۴۰۹ | وسائي ويراڳ کي تو ڳڻ پرين ڳائي | ۴۲۵ |
| ۴۱۰ | آءُ اچي ڏس حال سگهو منهنجا سپرين | ۴۲۶ |
| ۴۱۱ | ملندا مون مسڪين سان اجهي آيا ڄاڻ | ۴۲۶ |
| ۴۱۲ | سهڻي يار ديان سهڻيان اکيان جنهان .... | ۴۲۶ |
| ۴۱۳ | محبت دي ميدان وچون سر داسانگ سٺيجي | ۴۲۷ |
| ۴۱۴ | محبت جي ميدان ۾ ٿي ٻري برهه جي باھ | ۴۲۷ |
| ۴۱۵ | محبت جي ميدان ۾ آيا ڪوند ڪڏي | ۴۲۷ |
| ۴۱۶ | محبت جي ميدان ۾ نسنگ ٿي نروار | ۴۲۸ |
| ۴۱۷ | محبت جي ميدان ۾ ڏس جوڳين جي جڳت | ۴۲۸ |
| ۴۱۸ | مرشد مون کي مام ڏني رهه اصل جي .... | ۴۲۸ |
| ۴۱۹ | مرشد دي مئخاني وچون جام شراب | ۴۲۹ |
| ۴۲۰ | هڪ ڏهاڙي مرشد مينون ساقي سُرڪ.. | ۴۲۹ |
| ۴۲۱ | مرشد مونکي مام ڏني ته ڪُسي ٿي ڪباب | ۴۲۹ |
| ۴۲۲ | رهبر جي رمز جو رند پروڙين راز | ۴۳۰ |
| ۴۲۳ | رهبر جي رمز جو رند پروڙين راھ | ۴۳۰ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۴۲۴ | گُر بنان گيان نہ ڪوئي ڪوڪوڙين پڙهي | ۴۳۰ |
| ۴۲۵ | بيرنگ بحر عميق ۾ هوندين سدا | ۴۳۱ |
| ۴۲۶ | جلوہ تنهنجو جيلاني اچي ٿيو اظهار | ۴۳۱ |
| ۴۲۷ | حسن والي دي بخت بالي جو هوڪردي | ۴۳۱ |
| ۴۲۸ | پسڻ خاطر پرينءَ جي موٽ اکيون انڪايون | ۴۳۲ |
| ۴۲۹ | آهي شوق شڪارجو ٻي وائي ناهي وات | ۴۳۲ |
| ۴۳۰ | ديد ملائي ديد سان خاصو رک خيال | ۴۳۲ |
| ۴۳۱ | ڪاڻ ڪڇڻ چنڊ يو ڪندڪهي ڪير | ۴۳۲ |
| ۴۳۲ | هوت هليا هنگلاج ڏي جوڙڪري جنسار | ۴۳۳ |
| ۴۳۳ | ادا ڙي پانڌي نج خبرڪا ڪيچ ڏي | ۴۳۳ |
| ۴۳۴ | شاہ ولايت شال ٿيان دلبرجو دربان | ۴۳۳ |
| ۴۳۵ | اچي ويٺم ويجهڙو ستگر سنجهہ صبوح | ۴۳۳ |
| ۴۳۶ | سُرتي نرتي وَجهي ڏُرس ڏري ڏيان | ۴۳۴ |
| ۴۳۷ | بيشڪ بهادر سوئي آهي جنهن وڃايو وجود | ۴۳۴ |
| ۴۳۸ | سڪان ساريان سانگين لاءِ آهيان بيوس | ۴۳۴ |
| ۴۳۹ | شاہ ولايت شال ملان پسان وڙهيچا ولهار | ۴۳۴ |
| ۴۴۰ | جوڳي جاڳن ڪينڪي هو سدا ڪين | ۴۳۵ |
| ۴۴۱ | پاڻ وڃائي پيدرا ٿيا اهي مُتدِ نُون ڪين | ۴۳۵ |
| ۴۴۲ | ولايت شاہ وحدت جا اوتارا اڏجن | ۴۳۵ |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ۴۴۳ | ڻئين سيام سجن دي آکيان خوني خون | ۴۳۶ |
| ۴۴۴ | عاشقن اوسنداھ ۾ ٻاريو شمس شعاع | ۴۳۶ |
| ۴۴۵ | ڳوليان ڳوليان مُرلصان جانب جيھو جڳ ۾ | ۴۳۶ |
| ۴۴۶ | رُسي نہ دل کسي پر چي نہ ڏئي پيار | ۴۳۶ |
| ۴۴۷ | محبت جي ميدان ڏي اچي کوھيارا ڪاھ | ۴۳۷ |
| ۴۴۸ | محبت جي ميدان ۾ نا ننگا آءُ نچي | ۴۳۷ |
| ۴۴۹ | نازپرين ننڍن تان نرگس گھوري گھوري | ۴۳۷ |


ختم شد


ازقلم: سيد ڪوثرل شاھ

ڳوٺ ڍوڍا تعلقہ ڪنڊيارو ضلع

نوشھرو فيروز


02-08-2020

بمطابق: ١١ ذي الحج ١٤٤١ ھ .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

## (الف)

آءُ يار پنهل پرين توکي پرچايان،
توکي سهڻا سرچايان.

١- گل ڦل چوندي پيار سان پوئي،
هار گل پايان تنهنجي سيج سجايان.

٢- تصور ۾ آ صورت تنهنجي،
پلپل پچايان توکي سيني لايان.

٣- آءُ آڱڻ تي يار پيارا،
درشن پايان پنهنجو روح ريجهايان.

٤- گليءَ گليءَ ۾ جوڳي بڻجي،
ڳڙ تنهنجا ڳايان آءُ الک جاڳايان.

٥- درد هجر جون ڳجهيون ڳالهيون،
سور سڻايان توکي حال ٻڌايان.

٦- جي تون رسڻ جو رکين رايو،
پاند گل پايان سيئي سر ٽيون سڏايان.

٧- شاه ولايت روز ازل کئون،
عاشق آهيان تنهنجو ناتو نڀايان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ قصوري

آهي اصل جو اقرار سڄڻا توسان ـ توسان .
آهيون دم نه ڌڪڙو ڌار سڄڻا توسان توسان .

(١) پيرا سان جي آس پڄائي ـ واهه وحدت جي تند وڄائي،
آهي لون لون ۾ لغار ـ سڄڻا توسان توسان .

(٢) سيند سنواري سرمان پايون ـ هار گلابي گل سبا يون ،
سيئي نهن تا سينگار ـ سڄڻا توسان توسان .

(٣) هوڏ مون حُسن جون فوجان سينگاريون ـ هٿيار هٿن ۾ تير تراريون،
بيحد برڇيون بيشمار ـ سڄڻا توسان توسان .

(٤) خلق الآدم صورت ساري ـ شاهه ولايت مام موچاري،
پهريون پيدا ٿيو آ پيار ـ سڄڻا توسان توسان .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

آيو اڱڻ سڄڻ مون - مون گهر سدائين آيو.

١- نازڪ خيال منهنجو شب و روز تو تڪڻ لئه،
تنهنجي شبيهه شڪن ڪيو تنهنجي اکين اڙايو.

٢- يڪ بار تو ڏسڻ جي شب روز مون تمنا،
جنهن ڏينهن ڏسان نه توکي سو ڏينهن ڇڻ اجايو.

٣- سر تيون اوهانجي صدمن جا سِپ سور پيئي پَليم،
اڄ محب مون ڪميڻي قربُون اچي ملايو.

٤- ولايت شاهه بني بهاري ڏولي ڏلن ڏولاري،
محبوب ٿيو آ راضي دلبر درسن ڪرايو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ملهار

آيو پيارل پرچي آيو - طلب تنهين جي تن من تا يو.

١- ڳڻڻ سان لڳو يار ڳولي - پرين پاڻ ۾ ڏس تون ڍولهي
من ۾ منڙيون ٻوليون ٻولي - صاحب سڀ ۾ سمايو.

٢- دلبر لاتو دل ۾ ديرو - پرت وارو ڪو پنڌ پيرو
ڳجهي آ رمز ڳجهو آڪيرو - پرينءَ پاڻ پسايو.

٣- ڪري سينگار سدا آيو سهڻو - پائي ڳل ڳچيءَ ۾ ڳهڻو
محبت واسطي آيو من موهڻو - جنهن ٻيچ پريت جو پايو.

٤- پرين پرت مان آيو ننگ پالي - موهيو سندس منڙي نالي
شاهه ولايت سات سنڀالي - هاديءَ پاڻ هلايو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

آيو عشق اڱڻ شڪران ڇوان
سر مال سارو قربان ڪيان.

۱- حُسن تنهنجي جا سوين سوداگر، پير پيغمبر شاھ سڪندر،
تنهنجي نينهن نوائي ڪيا نوڪر، ڪيئي سائل سليمان ڇوان.

۲- ريس حُسن سان ڪير ڪري، سر شمس قمر قربان ڪري،
ويٺو يوسف مصر مڪان ڪري، ويو وسري تنهن ڪنعان ڇوان.

۳- موسیٰ ڏٺي هئي هڪڙي ذري، جنهن ڪان جبل ويو سارو طور سڙي،
ست مور نه پايان حُور پري، توڙي بهشت سندا غلمان ڇوان.

۴- سڪ تنهنجي آ شاھ ولايت، بي نه گهرجي ڪائي ڪرامت
عشق الاهي آهي عنايت، ڪوڙيا نينهن اچي نيشان نوان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

آهه اجايل عشق جو سُور توسان ٿو سلي،
منهن ڏسڻ محبوب لئهِ جيءُ منهنجو ٿو جلي.

١. عشق جي ڪر ڪا عنايت شوق شامل مون ٿئي،
پير پاءِ پيارا اچي ننڍڙر نماڻيءَ جبي ڳلي.

٢. سڪ اندر سيني سدائين موج محبت جي ملي
مست ۽ مخمور ڪر مون پرت پئي منهنجي پلئي.

٣. جهيڙا جيئون جگ سندا مهڻا ملامت مون مٿي
سي سيئي سر تي سنهر خلق پئي توڙي ڪلي.

٤. توريءَ ولايت شاهه کي نا عيش آرام ٿو وڻي،
درد آ ديدار جو منهنجو روح پيو توسان رلي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

آهن پرين احسان اوهان جا، ڪيئن لطف ٿا پايون.

١. جا ڏي ٿا ڏي نور نظارو، فيض فياض فقير جو سارو،
محب وسن مٿانا اوهان جا وِرهه ويراڳ وسايون.

٢. مشتاقي مشهور ٿيا سي، چاهه رکي چڪچور ٿيا سي.
درد ڀريا داستان اوهان جا ڳلي ڳلي ۾ ڳايون.

٣. زلف جا زنجير اوهان جا ٽڪا لڳن ٿا تير اوهان جا،
ڦري لڳن ٿا ڪانَ اوهان جا سينو ڏيون ٿا ٿا هيون.

٤. شڪر مليو آ شاهه ولايت هاديءَ وارو حال هدايت
دلبر ڏُهرا دان اوهان جا سي نه سيني سان لايون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

آهي نئوڪان سواڪير ڪنهن کي حال ٻڌايان
حيران آهيان آءٌ ته پرين ڳالھ ٻڌايان.

١. منهنجي خوشي آ توسان. توُن آن منهنجي خوشي،
جيڪرنه جيئان جڳ ۾ جي توُن وڃين رُسي،
سرتيون سڏي سيئي پرين توکي پرچايان.

٢. مشتاق سيئي ميڙي هڪ هنڌ ڪيان هٿ ڙيئي،
سانگي اوهان جي سهڻا موجان وٺي مڙيئي،
خامن ڪان ٿي خلاصو عوشاق آڻايان.

٣. منهنجي اڱڻ ٿي سهڻو سُرهو سدا هجي،
تن مال ڏن مڙيوئي تنهن تان فدا هجي،
قربان ڪريان جان ساري گهوري گهمايان.

٤. دلبر وڏا هن دام ۾ سڀ محبتي ميڙي،
رهبر ريجهائي راڳ سان ويٺو ساز کي ڇيڙي،
شاھ ولايت عشق کي ناچو ٿي نچايان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

آهي پرت پنهل تنهنجي پياري، لَهُ سارَ سِگهو هڪ واري.

۱- سڪ تنهنجي آسانول سهڻا، آءُ اچي مِل محب تون مُهڻا،
تون نہ گهوٽ نہ وجهہ ڪا گهاري.

۲- هيڪر آءُ تون يار پيارا، جانب منهنجي جيءَ جيارا،
سِر صدق ڪيلن سَوُ واري.

۳- محبت جو مشتاق جي من ۾، هيءُ هيءُ جانب جيءُ منهنجي ۾
ڪانُ صنيُئي ڪوڪاري.

۴- برهہ بيمار ڪيو آمونکي، ڪر گلزار گلشن جان دل کي
جيئن باغ ڪري تہ بهاري.

۵- هاڻي هيئن تون ويهو نہ وساري، شاهہ ولايت جي آءُ اوتاري
دلبر ڏار نہ ڪر تون ڏاري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

آيو آيو دلبر منهنجو- سونهن پريو سلطان.

١- ڪڙين آگم ڪياهن دل پر- ريه ڪجل جي ڌار،
عوشاقن جي عيد ڪرڻ لئہ- تکي آهي تلوار.

٢- چاه منجهئون ٿو چاڪ سڏائي- ڇڏي تخت هزار،
هير جي خاطر چاه مان چاري- مرضيءِ جو مختيار.

٣- مرليءَ مست ڪيو آجنهن جي- توحيدي تنوار،
هير جي خاطر ڪنهن سان ٿيو، پرت سندو پينار.

٤- شاه ولايت سور ستايل- برهه سندو بيمار،
ٽُرت ٿيو آ تنهنجي آئي- بيحد باغ بهار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

آهي انهين صفت وچ ذات - احد اثبات پيو لوين لطيفي لات ٠

(١) پاڻ پيجري پکي ٿو پولي - آيو الانساني چولي،
آهي قادر منجهه ڪائنات - احد اثبات .................

(٢) لکين روپ رنگو رنگ پائي - سوين سهڻل ويس مٽائي،
پسو تصور ۾ تجلات - احد اثبات.......................

(٣) ڪاٿي عاشق ٿي آوازي - من موهيو مام مجازي،
ڪري محبن سان ملاقات - احد اثبات...............

(٤) صحيح صورت ڪي سينگاري - مشتاق محبتي ماري،
ڪيئي ڪجلي ڪٽاري ڪات - احد اثبات.................

(٥) سهڻو ساجن سر ۾ سمايو - مونکي پير مغان پرجهايو،
تيلاهون ٿي آ تسلات - احد اثبات .....................

(٦) ٿي شاهه ولايت شائق - ساري فيض فقرجو فائق،
ڪر بيشڪ برهه جي بات - احد اثبات ..................

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

آءُ يار اوري پرين وچ نه پري- ملي پيار سان دل کي پرچايون،
آءُ اڱڻ هلي ڏ ني لوڪ پلي - وري وصل وفا جون واڌايون.

(١) مل موٽسان صنم لهي رنج وَالَم- متا پنهنجي مريض جو ڪر مرهم
درد دل جي دوا ناهي توکان سوا - پيا ويچ ڪهڙا پيا لهرايون.

(٢) دل توکي ڏني سؤدو سر جو ڪيم- سپ مهڻا ملامت سر تي کنيم
توکي يار ڪيم توسان پيار ڪيم- وينا وات ٿا تنهنجي واجهايون.

(٣) پايون پيچ پچي لايون نينهن نچي- محبت کي ملهايون محب مچي
قربان ٿيان جايون جيءُ م ڏيان- پنهنجي رُوح کي وينا وندرايون.

(٤) عاشق تي رَوا ڪر نه جور وجفا- سڪ سوز وارن جي سُڻج صدا،
مان تنهنجو مگر ڪجهه قياس ته ڪر- اهڙيون نه ڪجن بيپرواهيون.

Gul Hayat Institute

(٥) انسان بشر چيا ديو دشر- آهي ڪل تي غالب عشق اثر،
چيا حُور پري پسي جلوه گري- سپ حسن شمع تنهنجي شرمايون.

(٦) ڪي ديوان ٿيا ڪي مستان ٿيا- ڪيئي ولايت شاه سلطان ٿيا،
تنهنجي در تي گدا ڪيئي فقير فدا- حڪ نام تنهنجي کي ساراهيون.

## ڪافي روپ پيروي

آهيان پنهل جي ڪوني توڙي ڪري- ڪوني توڙي ڪري ماڻهو چون چري.

١- ليکي لکيل هان پکي مان پتي جي- جيءُ اڙايم رهاڻ رتيءَ جي،
ڪيچين ڪاڻ نه ڪا منهنجي ڪانه سَري.

٢- چوماڻ ڏولاوَن ڏکن ڪاڻ چايس- لڙهندي لهوار ڪنيءَ هٿ آيس،
ڪيئڊ وقصد ڪري آندو ذوق ذري.

٣- ديد سان دلبر دلڙي لئي ويو- رمز سان راڻول راند ڪئي ويو
منڊ منتر چوان ياڪا جادوگري.

٤- ناقص نندڙ مان آهيان اياڻي- سَيچ پر سيد ٿيندو ساڻي
ڪيچي قرب ڪندا آهيان عيب ڀري.

٥- ڪيچان اوري ڪين وارن مون- جت لڏ جيئان توڙي مران مون
ڪاڻ ڪوهه ڪُلئي ويندس وندروري.

٦- شاهه ولايت شال ملان مون- هوت ڏي حب مان ڄڻيئن سان هلان مون،
جيئڙي جت ڏسان وڃان ڪين مري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

آيا ونجارا ونڪارن جا - ڪيئي سازڪيائون سرتارن جا.

(١) سوزسڪ جا ساز وڄائن - لعل لباس سان لنوڙي لائن
نوان نقش ناياب نظارن جا.

(٢) ڏوم ڌم جي ڏيسر ڏياني - گت مت گرجي گينسر گياني،
وھ وحدت جي ونجارن جا.

(٣) پارکو پرک جواھر جا - سون صراف گواھر جا،
واصف وصف ويچارن جا.

(٤) آيا ديس امن اداسي - مٺڻاني ۾ محب محواسي،
منھن مھتاب مٺيارن جا.

Gul Hayat Institute

(٥) سامي ستگرسنت سوپارا - جوڳي جيءَ جيارڻ وارا،
آھن عرش آستان اوتارن جا.

(٦) شاھ ولايت شوق سان شائق - عادل اويسي عارف عاشق
صحيح سخن صوفي سچارن جا.

# ڪافي روپ پيروي.

آءُ وري تو سوا نا سري - برھ تنھنجي ڪيو با نوري
لوڪ سارو چوي ٿو چري.

۱- ڳڪي تنھنجي پنھل مان پيس - تي وس ڪان مان بيوس ويس،
نينھن تنھنجي نھوڙي نيو - پيچ پيوند پريمي پيو ،
آگ عشق جي اندر ۾ ٻري.

۲- تنھنجي دردن ديوانو ڪيو - تنھنجي محبت مستانو ڪيو ،
ٻول ڀڳڻ ڀير ٻول توُن - خوبرو خيال سان ڪول توُن ،
دائما ديد درسن دري .

۳- توتان صدقي مان سر جي گھوريان - ڪنھن سان حال اندر جا اوريان ،
ھڪ ھردم ھجين توُن مون سان - واسطو ناھي ڪو عام سان ،
خاص خلوت ھجي خوشتري.

Gul Hayat Institute

۴- شوق ٿئو شاہ ولايت وڃان - ايمي آھن اميدان اجان ،
پاڻ پنھنجي پنھل ڪي پسان - روح راڻي رڻ ۾ رسان ،
راہ ۾ رھبر ڪندو رھبري.

## ڪافي روپ ڀماڙي.

آهي رمز رندن جي نرالي ـ سهڻي چال عجائب چالي.

١- اهي جوش منجهان ٿيا جوشي ـ نہ بہ ظاهر ۾ خاموشي،
هوشيار رهن حال پوشي ـ منجهہ محبت مالا مالي.

٢- ڏسي عيش تينن جي عشرت ـ ڏاڍي عام کي آهي عبرت،
چاڙهي قرب ڪئي کي قدرت ـ اهي حيرت ۾ پيا حالي.

٣- ڪاڏي گوءِ ڪيڏي ٿيا غازي ـ ڪاڏي عاشق ٿي ڪن آزي،
رند روز رضا منجهہ راضي ـ خاصي خيال ڪيا خوشحالي.

٤- آهي عشق جي خاص امانت ـ ساڻ اڪبري آهہ شهادت،
ٿي واصل شاهہ ولايت ـ آيو نظر ۾ نور جمالي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

آيو ٿي انسان - محبت مهر ڪرڻ لئه.

١- جڏان عشق ڪئي هئي سرسي - تڏان عرش چڏيائين ڪرسي
سينهڙو لائي ساز بنائي. نڪري ٿيو نيشان .

٢- ميم جو برقعو پائي- آيو احدئون عبدسڏائي،
سئير ڪيائين عرش ماٿائين. سائيو ٿي سلطان .

٣- ديدسان ديد ملائي - اتي قاب قوسين الائي،
آواز نهائي الانساني - سر سائيو سبحان .

٤- اصلي هو بي مثلي - جتان پيدا ٿي هئي مثلي
شاه ولايت ڪيو نهايت. تسلي سان اعلان .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي .

آهي موسم وصل جي بهاري - ڪج ڪا ستاري ،
اڱڻ منهنجي اچ پيارا .

۱- هت سڪندي سڪندي سال ٿيا - تو بن رهيٺا حال ٿيا ،
آ، تهدل ڪري ڪا تياري - هلي هڪواري .
اڱڻ منهنجي اچ پيارا .

۲- آهي تنهنجي ملڻ جي سڪ سائين - مج منٿ منهنجي هڪ سائين ،
پرت تنهنجي پنهل آهي پياري - ايها انتظاري .
اڱڻ منهنجي اچ پيارا .

۳- غم گوندر ۾ ڪيئن گهاريان مان - ڏو دمر دم توکي ساريان مان ،
دلدار ڏيو دلداري - ڪري قربداري .
اڱڻ منهنجي اچ پيارا .

۴- تنهنجو شاهه ولايت شائق آ، اصل اداسي عاشق آ ،
مان هيصر ٿيان بلهاري - صدق سؤ واري .
اڱڻ منهنجي اچ پيارا .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

آهي آريءَ جي الفت اندر ۾،
پيئي وڏڙيان ڏي وَرُمان وندر ۾.

١. ڪري ڏير ڏکي ويا ڏهيلي. هتئون هاڙهي هليس مان اڪيلي،
ڇڏي ساٿي ويا سيج صفر ۾.

٢. ڪاهي ڪيچي اڱڻ منهنجي ايندا. سڏ واڪا سٽايل جا سڻندا،
او چنگارون ڏکيءَ جون ڏونگر ۾.

٣. چوٽيون سرتيون مونکي سمجهايو. اڳي سورن گهڻو آستايو،
جوش جاري ٿيو آ جگر ۾.

٤. چاڪئون چوري چپر ۾ ڇڏي ويا. غم گوندر ۾ گولي گڏي ويا،
اهڙي نسبت ڏسي ڪا نندر ۾.

٥. شوقئون شاهه ولايت وڃان مون. ايهي آهن اميدان اجان مون،
پسان پنهنجو پنهل پل پهر ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پهاڙي.

آهي جن جو آسرو
مارن سان ملنديس الا.

١- پکڙا سيباڻا ساهه کي ووساهه کي- محل ماڙين کئون بس الا.

٢- سهيلين سان سنگ ۾- خوش وهي کلنديس الا.

٣- امڙي عمر تو ۾ ڪانڪا- صحبت سونهن سرس الا.

٤- مارن ساڻ ملهير ۾- هر دم شل هونديس الا.

٥- پياسي پنهوارن کي- پلڪ ۾ پسنديس الا.

٦- شاهه ولايت شال مون- ٿر وهي ٿينديس الا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

آڌوتن آيون سوريءَ جي،
سرانجام جون خبرون.

١- ٻڌي ٿهال ٿيا نا ٺگا،
سندرا اڇن ساهيون.

٢- گاروڙي گُر ڏي هليا،
لا ٻجا پـــا لاهيون.

٣- فيض دريا جي فيض جون،
کيون بگــن پيلا يون.

٤- سر ڏيڻ لئہ شاھ ولايت
اچي ڪات مٿان ڪاهيون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

آيو پرين اندر ۾ باقي حجاب ڪهڙو،
پردو پيو پڌر ۾، باقي نقاب ڪهڙو.

١- پيدا ٿيو آ آدم صورت منجهان الاهي،
سمائيو سيني ۾ باقي خراب ڪهڙو.

٢- دلبر جا داب ڏڙڪا جيتر آهي جُدائي،
دم دم پرين نظر ۾ باقي عذاب ڪهڙو.

٣- حيران ٿيا حورن تي عقبيٰ سندا طالب،
پر ديد مون دلبر ۾ باقي ثواب ڪهڙو.

٤- مرد مولىٰ ڏي مائل اڙبندا انڪنهن ۾ عاشق،
جن جي صفائي گهر ۾ تن سان حساب ڪهڙو.

٥- شاهي آ شاه ولايت واري وحائي وحدت،
بالا پرين بشر ۾ زياده نواب ڪهڙو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

آءُ محب مٺا منٺار، سچڻ سردار، داٺر دلوارا،
اچي پاڻ پسائج پيارا.

(١) هيڻي هجر پرين حيران ڪيو- محبت ۾ مستان ڪيو،
ايهي سانديان سيني ۾ سور- پون ٿا پُور داٺر ڏک وارا.

(٢) آهي پلپل پياس پسڻ جي- مٺا محب اوهان سان ملڻ جي،
ٻڌي ارنيءَ جو آواز، ڪريون ٿا ناز نزاڪت وارا.

(٣) آيو اڱڻ پرين اوتاري- اچي پياس وارن کي پياري،
پيالو پري پُرجوش ڪري مدهوش خمر خمارا.

(٤) ناهي سٺڙي شاهه ولايت- گڏ محبت ساڻ مصيبت،
ناهي عامن جي اُت جاءِ- ڪري هاءِ هاءِ، پليا پلڪارا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

آءُ يار جاني آءُ يار جاني- تو لئه آهي ڏاڍي پريشاني.

١- لاهي حجاب کي گهنڊ تو تون کول، ڀڄڳڻ اکيان سني ٻولي تون ٻول،
درشن خاطر آهي دل ديواني.

٢- نينهن اسان سان نئون ڪري لاءِ ـ ٻير ٻري ٻنهنجا اڱڻ تي آءُ،
مون تي ڪري اچ مهرباني.

٣- واعدي وفا ڪان وساري نه ڇڏ- ٻنهنجي دل تان سڄڻ تون ڏڪاري نه ڇڏ
ڪيو قرب ٻنهنجي جي ڪامراني.

٤- شيدا شاه ولايت آ- عشق تنهنجي جي علامت آ،
نرمل ڪيو ڪا نگهباني.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ توڙي

آءٌ پرين تون کُهُ اچي - منهنجو توکي اختيار آ،
في سبيل الله جي ساجن منهنجو سِرڙو اگهاء.

(١) مون رکيو آ سِرُ اَڏيءُ تي دير دلبر تون نه لاء
رِيءُ کهڻ تنهنجي پرين جيئڻ هتي جنجال آ.

(٢) آءٌ ڪُسي قربان ٿيندس منهنجو نالو منجھ عاشقان
جيئن سولي منصور چاڙهيئي هيءُ خبر سڀ عام آ.

(٣) جي کهين پنهنجي هٿن سان سا سعادت مون مٿان،
ماس ڏي منهنجو ورهائي عيد اضحيٰ جي بجاءِ.

(٤) ڪيڏي ڪتاري کهڻ واري ڳلي منهنجي تي وهاءِ
خون جو خريدار ٿي تون لاش لهُوءَ ۾ لُڙهاءِ

(٥) شاهه ولايت سان اچي ڪر راز پنهنجو رهبرا
فيض جا مالڪ فياضي سائين تو کي سوال آ.

Gul Hayat Institute

قصيدہ روپ پيلو

آوين كربل دا والي مكڑا وكلائي وينداء،
شير خدا دا جاني جلوہ دكلائي وينداء.

١- افضل توقير تيڏي وبكي تيقدير تيڏي،
رُئند همشير تيڏي تنهن كون پرچائي ويندا.

٢- تنها هي آيا گهوڑا كتّان هسوار چوڑا
كيوين بن گيا وچوڑا سبب سمجهائي ويندا.

٣- صابر سلطان تون هين نيزي نشان تون هين
ناطق قرآن تون هين سبق پڑهائي ويندا.

٤- طفل بي شِير كون، امت دي پير كون
اصغر صغير كون پاني پلائي ويندا.

٥- بنڑي دي سيج آئي حوران ني مينڌي لائي،
ڳاني تي سهري پائي قاسم پرڻائي ويندا.

٦- عابد اسير بن گئي ظالم زنجير پا گئي،
كيهي تكسير بن گئي ظلمت مٽائي ويندا.

٧- جذبي قضا دي سيد صاحب رضا دي سيد
راہ خدا دي سيد كُنهنبا لٹائي ويندا.

٨- پياسي هي سائل تيڏا محبت م مائل تيڏا
كمتر هي قائل تيڏا اپڻا بنائي ويندا.

٩- منزل هئي پائي عالي خيما هئي كر گيا خالي
پياري امت دا والي جهوك لڏائي ويندا.

١٠- شاہ ولايت كون شاہ وگداء، كُون،
طالب كوتاہ كون راہ بتائي ويندا.

Gul Hayat Institute

## ڪلام روپ پيروي

آيا اننس دي اولي ماهي - او موهن ميمر دي مُرلي چائي .

۱- بڻ جوڳي رانجهن آيا- در چوچڪ چاڪ سڏايا،
ول ول آکي ويس وٽاکي- برهه ڍي بِين بجائي .

۲- بَڻ بشري پيد نياري- او ته اپنا ويس اتاري،
انا عرب بِلا عين اشاري- آکي احمد بات بتائي .

۳- سر تاج ڪلنگي سهرا- والفجر و يکايا چهرا ،
الف تي ميم دا نينهن نظارا- چشم سڄڻ چمڪائي.

۴- وه وحدت ونجهلي وڄيندا- او ته قالو قول بليندا ،
آپ هٽي ڳيت اناالحق ڳاوندا- انحد ڏوم مچائي .

۵- هوڪي سائل منگدا بکيا- ڏيوين خير سڪون اڻ لکيا،
آپ هي بين بجاوڻ سکيا- سانون ڦوڪ فراق سنائي.

۶- چوڙي شاه ولايت شاهي- آ تي رنگپور ٿي ڳئي راهي،
آپ هئي سلطان آپ سپاهي- در در ڪريندا گدا ئي .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي .

آيا بشري برقعا پائي چاق سندا - شولي شوق دي شاهنشاه

۱- آيا تخت هزاريُون ٹُردا - سهڻا سوداگربن سردا ،
هوڪي جوڳي جلوه ديکاتي ويس وٹا .

۲- سانگي سئير دي بن سئلاني - سرپوش ڪيتا سلطاني
انهين رنگپور ڪون رنگ لايا بيک بنا .

۳- واه وحدت ونجهلي وڄاوي - کسڑا سنديءَ کناري ڳاوي ،
ماهي ميم دي مرلي چا بين بجا .

۴- چوڑي شاه ولايت شاهي - آيا مندر ميڏي وچ ماهي ،
آکي برهه دي بات سنا انا الحق الا .

Gul Hayat Institute

## نعت روپ بھیروی

آجا میرے آقا سخی نورُ الھُدیٰ، مکی مدنی پیا،
تجھے القاب اعلیٰ ہے خیرُ الورٰی، مدینے بُلا۔

۱۔ جب معراج پہ سرکار جانے لگے، ہر نبیوں کی پیشوائی پانے لگے،
سرورِ سلطاں انبیا، لقب ہے ملا۔

۲۔ عرش مُعلیٰ پہ جب جایا نبیؐ، پاک درگاہ میں پاؤں پایا نبیؐ،
یوں حق نے کہا کہ آؤ دلربا۔

۳۔ وصلِ شب میں محبوب نے پردا کیا، حق نے کہا کہ پردا اُٹھا،
اپنے شیدا کو اپنا درشن دکھا۔

۴۔ تیرے سوا کوئی سہارا نہیں، اور دیکھنے میں کوئی دُوارا نہیں،
میں محبت تیری میں ہوں مُبتلا۔

۵۔ دربار میں ڈولھا جو کوئی آوے، ہر اک اپنا مطلب پاوے،
اب دیجئے ہمت کردے اہلِ صفا۔

۶۔ کوئی دنیا کے دور کی لذت مانگے، کوئی عقبیٰ میں حوروں کی عشرت مانگے،
میں تو مانگتا ہوں تیری محبت مصطفیٰ۔

۷۔ تیرے در پہ ولایت شاہ و گدا، جن و بشر اور ملائک فدا،
یتیموں کے رہبر ہو راہِ نما۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بروو

اکڙيون عجب ڀنهن لاءِ، ٽيائي - ريجهائي - رمز سان رٺيون دليون.

١- ڪشش ڪرڻ ٿيون هوقاتل - عاشقن تي اصل،
وري وري واجهائڻ ڦاسائڻ آهن پرت مان پياريون پليون.

٢- فوجان حسن جون فرنگي جنگ جهاد ڪرڻ. گهوٽ گهورڻ سان گهائڻ،
ڪُهائڻ ڪرائڻ ڪار قتل جون ڪجليون.

٣- سيف ابرجا سر تي سٽن سرواهيون - سيٽي ماري مشتاق کي،
جيارڻ سيکارڻ سبق سورڻ جا سليون.

٤- بکيون بحري باشن جان زوران زوري لڙن - خون جگر جو،
کائڻ پچائڻ سي راهه ۾ جنهن سان رَليون.

٥- اوج اٿر سان اُهي ٿي ريت سان راند ڪٽڻ - مانجهي مرد
مڻائڻ نوائڻ مشتاق موج سان محڪم مليون.

٦- دور درازي ڪري ٿيون مارڻ - مشتاقن کي مژگان چوٽ چشم
چمڪائڻ چلائڻ جلائڻ - برق انوار جون بجليون.

٧- سيار سلطان ڪٿي وير بهادر ولايت شاهه گداءِ
بڻائڻ گهمائڻ بڻائڻ ڳوٺ ڳوٺ جون ڳليون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڏرگا ملهار.

اوپرديسي تنهنجي پسڻ لئهِ پُڪارِي ڪوليِ حال ٻڌايان ،
منهنجي دل توکي ساري .

(١) مشتاق مُدامي عاشق آعلامي ـ سنڌ ٿيو سلامي ـ ويٺو واٽون واجهايان ،
رند راھ نهاري .

(٢) آهي درد وندي دل ـ پُور ٿيو بلبل ـ ٿيو روح آرلمل ـ ڳوڻ تنهنجا مون ڳايان ،
سازن ڪي سينگاري .

(٣) تنهنجي نيڻن ڪيو نيشان ـ اصل کان عُريان ـ ٿيان دم قدم تان قربان ،
سر گهمايان گهوري .

(٤) شيدا آهي شاھ ولايت ـ سرِ ڪين ٿي ساعت ـ ڪيو مستان محبت ،
پَمَ پُور پچايان ـ ويهه نه وساري .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اڱڻ اسانجي آءُ منھنجا دلربا. نينھڙو اسان سان لاءِ منھنجا دلربا،
منھنجا دلربا.

۱- ڀڙيون پيار تو ڪيو اقرار تو ڪيو. عشق پنھنجي ۾ اظهار تو ڪيو،
سوز وارا نه سڪاءِ منھنجا دلربا.

۲- تو الفت ڪئي مون سان محبت ڪئي. طلب پنھنجي جي طاعت ڪئي،
صدما ڏئي نه ستاءِ منھنجا دلربا.

۳- دلڙي لُٽي وٺين سوز ۾ سٽي. گھور گھونگھٽ سان گھايل گھٽي،
گھڙيءَ گھڙيءَ نا گھاءِ منھنجا دلربا.

۴- شيدا شائقن ڪي پنھنجي عاشقن ڪي. قتيل فيراقي فائقن ڪي،
پيار ڏئي پرچاءِ منھنجا دلربا.

۵- شاھ ولايت سان عشق علامت سان. سُپر سچي سڪ صداقت سان،
پيچ پريت جو پاءِ منھنجا دلربا.

Gul Hayat Institute

﴿٣٣﴾

## ڪافي روپ پيرو

اڳي جاڳ مسافر سويلو- هتان هلڻو آهي اڪيلو.

١- پنڌ پري ڳي منزل ڀاري- وطن وڃڻ جي ڪر تون تياري،
ڪر سک جو ٿمر سويلو.

٢- سنگتي ساٿي ساڻ نه هلندو- ڀاءُ ڀاڻي پيءُ ماءُ نه هلندو،
هڪ مرشد سان ٿيندو ميلو.

٣- هر ڪا هلندي اڄ ياسڀاڻي- پنهنجي ڪرڻي پرڻي جاڻي،
گرو هجي توڙي چيلو.

٤- جهڙي ڪرڻي ٿهڙي ڀرڻي- هر ڪا ٻانهين پنهنجي ترڻي،
ايندو وقت اويلو.

٥- دنيا دولت ساڻ نه هلندي- مايا ملڪيت اتي ئي رهندي،
هل همت ڪري حيلو.

٦- پنڌ پري ڳي وطن ولايت- شاهه فياض جي ٿيندي عنايت،
ٿيندو ساٿ اربيلو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ سورٺ

ايندو عاشقن کي ايذاءُ، ڏيڻ ٿو ڏات چوان.

۱- آدم حوا جو جوڙيُئي جوڙو، تنين ۾ وڌُئي وڇوڙو،
رُئندا رُئندا راهه آيا عرفات چوان.

۲- نوح ڪشتي طوفان ترائيُئي، آتش خليلي باغ بڻائيُئي،
پرين تو پرچاءِ گھاٽي گھات چوان.

۳- ڪٿ پريت مان پرين گهرائين، ڪٿ اجايل عاشق مارائين،
سارو تو کي سماءُ کهڙي بي بات چوان.

۴- عاشق تون معشوق تون آهين، ڪِٿِ ڪُھين ڪِٿِ پاڻ ڪُھائين،
وهه واهه ولايت شاهه ڪري اثبات چوان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

اصل آري ڄام سان محڪم مجاز آ،
ازل کان اسان تي لازم لحاظ آ.

١. سڪ منجهان پيدا ٿيو سرور لئه سارو جهان،
لولاڪ لما خلقت الافلاڪ جو آواز آ.

٢. مستيءَ ۾ مخمور ٿي مجذوب ڪيو آ محبت،
دل اندر دونهون دکيو دائم دراز آ.

٣. خوماري خيال کي اڏاري عرشين نيو،
ڪاٿي ترسيو ڪينڪي بصري شهباز آ.

٤. عشق رهبر رهنما اثبات ڪيو الله کي،
شاهه ولايت شامل ٿيو هادي شاهه فياض آ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بسنت

اچي ٻيٺو آ يار اڌيءَ ستي
ڪڍي ڪوپا ڪنڌ ڪُهاءِ.

١- هيٺن پنهنجي پاڻ ڪهي ٿو،
ويهم ويرم هڪڙي لاءِ.

٢- برھ جي بجلي ٿي چمڪي،
پتنگ پنهنجو پاڻ پچاءِ.

٣- هُٽي جا اميد تنهنجي اندر ۾،
پنهنجي من جون مرادون پاءِ.

٤- شاهه ولايت سنبري آيو،
ڪه پرين هاڻ ڪات وهاءِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

اڳڻ آيو يار جاني دل پياري ٿئي بهار،
ٿي خدا جي مهرباني دل پياري ٿئي بهار

(١) باغ ۾ برسي بهاري - سبز ٿيو سارو چمن،
گلزار غنچو گلستاني.
(٢) بلبلا مڙي باغ ۾ - ڏين واڌايون وصل جون،
ٿي خوشي حاصل خنداني.
(٣) پياس پوري پيار جي - پياسي هُيس پيمان لئه،
جام مليو جاوداني.
(٤) اڄ احسن جي اچڻ لئه - سيج مون سينو ڪيو،
مائڻ سدا حسن و جواني.
(٥) پٿونرءِ گل پاڻ ۾ - واس وصالي وسن،
ٿي بهاري ويئي ويراني.
(٦) خوب خوشتر جي خوماري - خوب ترخوشبوءِ ڪلي،
مشڪ عنبر خوش ختاني.
(٧) مشتاق ڳنڍ محبوب سان - ميلاپ ۾ مشغول ٿيا،
گفتگو ڪن بر زباني.
(٨) شد وصال باخدا - واصل ولايت شاه ٿيا،
محبوب عاشق آشياني.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

اثبات ڪر الله کي وحدت وصل ويساه ڪسي،
چنڊ نگيءَ جي نانءَ کي وو نانءَ ڪيي.

١- مغان جي منخان ۾ سر ڏني سُرهو ٿئين،
وٺ واه گروءَ جي واه کي روشن رنداني راه کي.

٢- قفس جي هن دام کان اصل پنهنجي تي اڏام،
آمين ڪر اصلاح کي هاديءَ همراه کي.

٣- مورت جي محلات ۾ صورت سند وسينگار ٿيو،
ڏس عاشق آگاه کي وصف وجه الله ڪسي.

٤- ڇا هيئن هت ڇا تي آيئن ڇا اصل تنهنجو نقل،
گمراهي چنڊ گواه کي ڪور شب اونداه ڪسي.

٥- وڃ هڻ ڪان هڪ ٿيئن حباب قلزم جي اندر،
ڏس فنا في الله کي بيشڪ بقا بالله ڪسي.

٦- نڪري نفي ناسوت کان موج ماڻ ملڪوت جي،
ڪج نظر نور نگاه کي مظهر مثلي ماه کي.

٧- جاءِ نشين جبروت ۾ فلڪوت ۾ فالمرهين،
پس درسن درڪ درگاه کي ڪر قائم قلبي ڪاه کي.

٨- آشيان تنهنجو اصل لامڪان لاهوت ۾،
آزاد ڪر ارواح کي ساڪن ساه پساه ڪسي.

٩- هم وطن هاهوت جي ياهوت کان برخيز تي،
سڄڻ صاحب سچي صلاح کي نينهن نسنگ ناگاه کي.

١٠- فيض درياهي فيض مان ونڊ وحدت جو مليو،
وصل ولايت شاه کي صوفين سچي سپاه کي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

اکيون ڪن آثار جو ڙي جنگي جنسار،
دم دم ۾ ديدار سينهن لائي نيشان ٿي.

١- اڄي اکيون امالڪ اڙيون - ڪنهن جوڳي جادوگر جڙيون،
هٿي منڊ منتار ڪيو دل جو شڪار.

٢- اکيون عشق عجب ٿيون لائن - ڪري گهور گهونگهٽ سان گهائن،
ڪن حملو هر وار ڪٽي خنجر تلوار.

٣- اکيون تجلو پسائن طوري - مچي موج منجهان منصوري،
نوڪ نيزي نروار سولي مٿي حسوار.

٤- اکيون اکين سان ڪرن لڙائي - ڏاڍي چوٽ چشم جي چڙهائي،
ڪن قتل جي ڪار قهري ڪجلي ڪتار.

٥- اکيون اشم ڪرن ٿيون اعليٰ - انت نيڻن جا ناز نرالا،
ٿي خوني خريدار تير تفنگ تيار.

٦- اکيون آهن اڏيءَ تي عاشق - شيدا شاهه ولايت شائق،
پرچي پنهنجو ڪن پيار وهندي وصل وهنوار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

اڪڙيون اوهان جون ڪيف ڪڪوريون اڻ جهل عين امير،
ڪن ڪهڻ سان ڪلور ڪيڏو مارڻ تفنگي تير،
نشانبر ٻڙڇون بينظير.

۱. چشم چلائڻ ڪان ڪتاريون - سڪ جي وهائڻ سِير،
ڪم قتل جو ڪن ٿيون قاتل طالب ڪي تڪبير،
وجهن ٿيون چاق اندر ۾ چير.

۲. ابرو سَيف ستن سرواهيون شهيد ڪن شمشير،
ڪاڪل پيچ پريت جا پائڻ زلفن جا زنجير،
لَٽن ٿا نٽن سياه بسير.

۳. حُسن هزاري نيم نقابي ارنيءَ جي نه اُڪير،
منهن ماهتاب چراغ روشن بدر ماهِ منير،
تجلي طور سينا تصوير.

۴. همت حقيقي حال هدايت واصل وحدت وِير،
شوق ڏنو آ شاه ولايت پنهنجي پارس پِير،
ڪيو آ فيض درياه فقير.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

آڳڻ اسان جي اڄ اوسائين،
پنھنجو پاڻ پسائي پھچ اوسائين.

١- جامون پائي جوڙ جُسي ستي،
نازڪ ناز سان نچ اوسائين.

٢- لا تقنطوا من رحمة الله،
سخن اوھانجو سچ اوسائين.

٣- عشق تُنھنجي جي آڳ ٻري تي،
من منھنجي ۾ مچ اوسائين.

٤- شاھ ولايت ساڻ پيارا،
رڳ رڳ اندر رَچُ اوسائين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

اکڙين جي آرسان پلپل پيارسان - درسن پياسي دلبر دائم ديدارسان.

(١) دلبر ديدان لائي دم دم درسن ڪرن دليون - پيار منجهان پليون
رمزان رُوئي رُخ رهبرسان روبرو رَليون - مَوج سان مِليون
محب منٺارسان دلڙي دلدارسان.

(٢) مژگان موهن مارسان مرد ڪيئي مهير - با نڪا بينظير،
آهوعين انڙسان آهن اربيلا اڪسير - تجلا تي تصوير،
سهڻي سينگارسان شڪرگفتارسان.

(٣) نرگس نيڻن ناياب نشانبر بينهن نسنگ لائن - ڪري نازنوائن،
پيوند پيچ پريمي پيارا پرت منجهان پائن - ڪري قيد ڪُهائن،
خوني خومارسان ابرتلوارسان.

Gul Hayat Institute

(٤) شاهي شوقنُون شاه ولايت شائق شورشرابي - ڪمان قوس ڪبابي،
لِڪن لِمن ڪينڪي لڙن لاحجابي - شهزور شتابي،
شوق شڪارسان وصل واپارسان.

## ڪافي روپ ڀاڙي

اکيون تنهنجيون مارڻ ٿيون ـ ته ماري جياريں ٿيون،
اهي نئينان ديدان ڏتارڻ ٿيون ـ درد وندن جون ڏليون.

١ـ ڀڙيون پيار ڪن عاشق شڪار ڪن، تير تيار ڪن،
اِهي نئينان ٻرندڙ نهارڻ ٿيون ـ رمزسان رمزان رليون.

٢ـ نظر نيشان ڪن، موهي مستان ڪن، منجهه منٺان ڪن
اِهي نئينان جام پيارڻ ٿيون ـ پيار پريم سان پليون.

٣ـ نسنگ نروار ٿي، اصل اظهار ٿي، برهه پرڪار ٿي،
اِهي نئينان ٻارڻ ٻارڻ ٿيون ـ برق انوار جون ٻجليون.

٤ـ کولي نقاب ڪي، لاهي حجاب ڪي، سمجهي ثواب ڪي،
اِهي نئينان قتل ڪم ڪارڻ ٿيون ـ جهل ڪنهين نا جهليون.

٥ـ شوريل شڪار لئه، وصل واپار لئه، دائم ديدار لئه،
اِهي نئينان عشق اتارڻ ٿيون ـ محب مشتاق سان مليون.

٦ـ ولايت شاهه سان، نرمل نگاهه سان، سک جي ساهه سان،
اِهي نئينان سبق سيکارڻ ٿيون ـ سوز وارن سان سليون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀهاڙي

اکين جي اشاري آر انور سان
ديدان دائم ڀگيون دلبر سان.

١- نيَنَن نِت نِت نوڪان لايون. شر عوشاقن جي امالڪ آيون،
سَيف ابر جا چشما چايون. شب روز ڪُهن خوني خنجر سان.

٢- پرين پيچ پريمي پائي. پلپل پسڻ لئه پاڻ پسائي،
درسن ديدن ديد ملائي. رمزان رليون رُخ رهبر سان.

٣- شوق ڪيو شيدا شاھ ولايت. عشق انور جي آهي هدايت،
نوڪر نظر نيشان نهايت. ميچي مژگان موهن مک منور سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

او پرديسي پنهل پيارا. آءِ محب مٺا ڪيچي ڪوهيارا.

١. تون جي ڇڏيندين توکي آءُ نه ڇڏيندس. ونڊ روئڻ پرلوچي مان لهندس،
او دل وس ناهي هت ڪين رهندس. لڪيون لانگها ڏسندس چارا.

٢. ڪيچ ڪان اوري ڪين وران مون. چاڙهي جبل جي چوٽ چڙهان مون،
او ڏک ڏونگر ڪان ڪين ڏران مون. ور وڻوڙڻ لئه ڪندس مان وارا.

٣. سڪ تي ستائي سڪ سوا چاهي. لوڪ رياڻي لاڳاپا لاهي،
او ڪيچ ڏي ويندس قربن ڪاهي. ساٿي سور ٿيا هن سارا.

٤. وحيان شاه ولايت وند روري. آري پسان پون اکڙيون نري،
او هوت رئي هٿڙي ڪانه سري. دل تي آيا درد دوبارا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڀهاڙي

اڄ پنهل اوري پرين وچ نہ پري
توري ڪانہ سَرِي آهہ قرب ڪري.

١- راهہ ڏسي رَند رڙندي وتان - سوز اندر پر سڙندي وتان
ساري سڌڙا ڪيا سرد آهہ پري.

٢- سارَ سُتيءَ جي ڪَل نہ لڌائون - نال نہ نِيا ٿون،
وندر وڇڻو پيو آهي ذوق ذري.

٣- ڪرها ڪاهي ڪيچي ڪالهہ ويا - هيٺا حال ٿيا،
هتڙي هوت بنا ٿي ماندي مري.

٤- سنبت ڪري سنجهي هوت ويا - ساٿي سور ٿيا،
ڏک ڏونگر ڏسي ٿي ڏوران ذري.

٥- سرتيون سڀ ٿيون مونکي سمجهايو - چوايڏو ستايو،
ويون متيون مُنجهي آيم عشق آري.

٦- شاهہ ولايت شال وڃان - اشم اميدان اچان،
پسان پنهنجو پنهل منهنجو هيئڙو ٺري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

اثبات الله ايهو آهي - حق هر جاءِ حاظر ناظر هادي اوسائين

١. اڪمل آطهر افسر اعليٰ اوليٰ النس اسم بن بشري بيڪ بسم،
سيئر سمورو سر سبحاني صورت صاف صنم. جلوه جوڙ جسم،
سر پاجهئون سئير ڪوناهي.

٢. ظاهر ذوق ظهورو ذاتي زياده ذوق ذري. قوي قادر ڪرم ڪري،
قائم قوِل قديمي ڪامل ڪن فيڪون ڪري - پرجهي پير پيري،
آيو قصد ڪري هت ڪاهي.

٣. زهد زياده ضرر ذڪر ڪان زاهد ٿيوته زناري - صورت پرسرشاري،
پُر پيڊ رپئمانه پرور پرستي پوجاري - هر حال حقي هسواري،
اسلام ڪفر سان چاهي.

٤. وجه الله وسياه سان واقف وصل ولايت شاه - آيو آدم منجهه الله
ڪل شيءٍ هو هو الله مظهر مثلي ماه - ساڪن ساه پساه
چنڊ ڏنگ دوئي کي ڏاهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀهاڙي.

اول وجود وساري - پوءِ ڏِسُ واٽ وندرجي وؤڙي.

(۱)- جسم جو ڪر توُن وسارو- حق جو هڻ توُن نعرو،
وحدت وڃائي وارو- تيُ تون سرس سوڀارو،
پاڻ پنهنجو ڇڏ ماري.

(۲)- دردن جو دُود دُکائي- محبت جو مچ مچائي،
پنهنجو توُن پاڻ پچائي- ڏس پوءِ توُن عشق نچائي،
پرت پنهل سان پاڙي.

(۳)- ڇئي آمون حق جي حڪايت- گجهي آ ڳالهه نهايت،
شامل ٿيو شاهه ولايت- هاديءَ جو حال هدايت،
لِکو وَٽُ تَنهن جي لاڙي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

الله اوهان کي آسٽي،
آ اوري جانب اوري.

۱- ڪوڻ ڪنهين ڪاغذ آندو - محبت لڳ من آماندو،
سُورڻ ڪٿون وارڻ واندو - سڪ مرسد ايئن سياندو،
جاڻ اهو ٿو جاسٽي.

۲- پرين ڏي نهن قاصد آيو - سارو جنهن حال سڻايو،
جاڻ ته دلبر آيو - ٽيڙو سو لايو سجايو،
وارو وريو آ هاٽي.

۳- ماڻهن ميار ملامت - ٽيڙي مون خاص عنايت،
شڪر شيو شاه ولايت - آئي آ عشق امانت،
يسنر مونکي ياسٽي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اچن عاشق اڏيءُ تي ويچارا. ڏاڍا ماريءُ وڏا آهن مارا.

١. سر ڏيئي ڪان ٿو ڏار ڊرائي. ڪيڏو قيس ٿو قاتل ڪرائي،
ٿيا نروار نينهن جا نظارا.

٢. وجهي دام ٿو دليون ڦاسائي. ڪيئي ڪامل ٿو ڪوني ڪُهائي
ڪن قياس نه ڪوئي ڦهارا.

٣. اهي اکيون ٿيون عاشق ايذائن. نوڪ نيزي تي ناميا نوائن،
سِرُ ڏيندا اسُوريءَ تي سچارا.

٤. پاڻ پروان پِرَمِ پچائن. ميڇي من ۾ ٿا ماتم مچائن،
مڙئي مشتاق محبت وارا.

٥. سوين صدما سهن سِرَ تي ساسي. رهن عاشق هميشه اداسي
سيڪنهن سان پولن ٿا پاجهارا.

٦. شيدا شاه ولايت شائق. آهيون عينن جا ازلي عاشق،
اڏيا عشق اندر ۾ اوتارا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀيروي

اِجهي اباڻا ايندا ڪين ڇنڊيندا
ورتيون ننمائيءَ ڪي نال نيندا.

١. مارو منهنجا مور نماڻا - سانگي سنايل وٺ ويڳاڻا
ٽرم ٽريچن جا آهن ٽاڻا - پسان پنهوارن پڪڙا پراڻا
اوري شال ايندا ڪين ڇنڊيندا.

٢. اوني اباڻا ايندم اوڏانهون - ڦرب ڪري وري قاصد ڪڏانهون،
درد منجهاريون ڪيان ٿي دانهون - قادر ڪڏهن سنڌو آهون
هڪ هيڪاندا ٿيندا ڪين ڇنڊيندا.

٣. مارن ريءَ هِت آهيان ماندي - بيوس بيڪس بند ۾ باندي
امر لکيٽي ڪٽي ڪوهه تان آندي - وِرهه وڇوڙي ڪان وارن واندي
اوني آئت ڏيندا ڪين ڇنڊيندا.

٤. شاهه ولايت شال مِلان مون - هتڙيون هيڪر هوند هلان مون
خوش ڪيتيءَ ۾ تن سان ڪلان مون - آگڻ اباڻي تور ٻلان مون،
ننگي ننگ نڀائيندا ڪين ڇنڊيندا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀيروي

اڄ عاشق جي اڄ اوتاري
پرين واعدو ويئين ڪيئن وساري.

(۱) تنهنجا رستا تو راهه نهاريان. غم گوندر مڪيئن گذاريان،
اڄ واڳ وصل جي واري.

(۲) ڪرين قرب وارن ڪان ڪنارا. سدا سڪ ۾ رهن سڪ وارا،
مونکي طلب تنهنجي تي تاري.

(۳) آءُ اڱڻ اسان جي تون جاني. سرساهه تو تان قربا ني،
تو لئهٔ سيج چنڊي مان سينگاري.

(۴) ڪنيا سرتي مون مهڻا ملامت. شوق تنهنجي ۾ شاهه ولايت،
سائين ساهه سدا توکي ساري.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

ابتر هون اگر مجروح مگر ديد ڪيا هون ديوانا
هر عاشق انهيءَ منزل ۾ تو محب ڪيا جي مستانا.

(١) تنهنجي ترڇي نظر جا اهڙا اثر. سڀ عاشق ٿيا هن الم نشرح
ساڻ سيف ابرڪيون سينو سپر. تنهنجي نيڻن ڪيا هون نيشانا.

(٢) هن قفص ۾ ڪيئي قيد ٿيا. سوين سامي سڪايل سعد ٿيا
در زلف زندان ۾ منجهه ڪمندان. مقيد ٿيا ڪيئي مردانا.

(٣) مشتاق ميڙي محبت جي مندر. درد مندن دل اهل فقر
نت نقشو نظر ۾ ٿي مصور. العشق اندر ٿيا اُريانا.

(٤) هتي پيرِ مغان جي جام پيئن. مخمور رهن سي مست مگن
مئه نوش محو ٿي موج منجهان. مچي مرد ملهائن مٿخانا.

(٥) شاهه ولايت شائق گهايا حُسن. نروار نظاري نوڪ نيڻن،
ڪيئي شيدا شمع تي پتنگ اچن. پاڻ پڙ ۾ پچائن پروانا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اوڏا اوٺي اچن مونسان شال ملن
سڪ سامن جي آهي اندر ۾.

۱- آيل آديسين جا،
پلئيو پُور پون.

۲- جيجل جوڳيڙن جا،
دونهان درد ڏکن.

۳- سرتيون ساري ساٿ سان،
ورتيون هوند وڃن.

۴- آدوتن جا عرش تي،
آستانا آهن.

۵- شائق شاهه ولايت
آيا ديس امن.

Gul Hayat Institute

وفات نامو فقير تارڪ نجفي سائين روپ پيروي.

ان جو نذير ڪهڙو هو بينظير تارڪ .
فائق فنا في الله جو فائض فقير تارڪ.

۱- فاني جسم کان جانان جيئري جدا ٿيو- جاويد زندگي آتن ۾ سرير تارڪ.

۲- اهلِ صفا علامه و شاق اهلِ دل- راهِ رندان ۾ راغب روشن ضمير تارڪ .

۳- شعر و بزم ۾ بلڪل شيرين سخن سان شامل- مجلس مشاعره جو ماهِ منير تارڪ .

۴- هر دل عزيز عاشق صادق صوفي صفا- دلڪش دُولهه دلاور سو دلپذير تارڪ .

۵- مذهب ملت کان نيارو آزاد رُوح الله جو هڪ حال ۾ هميشه عاشق امير تارڪ.

۶- فياضي فيض کان ٿيو بحرور عطا الاهي- دستِ خدا جو دائم آهي دلگير تارڪ .

۷- اظهار شاهه ولايت مشهور ملڪ ۾، نجفي نالي نشامبر ناميان نذير تارڪ .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اوسائين اوسائين - اوسائين اوسائين .

(١) هڪ آهين سهڻو پيو سينگار ڪرين - وري ناز نياز هزار ڪرين
ڀيون لائق لک لک پيار ڪرين.

(٢) تنهنجو تير متا آ جنهن کي لڳو - پرم پيول مٽر پوئي تنهن جو پڳو
لاهي لڄ پرين تنهنجي دامن لڳو.

(٣) تنهنجو تير نظر جو تيار ٿيو - لنگهي سيني منجهان آر پار ويو
جنهن شوق رکيو سو شڪار ٿيو.

(٤) آهي شاهه ولايت سوال اهو - هڪ دم نه دلبر ڏار ٿيو ،
جهڙو آهيان تهڙو پرين پنهنجو ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اشاري اَبرن جي دِيد ڪيو ديوانو،
شوق شمع جي سهڻا پرت ڪيو پروانو.

١- ترڻ ڦرڻ قدم ڪڻڻ ڪونه ڏٺو سي ڪنهن جو،
گهمڻ عمازي غمزي مرڪڻ ڪيو مستانو.

٢- پلپل ۾ يار پرين ڪانگ اڏايان ڪيئي،
ساعت ساعت ۾ ساريان روز رڙان روزانو.

٣- سرتي وساي ۾ سارو بار ملامت وارو،
لوڪ سڀي جو لارو ڳل ۾ پاتم ڳانو.

٤- شاهه ولايت سعيو پاڻ ڪيو آ پرين،
آيو دلبر آيو واهه وسيو مئخانو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

الله پرين آڻ پنهنوار- لهندم منهنجي سار.

١- مارو ايندم شال ڪري پلايون پال،
ڏسندا هيڻا حال ڪيچي قربدار.

٢- سانگن ڪيا سانگ تن لئہ اڏايان ڪانگ.
تَنَ ۾ تِنِ جي تانگهه تن جا جِيَءَ ۾ جار.

٣- سانگين جي سدائين آهي وات وائي،
روئي دل ويچاري وهن نيڻن نارَ.

٤- شاهه ولايت ساري پرين نيندا پوڪاري
ايندا واڳ واري جاني جيءَ جيار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

اوچتي اڙي ويئي دل دلدار سان،
ڦريون پيار ڏيئي ڪسي ويئن ڪيڏار سان.

۱. تنهنجي جدائيءَ جي ڪَل ڪانهن پيڙي
کُهي ڇڏ ڪُسي وڃان تکي تلوار سان.

۲. فراق تنهنجي جو قتيل آهيان،
محب ڇڏي ڏي ماڻان ڏس پرين پيار سان.

۳. درد تنهنجي ڪيو آ ديوانو،
مست ڪري ويئن مٺڙا نيڻن جي خمار سان.

۴. شاهه ولايت تنهنجو آهي سهڻا،
ڪيو ڪامل ڻ جي برهه جي بيمار سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تلنگ

اجهي آيا اڱڻ تي منهنجا محب مارون
ويني آءٌ واجهايان ڦيرايان ٿي ڦارون.

۱- منهنجو ساهه سانگين کي دم دم ٿو ساري،
ايندا شال ايڏانهون موڙي مهارون.

۲- سانگين سوا آ بدن بيقراري،
اباڻا اچي مون ڏيندا درد دارون.

۳- الله شل مارن جي ڏيندو سک سدائين،
اٿم وات واٽي پلپل پچارون.

۴- ولايت شاهه ويڙهيچن ڏني آ واڌائي،
ڪري مون ڀلائي لڌئون ستت سنيارون.

Gul Hayat Institute

## ثنا در شان حضرت مولا علیؑ روپ پیروي .

الله وڈایا رُتبہ تیڈا شان ھي عالي دارین دا والي.

۱۔ اژدھا کون چوتی سن وچ تیئں چیر چلایا۔ منکر کون منایا،
معلوم ھویا تیئنون حرامي و حلالي .

۲۔ انجیل وچ بہ اولیا ھئ نام تساڈا۔ اي پیر اساڈا،
توریت وچ حیدر۔ تیڈا نام یا علي .

۳۔ کل اولیاء تي افضل تیڈي ھي شجاعت۔ اعلیٰ ھي عبادت،
سردار ولیون کا جمالي و جلالي .

۴۔ مشھور دو جھان ۾ تیڈي ھي سخاوت۔ حاتم کون ھي عبرت،
سکندر جیھا گدا گر تیڈي در دا سوالي .

۵۔ جن بشر حوران اتي تیڈي ھي سرداري۔ مصیبت بہ ھي باري
وسدا گھر ویران کیتا۔ فوج ناریان والي .

۶۔ بي پیر امت صغیر کون پاڼي نہ پلایا۔ عیوض تیر چلایا،
دردان ستائي روئي جھولي تي ڳئي خالي .

۷۔ ولایت شاہ علي دي نام دا ورد کماوي۔ روئي ۽ رونا وي،
پیاسي ھي تیڈي ذات دا۔ مولا ھي موالي .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

انهين صفت وچ ذات هَئي - سُڻ سمجھ زاهد ڪيا بات هَئي.

(۱) صورت دي وچ صوفيا وي- اظهار ڪردي سرالله- هويا ظهورا ذاتي والا،
ماهي آپ وچون اثبات هَئي.

(۲) بيک بشري پيد دا پايا- روپ رنگو رنگ بي مثل- موجود مظهر دي مثل،
حق نور ڪي تجلات هَئي.

(۳) ڪول ڪتابان مَسلي ڪريندي- تس بره دا باب وي- عشق رِيءُ اسباب وي،
ساري منجھ رهي مصلحات هَئي.

(۴) ميم دي اولي مُک وکلايا ماهي- من رانِي فقد رائي الحق- انا عرب داسخن بحق،
بن بَلي عين آيات هئي.

(۵) آپ پڇاڻين آکين انا الحق- دم اسم گرگيان- واقف وحدت وصل وجدان،
پڇي ترڪ ساري طاعات هئي.

(۶) والي ولايت شاه هزارا- عشقئون اپني آوندا- رانجها رمزان لاوندا،
مليا سانول سانون سوغات هئي.

Gul Hayat Institute

## کافي روپ کسوري

او یار ساتون عشق آتش لاوندا - چٹنگ چواتي چانودا ڈاڈي باہ برہ پڑکاوندا .

١ عشق دي اَگني ایسی آہي - چاک بٹیندا چوڑہي شاہي . تخت تباہ کراوندا .

٢ عشق نہین کائي باہ ھجر دي . جندڑي سُولان وچ پئي سڑدي . محبت مچ مچاوندا .

٣ عشق جتّان ني قیرا پاوي - عقل مت شعور ٹیلاوي . نانگا کرکي نچاوندا .

٤ عشق صورت ویکیا انساني . وسر گیا سیئرلا مکاني - بیک بشري پاوندا .

٥ عشق جنھین سرموج جگاوي - من خدایم آپ فرماوي - انا الحق الاوندا .

٦ عشق آھا آتڑاہ خلیلي - باغ بٹیندا باہ خلیلي - نار گلسزار بٹاوندا .

٧ عشق دي آتش آکان ایوین - تپي لوھار دي تاوٹي جیوین . دردمرجوش جلاوندا .

٨ عشق مُلیان قاضیان نون ٹیلاوي - تسبیان توڑ گل جٹیان پاوي - خوبان خوق چراوندا .

٩ عشق سھٹي مصیوال نون جیوین - وچ دریاھان لڑھایا کیوین . سُوہي سوز پلاوندا .

١٠ عشق احد نون بن احمد آیا - انا عرب بلا عین کھایا - موحن مُک وکلاوندا .

١١ عشق سلامت شاہ ولایت - لوک دي خواري مھٹي ملامت . چھڑا کیان سِر چاوندا .

Gul Hayat Institute

# کافی روپ تنوڑی

اگوں آیا میڈا یار دولا ماہی ویکھن لئے دیدار۔

۱۔ الف دا میم تی تھینہن نظارا۔ من رانی دا امر اشارا،
آپ کیتا اظہار۔

۲۔ سئیر دی سانگی بن سلطانی۔ جوگی بن کے آیا جانی،
صورت دا سردار۔

۳۔ رنگپور کوں جنھن رنگ لگایا۔ انا عرب بلا عین کھایا،
مرضی دا مختیار۔

۴۔ انس دی اولی آکر ماہی۔ شاہ ولایت چوڑ کے شاہی،
چوڑیا تخت ہزار۔

Gul Hayat Institute

## کافي روپ پھاڑي.

اڄ دن بادِ صبا دي بھار ھَـئي
عاشق عندلیب زار نظار ھَئي.

۱. ݙیرا پاوي ول ول پھُونرا - گل گل پھُونرا،
بلبل چل چل پھُونرا مل مل پھُونرا جان نثار ھَئي.

۲. موسم وصل دي، مدعا دل دي. اڄ ناکلھ دي،
سچ دي گل دي کل انھین کل دي جاندا جیار ھَئي.

۳. صورت صنم دا، حُسن اعظم دا. بھتر بزم دا،
چیتک چشم دا سیف صمر صمر دا زلف خم خم دا گیسوئي گلزار ھَئي.

۴. شاہ ولایت، سجن صداقت، نینھں دي نزاکت،
لطف لیاقت مشُون موھیا محبت عشق علامت. کیتا اظھار ھَئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

اَڄ آوي دلدار، سُرهي سيج وڇيندياں،
سهسين ڪر سينگار عطر مشڪ مليندياں.

(١) ساڏي سانگي ڪر ڪي سعيا۔ محفل سنئيان نينهڙا لايا،
اپنا عشق ڪيتا اظهار۔ محرم راز محب مليندياں.

(٢) سانول ساڏي دوست دلبندا۔ پَهن ڪي آيا پوش گلِيندا
جوڳي ڪر جنسار۔ رمزان نال رمزان رليندياں.

(٣) رلمِل سانول سؤدا ڪردا۔ سِر ڏي ڪي پڇي سرهي گهڙا،
وه واه بنيا واپار۔ عشق دلال ڪريند يان.

(٤) شوقنون شاه ولايت والي۔ ڪرداڪيڏي ڪاف ڪشالي
سئن گهر آيا يار۔ وت وصل وصال ونديندياں.

Gul Hayat Institute

## هنديگيت روپ پيروي

### انحد مُرلي باجي گمر گمر گاجي
ساساري ري گمر گمر سر گمر.

(١) ماهي ميڏا محب ميثاقي وحدت ونجهلي وڄيندا،
آواز الست بربكم والا قالوا قول بليندا،
بنسي وڄيندا سينهن نچيندا چومر چومر چنن چمر چمر.

(٢) الس دي اولي آکر ماهي ميم دا برقعا پايا،
انا احمد بلا ميمي آپي قول کهايا،
آپ الاوي بين بڄاوي. تومر تومر تننن تومر تومر.

(٣) نور بشر وچ پيد نياري خرقعا جوڳي پاوي،
سڀ دي ساڳي بن سيلاني ڳليءَ ڳليءَ ڪڙا ڳاوي،
گيان بتاوي گيت سناوي گهومر گهومر گهنن گهمر گهمر.

(٤) شاهِ ولايت چوڙکي شاهي عشقئون عبد کهايا،
کنين ڪنڊل مک وچ مرلي نوبت نينهن بڄايا،
گيانِي گت دي چال چلت دي ڏنک ڏنک ڏن ڏومر ڏومر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

بگن سائين بهار ـ سهڻا هوندين سرهو سدائين،

١ـ بيرنگ اوهانجي آ بادشاهي ـ فيض اوهان جو فيض درياهي،
نندي تارئون تار.

٢ـ علم عقل سڀ تنهنجي تابع ـ محب ملي ته به تنهنجي مهابي،
عالم ۾ انوار.

٣ـ قدم ڪل تي قديمي قائم ـ دلبر دارون دلين جو دائم،
محب مٺا منٺار.

٤ـ توکي واڪا ڪيڙو شاهه ولايت ـ شامل توسان عشق امانت،
نيزي جا حسوار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تــوڙي

بازار برسي بره جي - اوهين عشق جا واپار ڪيو،
سر ڏيئي سؤدو ڪريو- خون جا خريدار ٿيو.

١- تڪ ترارين جا ڏسي- طالب اوهين تڪڙا ٿيو،
بره جون برڇيون جهلي- عاشق اوهين اظهار ٿيو.

٢- مانجهي هن ميدان ۾- ڪوشش بچڻ جي ڪانه ڪيو،
سڪ منجهان سندرا ٻڌي- سوريءَ مٿي هسوار ٿيو.

٣- ساجهر ئي سؤدو ڪيو- متان پوءِ وڃي هٽتار ٿي،
وڃي وهامي ويل ٿي- هر دم توهان هوشيار ٿيو.

٤- شاه ولايت چاڻي هن حرص جي حيرت منجهان،
غير ڏهون گمراه ٿي- وحدت سندا ويچار ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بسنت

برهه بسنت پلي ڪري آيو
باغن ۾ ٿي بهاري وي.

١. هر چمن ۾ هاڪ حُسن جي
گلن ڪئي گلزاري وي.

٢. نينون نوري وهن نهاني
چاري چشمان جاري وي.

٣. بحر تنهين جي طلب ۾ طالب
تار ترن اوياري وي.

٤. پريم پيالہ پيو شاهه ولايت
ٿي آ خيال خوماري وي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

برهه تنهنجي بيمار ڪيو- عشق تنهنجي آزاريو،
ساهه سورن ۾ سڙيو- جيءُ جوش ۾ جليو.

(١) روح راڙو انتظاري- بيقراري آ سدا،
ريش مون موڻ درويش جو- فراق تنهنجي آ ڦٽيو.

(٢) دلربا دلدار دلبر- سوز تنهنجي آ سٽيو،
ناسور تنهنجي نينهن جو- درد تنهنجي آ ڏکيو.

(٣) تنهنجي جدائي جان ۾- جانب اچي جولان ڪيو،
ڪانئڻ پيئڻ آرام ويو- ڏود دل ۾ آ ڏکيو.

(٤) بيوفائي يارجاني- توُن نه ڪر مسڪين سان،
شاهه ولايت ڪي پرين- پيارا اچي پنهنجو ڪيو.

Gul Hayat Institute

ثنا حضرت علي کرم اللہ وجہ روپ پھاڑي ۔

پھون مَین خلقِ دنیا ءِ ساري علي کون افضل اللہ بنایا،
منگن مدارت مشکل دي واري ولیؑ افضل اللہ بنایا۔

۱۔ ملکان دا مقرب وحي سڈاوي۔ توحید تنھن کون علي سکاوي
جبرائیل جیھي علي پوکارن۔ استاد کامل اللہ بنایا۔

۲۔ نوح دي کشتي لرزش ءِ آئي۔ تنھین کون پشتي علي ڈیوائي
تنھن کون تاري علي اوکاري کشاۓ مشکل اللہ بنایا۔

۳۔ زندان سي یوسف رِھائي پاوي۔ میچي تون یونس علي چوڑائي،
آتش خلیلي ھوئي بھاري۔ مقیم مکمل اللہ بنایا۔

۴۔ ھجرت دي ویلي بستر تي سُونھي۔ نبي دا وارث مِمبر تي سُونھي
نبي خیبر وچ علي پوکاري ھسوار دلدل اللہ بنایا۔

۵۔ کعبي ولادت کعبي شھادت۔ ایوین نہ ھوئي کنھن دي شاہ ولایت،
جن وملک وچ علي دي نعري فیاض فاضل اللہ بنایا۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀيرويءَ

ٻند ٽڻن ٻڌي ھيم ٻاروچل جي ٻولي- آيل ڏيٺي اوراٽو ڏني مونکي لولي.

١- سڳن ساٺ ساري ٻند ٽڻن ٻڌائون- پاپُ صندوقين لوڙهي ڇند ياٺون،
امر ڪٽي آندي ڇڪي ڇوھ ڇولي.

٢- لڙهندي لنھواروکتيءَ ھت آيس- پيار مِ پليس ڏيءُ ڏوهڻ ٽيس،
ٻکي پنھل جي ٻيس تيس پالي پولي.

٣- پياري پنھل سان تيوسگ سياپو- ڏيرن ڏاڍ ڪيڙوکھڙو ڏيانِ ڏوراپو
ڏاج مِ ڏناٺو ڏکن جي ڏولي.

٤- ننڌ رنگ سچائي نال نہ نياٺون- وَرَ ڪان وڇوڙي ڇوري ڇنيائون،
ساٿ سان سنپاري گڏي ويانہ گولي.

٥- ٻرپات ٻيئي پُٺيءَ ٻير ٻاڳي - وڃان ھا مان وَرَ سان وڳ ساٺ واڳي،
ٻيبي ٻرن مِ رائي رُيح رولي.

٦- ڪاھي ڪيچ ڏٽڻ ڏي وڃان شاھ ولايت- آريءَ سواھت سري ڪانہ ساعت
پنھنجي پنھل لئہ آھيان اولي گولي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀيروي.

ڀلي تِير نگهن تنهنجا ڀلڀل ڀَل،
تن کي جهام ڏيئي نا جَهل جَهل جَهل.

(١) عين عجيبن آهو اربيلا - اڳيون تن جي آهيون اکيلا،
من مچائي ڏنا واءِ ويلا - گهوڙا گهوڙا گهَل گهَل گهَل.

(٢) تِيرتَن ۾ جيڪي نگهن تا - عام انهن کي ڪين ڏسن تا،
دلبر جاني دل ۾ نگهن تا - خون ڪري وَري کِل کِل کِل.

(٣) برهه بنائي ڪهڙي بازي - ڪِتي ڪنبين پيو ڪِتي آن غازي،
ڪِتي عاشق تي ڪرين توآزي - اها ڳالهه سچُ مونسان سِل سِل سِل.

(٤) شاهه ولايت سر ڏرياسي - لن ترانيٰ وا البر پڙهياسي،
ڪين اڙياسي چست چڙهياسي - ڪونه آهيون ڪنهن جي گَل گَل گَل.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

پلي ڪيون موسان پال پلايون - لعل قلندر لعل.

١- ارڙهين شعبان جي تنهنجي شادي - ڇاڇي آيا ٻڌي مُنادي،
تنين واسطي جال جانب اڳيئي جوڙيون جايون.

٢- سهڻا تنهنجي صحن ۾ ڳائڻ - بي حجاب ٿي تاڙيون وڄائڻ،
جون جذب منجهان جيئي لعل ايئي وات تنين جي وايون.

٣- سينڌي ۾ وري موج الاهي - هرجا حُسن جي فوج الاهي،
جاڏي تاڏي لعل پاڻ بيٺو آ جماتيون پايون.

٤- سرگس ۾ تا صوفي ڳائڻ - آتش بازي مينهن وسائڻ،
خطرا لاهي خيال - اچن امالڪ اڳيتي ڪاهيون.

٥- فيض درياه قلندر قائم - وسي درس اوهان جو دائم
شاه ولايت شال هونديون هميشه عشق اوڳاهيون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

تنهنجي نينهن نفي ڪيو،
ويڙهه وهم ويچار.

١. محبت جي ميدان ۾،
تنگ تي ترار.

٢. دلبر جي ديدار لاءِ،
نيٽين وهن نار.

٣. بيخوديءَ جي باب جو،
پيالو پُرڪو پيار.

٤. شاهه ولايت جي سهڻا سائين،
سگهڙ ولهُ تون سار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

توں آن باغ حسن جو گُل گُل گُل،
مان واس وٺڻ لئهِ بلبل بُل،

۱. منهن مهتابي رنگ گلابي. نرگس نئين سدا اينم خوابي،
قوس ڪمان منجهان محرابي. هُليو حُسن تنهنجي جو هُل هُل هُل.

۲. دُرِ عدن دندانِ دلبر. لب لالان مثل ٿيا ظاهر
وار واسينگن جان ڪن وَرَ وَرَ. اتي ڪَل نه پوندءِ ڪُلُ ڪُلُ ڪُل.

۳. قد و قامت جا سرو صنوبر. ايئن نه ٿيند و ڪو سند و سراسر،
بيجي نه ڪوئي تنهنجي برابر. ڪو نه پايان تنهنجو تُل تُل تُل.

۴. کولي نقاب جڏهن ٿيو ظاهر. مشتاقن جو موت سراسر،
شاهه ولايت تنهنجي واهر. محب ماڻو چند مِلُ مِلُ مِلُ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

تنھنجو آ تو ۾ پنھل- ڏورين ڇو ڏونگر جبل،
ونحن اقرب واعدو وصل.

١- ڪاف ڪشا لاڪا ئيتن ڪنھن لئه- قلوب المؤمن عرش معلیٰ
ڪوھيارل جو آ قول ڪيل.

٢- سڪ سرشار تو ڪي سسئي بنايو- گھوٽ تنھنجي گھر ۾ پنھل پاڻ آيو
اتي جاڳ جت لئه سھاڳي سُتل.

٣- پرين پاڻ ڪان تون پري نه ڄاڻين- صحيح صورت ۾ سرڪي سڃاڻين
اقرار ايھو آھي ازل.

٤- شوقئون شاھ ولايت آيو- پيچ پريت جو پرين پاڻ پايو،
واعدو وفا جو آھي اصل.

Gul Hayat Institute

## مداح درشاهہ سید نا عبد القادر جیلاني

توُن داتا جڳ منگتا ۔ زير قدم سڀ ولي و لي ،

(١) درتي ڪيئي ڪاهي سوين اچن سوالي ۔ دان ڏيارپوڳ ولهه تن کي ڪين ورايو خالي
پُرباش ڪيو گنج فيض ڏيو ۔ مون جهولي آڳيان جهلي جهلي .

(٢) اوڳڻهاري نا ڪس ڪمتر تند رنهاٽي آهيان لائق تنهنجا لطف ڪين لک ڳڻ تنهنجا تي ڳايان ،
دم دم ساريان ڪين وساريان ۔ اڳڙ منهنجي آڙ هلي هلي .

(٣) آدر اڙين يا ور ييتيمن جو توُن سهارو آهين ۔ ڪاف ڪشالا ڪٽي ڪُلهي غم گيلاني لاهين ،
سڀ راهه چند پرهڪ رستو ورتم ۔ ڳولي لڌي مون ڳلي ڳلي .

(٤) خوب خدائي نوري نظارو جلوگر جيلاني ۔ غوث اعظم شاهه گيلان آهين پير حقاني ،
آلِ نبي اولاد علي - محبوب خدا ذات جَلي جَلي .

Gul Hayat Institute

(٥) والي ولايت شاهه فيض فياض فقير جو ۔ طالب مطلوب منور مالڪ توُن مظهر جو ،
سوين سڪايل اچن اجايل ۔ محبت جن کي مِلي مِلي .

## ڪافي روپ پيروي

تنهنجي اگر سري ٿي منهنجي نٿي سري،
هَرَ هَرَ تڏهن اچان ٿو دلبر تنهنجي ڪري.

(۱) تنهنجي چشم چريو ڪيو هر وقت چاه تنهنجو،
سوز درد ڪان سرد دل آه نٿي ڀري.

(۲) ڀيو آرزو ڪو ناهي گهڙي وصال جانان،
محبوب تو ملڻ لئه مشتاق ٿو مري.

(۳) هر دم گزار مونسان جانان نه ڪر جدائي،
مونکان پرين پيارا پل نه نٿي سري.

(۴) صدمن گهڻو ستايو جور و جفا نه ڪر،
دلربا هي دل م تريان ڏس ذري.

(۵) تيغ ابرو جو مقتل گهايل اگهيني آهيان،
ويترنه گهڙي وار پيو ظالم ذري ذري.

(۶) وصل شاه ولايت ملي صدا مي محسن،
دم دم اندر م عشق جي آگ نٿي ٻري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

توسان لڳي آهه يار دل نه منهنجي دلربا
دل نه منهنجي دلربا، دل نه منهنجي دلربا، دل نه منهنجي دلربا.

(١)- عاشق شڪار ڪري، وصل وايار ڪري، وصل وايار ڪري،
سهڻل سينگار ڪري، سهڻل سينگار ڪري محبت ڪري منٺار.

(٢)- نازن سان نازڪ نيڻ ڪٽين ٿو، نيڻ ڪٽيس ٿو،
تير نظر جا سيني هڻين ٿو، سيني هڻين ٿو، ديدن لاءِ دلدار.

(٣)- لاهي حجاب ڪي ڪولي ٻڌاءِ تون، ڪولي ٻڌاءِ تون،
ميٺون مٺيون ٻوليون ٻولي ٻڌاءِ تون، موهيو مٺيءَ گفتار.

(٤)- ڌاڙو هڻي وٺين دلڙي ڦاسائي، دلڙي ڦاسائي،
شايد نه ڏيندين واپس ورائي، توکي هُئي درڪار.

Gul Hayat Institute

(٥)- شاهه ولايت رکجانءِ سلامت، رکجانءِ سلامت،
توکي ڏنم سهڻا جيءَ جا امانت، جيءَ جا امانت، پرتل اٿو سردار.

## ڪافي روپ پهاڙي

توُن تہ دلبر تِي نہ ڏار۔ مل محب منا منٺار۔

(١) يا ماهِ لقا۔ ڪيو مهر وفا۔ ڪر نہ جور وجفا۔ توتان جان فدا،
ساري ساھ سدا۔ جاني تِيءَ نہ جدا۔ توُن تہ صنم سڄڻ سردار۔

(٢) هيٺي هجر فراق۔ ڪيا سيني ۾ سوراخ۔ ويتر چڪن ٿا چاڪ۔ ميئون ٿارون تيو ڦاڪ
تنهنجي حسن جي هاڪ۔ هميشه هيراڪ۔ درسن لئہ ديدار۔

(٣) ڏاڍو برھ باري۔ آهي انتظاري۔ بيحد بيقراري۔ جوش ٿيا جاري،
تنهنجي عشق آزاري۔ دل درد ماري۔ سوين سور ستم صد بار۔

(٤) نوازش نعمت۔ سندي عشق حضرت۔ شوق ڏئون شاھ ولايت۔ سدائين سلامت
ڪري مون عنايت۔ هاديءَ ڪيئي هدايت۔ پايان لطف لک هزار۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ سورٺ

تنهنجي رِيءِ ڪَجَل جي ڏار،
تکي تلوار چوان.

(۱) آهوءَ ڪان وڌ عين اوهانجا - سَيفن جا ستڪار،
چشم چمڪار چوان.

(۲) ڪاڪل پيچ سونهنِ تنهنجي سِر تي - گهائِن گهنديدار،
ويرين جان وار چوان.

(۳) ٻهڳڙ مٺڙي ٻولي ٻولن - جيئن طوطل جي تنوار،
گويا گفتار چوان.

(۴) شاهه ولايت آهي سدائين - دم دم جو ديدار،
پرين جو پيار چوان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

تنهنجي محبت من مستان ڪيو۔ تنهنجي ديد هيڻي ديوان ڪيو،
هاڻي وَس ڪنئون ٻيو سَ ٿيو آهيان۔ تنهنجي عشق اچي عُريان ڪيو۔

(١) اصل اندر ۾ آس اِها هئي۔ پرت پريم جي پياس اِها هئي،
تنهن جوش اچي جولان ڪيو۔

(٢) گڏ اوهان سان يار گذاريان۔ توُن آن سامهون توڙي نهاريان،
تو ته آهي سڄڻ احسان ڪيو۔

(٣) هاڻي وچ نه مونکان يار پري۔ ويهو جيءَ ۾ جانب جاين ڪري،
مون ته صاف سارو ميدان ڪيو۔

(٤) عشق تنهنجو ٿيو يار عنايت۔ شوق تنهين ۾ شاهه ولايت،
تنهنجي ٻره سند و بيان ڪيو۔

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

تنهنجي خاطر قران دردرگد اگر ٿي- گهان گهر سدا سڪي مر سير.

(١) دلبر پنهنجو درشن ڪرايو- مشتاق کي موهي محب نه ماريو،
سچو تو تان هي صدقي سر- ته قرباني ڪيان هر هر،
اچين مون وٽ اگر.

(٢) عاشق اصل کان آهيان اداسي- پرين تو ٻيس لئه پلپل پياسي،
پيالو ڪوپري ڏي پُر- پياريو آب ۽ ڪوثر،
ڏري سينهن جي نظر.

(٣) درد هجر جو هي آزار آهي- روز و شب اهو ئي انتظار آهي،
مريضن جي ڪا مرهم ڪر- اچي ڏس حال هي هيڪر،
آهي تنهنجو اثر.

Gul Hayat Institute

(٤) شاه ولايت شوق ايهو ئي- ظاهر باطن ذوق ايهو ئي،
ازل کان عشق ٿيو اظهر- نچي نروار نرمل نر،
پچي پڙم پدر.

# ڪافي روپ پيلو

تنهنجي سهڻي صورت کي سڀڪنهن جي نظر نا لڳي
آئيني اندر تصوير ڏسي ـ شل پنهنجي نظر نا لڳي .

١ـ اي پرده نشين پوشيده رهين ـ ڪنهن بد نظر کان بعيد رهين،
دو بدو درسينا اکين ديد پديد رهين ـ رُوءِ زيبا نازڪ تر،
بس اهنجي نظر نا لڳي .

٢ـ سينگار ڪرين تان جڳ موهين ـ شمس قمر بيتاب رهن،
تارا ڪيترون سڀ خجل رهن ـ جي رُخ تي نيم نقاب ڌرين،
طور تجلي مدهوش موسىٰ ـ تنهنجي نظر نا لڳي .

٣ـ توتن مونڌي ڏسين مان توکي پسان ـ هر دم ۾ هڪ ٿي توسان هسان،
ويهه اکين ۾ پوري چنڊيان ـ آهيان نه وري ڪنهن ٻئي کي ڏسان،
توبن ساجن ٻئي ڪنهن سان من، منهنجي نظر نا لڳي .

٤ـ مخفي طرح محفوظ مُدعا ـ رهه دل ۾ هميشه ٿي نه جدا،
شاهه ولايت سان شامل هر وقت هجين پيو يار سدا،
پل مون جهڙو مشتاق ڏسئي بد جنهنجي نظر نا لڳي .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جهنگلو

ترڪش تير اوهان جا تکڙا. چشمن جون چمڪاران،
اچڻ اوهان جي ياران.

(١) چوطرف چانداڻ چمن ۾. گلشن جون گلزاران،
طرحين طرحين تن تي ويهي. بلبل ڪن پڙڪاران.

(٢) محبت موج مچائي من ۾. مخفي مام مونجهاران،
عاشق اورڻ عشق وارڻ سان. پرين جون ته پچاران.

(٣) سالڪ سنبريا سير ڪرڻ لئه. سامي لهن سنياران،
جوڙي جان پهنچي تي جامان. جوڙ عجب جنساران.

(٤) جلوو جانب جو آ جنهن هنڌ. تنهن هنڌ جون نهاريان،
شاهه ولايت ڪين رهي ٿي. دلڙي دلبر ڌاران.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ راڳو

تذهن وحدت ۾ آدل ونگي
جتڏهن سوز ساماڻو.

(١) ڪاٽياري هن ڪاڪ تئون،
هاڻي ڪيڙو هالا ڻو.

(٢) هلي راڻي جي راج ۾،
هن تڙري ڪيو تاڻو.

(٣) جوڳين جهڙا ويس ڪيامون،
آهيان نالي نماڻو.

(٤) ريدو آهي راند ۾،
موسان راضي ٿيو راڻو.

(٥) شاهه ولايت خيال ڪيٽي،
مٿي عاشق اڏاڻو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ توڙي.

توتان آجان فدا ساري تو ساه سدا،
جانان مونکان تيءُ نه جُدا.

١. سوز گدازي سر تي ستم آ، درد هجر کيو دل کي زخم آ،
مريض محب کر مرهم مدا.

٢. مشتاق تنهنجي محبت ۾ مائل. مهرو وفا جا سدا ائين سائل
واعده وفا کان ڪر نه وداع.

٣. عشق تنهنجي جي آه علامت. ماڻهو ڏين ٿا مهڻا ملامت
نيڪي هجي خواه توڙي ندا.

٤. سرشار سڪ ۾ سلطان ڪيئي. نروار نينهن ۾ نيشان ڪيئي
وصل لئه ولايت شاه و گدا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڪسوري

توڙي ڏڙڪا ڏيو دلدار- آهيون راضي راضي،
پرچي پنهل ڏيو ٿا پيار- آهيون راضي راضي.

١ سر جو سودو ثاب پيوسي- فيض درياهي فيض مليوسي،
سيئي بارئي ڪنيا بار- آهيون راضي راضي.

٢ سر جو سودو موتين مهانگو- اڳيان اوهان جي سودو سهانگو،
مرجان وڏي پيو واپار- آهيون راضي راضي.

٣ ناز ڏسي سڄڻا نياز ڪريون ٿا- جيئن ٿيو راضي تيئن راز ڪٿون ٿا،
آهيو مرضيءَ جا مختيار- آهيون راضي راضي.

٤ شاهه ولايت سندرو ساهي- بحرِ عميق ۾ پياسي ڪاهي،
جهڙو تانگهو تهڙو تار- آهيون راضي راضي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪسوري

تنهنجي عينن صاف اشاري موهي وڌو ماري ماري،
تنهنجي نازڪ نينهن نظاري-موهي وڌو ماري ماري.

(١) ڪاريون قهري ڪجليون . تکي تاب منجهان ڪن تجليون،
سي نہ سرمي ساڻ سينگاري . موهي وڌو ماري ماري .

(٢) تنهنجي ڪيو آعشق اياڻو . ويتر محب ڪيو ٿا ماڻو ،
تنهنجي رسامي روٺاري . موهي وڌو ماري ماري .

(٣) گل رخسار گلابي . موهيو شمس قمر کي شتابي،
تو ڏي حُور سگهي نہ نهاري . موهي وڌو ماري ماري .

(٤) ساري سڪ مان شاه ولايت . ڏني دلبر دل سان دعوت ،
سو نہ پاڻ هٿن سان پياري . موهي وڌو ماري ماري .

Gul Hayat Institute

## کافي روپ جوڳ

تيڏي ڪيتي نيُن ڪلور وي
رانجھن لُٽ ڳيتي دلبر دلڙي ساڏي وي۔

(۱) سوز فراق ست سيني وچ ،
نينھن ڪيتا ناسور وي۔

(۲) مڙگان موھ گھتيا مشتاقان،
چشمان ڪيتا چڪچور وي۔

(۳) سانول سانون چوڙ نہ جاوين،
مئن مرندي مجبور وي۔

(۴) مئن مسڪين دي نال پيارا،
دوستي لاوڻ دستور وي۔

(۵) شاھ ولايت شائق تيڏي،
محبت وچ مجبور وي۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

تيري مٺڙي م تيري مٺڙي م۔ جام شرابون پيتا هون.

(١) سهڻي سائين ساڻون جام پلايا۔ جام پلاڪي جوش جاڳايا،
مستو مست مستانا هون.

(٢) ساقي ساڻون ساغر پلايا۔ ساغر پلاڪي سُر سمجهايا،
نانگانات نچيندا هون.

(٣) ڏنگ شراب والا۔ تيري ڏي يار پيالا،
ساقي سُرڪي تيندا هون.

(٤) شاهه ولايت ساڻون فيض رسايا۔ حضرت شاهه هنباهي ملايا،
انا الحق الينـدا هون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي ۔

تيري اکيان ني جادو لائيا۔ موري سجن سئيان۔ ماهي يار وي ۔

۱- اکيان دي گهوري، ڪليمي حضوري۔ تجلي ڪوه طوري
انور نور ني موسیٰ مدهوش جٹيا ۔

۲- ڪيف ڪلوري، ماريا منصوري، عاشق رنجوري
ڪنهين دستوري سولي سرچاڙيا ۔

۳- شاه شبيري ڪربل دي ويري۔ ماهِ منير ني
بي تڪسيري تيزي سرنائيا ۔

۴- سسئي توسيري، رانجها موهيا هيري، سهڻي ڪون تقديري
لوڙهيا سيري، طلب اسينون تائيا ۔

۵- رمزان دي رازني، نوين نوين نازني، ارني آواز ني،
موهيا مجازني مست مجنون هوئيا ۔

Gul Hayat Institute

۶- ذات صفت وچ، وصالي وحدت وچ، سالڪي سُرت وچ،
حال همه واست وچ انا الحق ڳائيا ۔

۷- چشمان دي چاه ني، نرمل نگاه ني، ولايت شاه ني،
شاه وگداء ني عشق اجهل آئيا ۔

## کافي روپ پهاڙي

تيري ديدار وچ - بيخود بحال بانکا هون.

١. پيچيده پيچ پاکي - رنگينا راز کرکي
الستو سو آواز کردا هون .

٢. ديدان سي دلبر واليان مارڻ مشتاق آيان
نشان دي ناز گهايا هون.

٣. پرت دا پيچ پاکي الستو آواز کرکي
نگهه نيشان کيتا هون .

٤. معشوق ماڻ والا اوري آ پيارا ،
مين نثار سارا هون .

Gul Hayat Institute

٥. شاه ولايت سائون راز رلاکي ،
سک دي سوز سمايا هون .

# ڪافي روپ تلنگ

تخت هزاري دا، شاه هزاري دا - جوڳي آياوي، سامي آياوي.

١- سَيَر دي سانگي بن سئلاني - پوش پهري الانساني،
مُک وِ ڪلا يا وي.

٢- احد ني پايا ميم دا برقعا - بشري پيد تي خاڪي خرقعا،
عبد ڪهايا وي.

٣- ساڏي سانگي سهڻل سائين - ڪر ڪي ڪشالا آئي اتائين،
نينهن لايا وي.

٤- ونجهلي ويلهي ٿي ڳئي ميلي - مليا ماهي سانون سويلي،
بخت سوايا وي.

٥- انس دي اولي آيا ماهي - شاه ولايت چوڙ ڪي شاهي،
چاڪ سڏايا وي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

ٿيان دم بدم دلدار جي ديدار تان صدقي، مان پيار تان صدقي،
غم درد سؤداءِ عشق جي آزار تان صدقي. مان پيار تان صدقي

(۱) پاڇها يا نيڻ نرگس چشمن چريو ڪيو،
ماهتاب مُک منور منتار تان صدقي.

(۲) آهي دل جي مالڪ دلربا ڏيدن سان دل لُٽي،
ڪجلين جي ڪان قهري ڪٽار تان صدقي.

(۳) ويچهو ڪيو وصال ۾ محبوب گفتگو،
شيرين شهد شڪرلب گفتار تان صدقي.

(۴) سُرمي سِوا سينگار يل سونهن سندس اکيون،
صورت صنم جي سهڻي سينگار تان صدقي.

(۵) رُونق رنگي رخسار جي مُنهن ۾ سندس مٺيان،
با رفته رفت رمز جي رفتار تان صدقي.

(۶) هڪڙي نظر سان نازڪ غم وهم کي ڪٽي،
واصل ولايت شاهه ٿيو غمخوار تان صدقي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بباس

پنھنجي ديس تي ڪاھيون ڪاھ

اوپرديسي ٻکيٽڙا .

١- فاذڪروني ساريو سارج ـ ونحن اقرب واعد وياتج،

تنھنجو ھادي آھي ھمراھ .

٢- حَبل الوَريد چئي ڪيرتو ڳالھائي ـ ونفخت ائين تو الله فرمائي،

رَڪ وحدت جو ويساھ.

٣- عزو من تشآءُ وتزلمن تشآءُ ـ پنھنجو ڪيائين پاڻ ٻناھ،

تون نه چو ٿو ٿئين گمراھ.

٤- عشق تنھنجو آھي الاھي ـ وحدت جو رَڪ ورق ويساھي،

تنھنجو والي ولايت شاھ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ درگا ملھار

پا رمز عبث پيھي پاڻ ۾ پس. دم دم جي ديدار ۾،
دم دم جي ديدار ۾. ويھي وحدت ويچار ۾.

١- سئير سمورو سر ۾ ثابت. سخن سھي ڪر سارو،
دَمَڪَ دَمي رُوحلڪ روحي. پاڻ ۾ پسج پسارو،
ويڙھي وحدت وَسُ ھِردي ھر دم ھَسُ. رھ ڪيفي قرار ۾.

٢- موج مدامي محڪم ماڻين موتوُ واري مامَ،
ترڪي طلسم طئي ڪر طالب السنتي انجام،
ڪج وُرنھ وَس پيچي دام قفس رھ عرشين اوتار ۾.

٣- صورت واري صاف صحن ۾ صوفي تي سائم،
قرب ڪرم سان قدم ڪذائي ڪامل تي قائم،
سھڻي صحبت سر س. سنگ صوفين جو ڏس. رھ ڪڙيل قطار ۾.

Gul Hayat Institute

٤- واصل ويس وصالي واقف وصل ولايت شاھ،
ڪل شيءِ قل ھو الله. مظھر مثالي ماھ،
ھادي حق پرس تي رھبر رس. رئون رندي رفتار ۾.

# ڪافي روپ جوڳ

پوڪاريان پوڪاريان- پوڪاريان سدا ،
ٻُڌي مَنَ پاروچو سهڻو هي صدا.

١. پرين پردو پاتي تيا پوش ۾ ،
جسوجان جيرو جلي جوش ۾ ،
وساريو نه ويتر نامِ خدا.

٢. پرين آهه بلبل اوهان لاءِ پوڪار،
توڙي لوڪ طعنا ڏئي لک هزار،
ملامت مڙوئي نهايت ندا.

٣. سچڻ خوش وسين تون ساڳي ديس ۾،
ولايت گهرايو پنهنجي ديس ۾ ،
عرض مون اهو هئي مدامي مدعا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيمر

پائيُ پيچ پنهل مونسان پيارڪيو،
لائيُ نينهن نسنگ نرِوارڪيو.

١- دمر قدمر آ لوح لحمر- پاڻ آهي منهنجي جان جسمر،
فاذڪروني اذڪرڪمر- واعدو نحن وارو وارڪيو.

٢- پيرِ مغان جنڊهن پاڻ پسايو- هرصورت ۾ سرسمجهايو،
هاڻي سانگ ناهي ڪو بيو سعيو- ويهي وحدت جو واپارڪيو.

٣- تار توحيد جي تات اٿمر- سڪ ساجن جي ڏينهن رات اٿمر،
اِهي عشق تنهنجي جا اوقات اٿمر- جن جان جسمر ۾ جارڪيو.

٤- شاهه ولايت شاهه مليو- مونکي آدمر مان ته الله مليو،
اِهو وحدت جو ويساهه مليو- جنهن اناالحق اظهارڪيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪؤنسيو

پنهل ويو نا پاڻهي، زوريءَ نيو آهه ڄتن،
قابو هو منجهه ڪوچ ۾ - ويتر سينهن نشن.

١- قيدين جان قابو هيو نازڪ منجهه نيلن،
پاند ڇنائون پاند ڪان ڏاڍ ڪيو آ ڏيرن.

٢- چورن وانگر تي چڙيا آهستي رهيئن چون،
جلد ڪيو جاڳي نه جيڪر ستل هجي منجهه سورن.

٣- ڏينهن ٽيو ڏڪ جاڳيا مهٽا ماڻهو ڏين،
ڇاڪئون ڇنڍي ويا هيڪلي سور اهو آ سرتن.

٤- اوڪي وات وندرجي لڪيون لانگها ٻجهن،
شاهه ولايت شوق سان پهچڻ ٽيند و پرين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ وهاڳ

پرينءَ پسايو پاڻ،
قاصد مؤن مقصود ٿياسي.

١- قلب ۾ ڪعبو قائم ٿيو آ جاڻ اهوئي جاڻ،
عابد مَئون معبود ٿياسي.

٢- نفل نمازون معاف مٿيئي رڳ رڳ ۾ آ رهاڻ،
ساجد مَئون مسجود ٿياسي.

٣- ڳالهه ڪنهين جي ڳڻتي ناهي لٿي سا چڪتاڻ،
حامد مئون محمود ٿياسي.

٤- شاهه ولايت شان سچاتو هادي همدم ساڻ،
مام ملي موجود ٿياسي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

پيارا مون پسڻ جي لئہ پلپل پيو پوڪاريندس،
ڪري ياد ٿي دل هردم توکي نہ وساريندس.

١- ڏسي سهڻي صورت تنهنجي دل منت وٺي منهنجي،
ڪري واپس دل پنهنجي وري ڪين وراڻيندس.

٢- پرين پيار ڏيئي پنهنجو متا موهي مَن منهنجو،
ڪري نقشو نظر تنهنجو هڪ دل تي لڳائيندس.

٣- ملي محبت آمون کي متا معلوم آ توکي،
هي حال ٻئي ڪنهن کي ٻيهر نہ ٻڌائيندس.

٤- من موهڻي مٺي مورت، تنهنجي درسن جي آ ضرورت،
مون مصور بڻجي صورت پنهنجي دل تي ڇپائيندس.

٥- سڄي عرض منهنجون آهون، ڪڏهن ايندين ايڏانهون،
ڪري درد منجهئون دانهون سُتو لوڪ جاڳائيندس.

٦- تولئہ پياسي پوڪاري، نت ڳوڙها ڳلن هاري،
هڪ نام تنهنجو ساري، پيو ورد ڪمائيندس.

٧- شاهه ولايت آشائق عاشق صادق،
تنهنجو نينهن نسنگ نازڪ ناتو مون نڀائيندس.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

پيچي پيچي پڪ ڪر پتو پنهنجي يار جو،
دل منجهه دائم ديرو دلدار جو.

(١) ويس ۾ ويهي وقت وهايئن، چوءِ روح ۾ پنهنجي رب کي ريجهايئن،
سخن صحيح ڪر سچي سردار جو.

(٢) ذاتَ ڪيو تو سينهن کان نتايئن، حق پاڪ کان چو منهن تو متايئن،
آخرتہ ايندو اهنج آزار جو.

(٣) صورت صفاتي سانگ رسايو، الانساني القاب پايو،
مظهر ۾ پس مُک منار جو.

(٤) مصور صورت سمجهي معنيٰ، جلوه جسم جي جاڳيو جانا،
جوش جگر ۾ جذب جبار جو.

(٥) شاهه ولايت شوق جي شعلي، پاٽ ۾ پرين تو ڀڳڻ ڀولي
عشق ازل کان آهي اظهار جو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

پيالو پلپل يار پلائي ٿو. سڀ خيال خوديءَ جا ڪيائي ٿو.

(١) ساقي ساغر سرڪ سوالو. جام جلالت جوش جاڳايو،
انا الحق جو ماري نعرو. هادي طبل توحيدي وڄائي ٿو.

(٢) راز رباني مون سر آيو. ساز سرور زي سوز سمايو،
آئينه عشق جو تنهن اچي لايو. هادي هوجو هُل هلائي ٿو.

(٣) پيگ پريم جو آهيان پياسي. هادي منهنجو شاهه فياضي،
آهي مالڪ منخاني جو سالڪ ساقي. هادي عاشق عرش اڏائي ٿو.

(٤) شاهه ولايت عاشق صادق. والي ولايت جي پڙهه آيت
سميع بصير يبصر تنطق. مهدي مام ملائي ٿو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

پنهنجي پنهل سان پيار ٿيو- دل ڏنم ديدار ٿيو،
وه واه ڇي وا پار ٿيو، واپار ٿيو.

۱- سر جو سؤدو ڪيو صنم برهه جي بازار ۾،
سهڻل جڏهن سينگار ڪيو، خون جو خريدار ٿيو.

۲- دل جي دفتر منجهه داخل درد جو هي داستان،
عشق سندو اذڪار ٿيو عاشق اشعار ٿيو.

۳- پنهنجي هٿان پياريو پرين پيالو پريمي پُر ڪري،
خيال کي خومار ٿيو- نينهن نشو نروار ٿيو.

۴- شاهه ولايت شاد دل شوق سان شامل رهين،
اتحاد سان اعتبار ٿيو- ازل کان اقرار ٿيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تلنگ

پرين پاڻ ايندا مٺا محب پيارا،
ڪٽي قدم قربئون ڪيچ قرب وارا.

(١) اچڻ وارا آهن - اسان جي اوتاري،
سڪ وارا ساسي - دل ٻڃي سنياري،
سپرين لئه سڪندي ٿيا سال سارا.

(٢) آديسين لئه عاجز آهيان اداسي،
سڪان ۽ ساريان صدمن ۾ ساسي،
آهن هت اسان جا غمن ۾ گذارا.

(٣) جو گپيڻن سان منهنجي ٻجئ جيو جياپو،
آهي اصل کان هي ٻنديل ٻانڌاپو،
نڪتن نه ڪڏهن اڪرن جا آرا.

(٤) لُنجي خزان وئي - ٿيندي بهاري،
خوشبوءِ خوشتر خوشيءَ جي خوماري،
لهي چون وسندا من جا مونجهارا.

(٥) شوقنون شاهه ولايت وصل واڳ واري،
واعدا وفا جا پرين پاڻ سپاڙي،
اسان جي اڱڻ تي اڏيندا اوتارا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

پرينءَ جو پيار مون تي سهڻي جو ساهه آهي،
اکڙين جو آر مون تي چشمن جو چاهه آهي.

١. چشمن جي ٿي آپڙهائي،
رانجهن هيءَ رمز رلائي،
مون پي پوءِ دلڙي اڙائي،
کهڙي پرواهه آهي.

٢. سڪ جا ڪي سندرا ساهي،
سِرَ جا سي سانگا لاهي،
مچ ۾ پياسي ڪاهي،
هادي همراهه آهي.

٣. شوق جي شاهه ولايت،
هاديءَ ڪئي آهدايت،
عشق جي ڪئي عنايت،
فيض درياهه آهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي .

پنهنجي پرينءُ کي پرچايان - پائي پُور پرت جو پچايان ،
دلبر ديدن سان ڪيُئي دام زلف دل ٻيوس .

(١) قابو قفس ڪمند ان قيد ڪرن - زوري زوري زلف چمن وچمن ،
ماري مرغ دلين جو سعد ڪرن - هٿ شڪارتنين جي آهيان .

(٢) تو نازن سان نوايو - اکڙين سان اڙايو ،
تنهنجي چشمن تير چلايو - سينو سپر ٻڌايان .

(٣) ٻگي نوڪ نيڻن جي نياري - پڪي پوري پرت پياري ،
ملي مام محبت واري - مچي محبت موج مچايان ،

(٤) شاه ولايت شائق - آهي عشق تنهنجي جو عاشق ،
لڱو ڏينهن نظارو نازڪ تنهنجو دم دم درسن پايان .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پهاڙي .

پرديسي پنهل پيارا مونکي به نال نيندا وو،
مونکي به نال نيندا ورئيون مون ساڻ وڃندا وو.

١- ڇترٿون مليس اڪيلي سرتيون نه ڪا سهيلي،
ساجهر سنبت ڪري ويا ساٿي نه نيائون بيلي،
ڪيچي ڦرب ڪري شل اوني اڱڻ تي ايندا وو.

٢- ڏيرن آهيان ڏکائي - سورن آهيان ستائي،
محبت جي درد دل جي سرتين کي سڌ نه ڪا ئي،
ڪل ڪانه ڪا پيئي تان ڇوري ڇپر ڇڏيندا وو.

٣- هوت جي هُرَ اندر ۾ ڏوري ڏسان ڏونگر ۾،
پند پيچرا پرينءَ جا وٺو ڙيان پيٽ وندر ۾،
ننگ پال ننگ سڄاڻ گولي نيئي گڏيندا وو.

٤- ابتر آهيان اياڻي ناڪس نڌر نماڻي،
سختين جي سچ صفر ۾ سردار ٿيندو سائي،
واڪاڪيون وندر ۾، صاحب مونکي سڏيندا وو.

٥- وينديس مان شاه ولايت منهنجي سري نه ساعت،
هاديءَ سان هڪ ٿيندو سارو ئي ساٿ سلامت،
ڏوبڻ هيءَ ڏار ڏاري رهبرا جي رليندا وو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

پنهوارن کي پلپل سدا ساھ ساري،
ورتو دل منهنجي کي ڏنارن ڏتاري.

١. سانگيئڙن کي ساري. ويهان ڪيئن وساري،
موهيو من منهنجو جهانگيئڙن جهونگاري.

٢. ايندين محب جاني ڪندين مهرباني،
آهيان عيبن هاڻ لڳس تنهنجي لاري.

٣. مارن ريءَ ماندي ساعت نا سري ٿي،
روئي واتون تن لئہ لوڙ دم دم نهاري.

٤. منهنجو ساھ هردم پرينءَ کي پوڪاري،
ولايت شاھ وڙهيچن چڏيو آ وساري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي .

پرچي پرين پيارا درسن ڏيو ڏلارا - شاهِ خوبان خدارا .

(١) هر دم ۾ نام تنهنجو وردو زبان ذڪر آ ،
راضي رهون رضا تي باقي نه بيو فڪر آ ،
تو کان سواءِ دنيا ۾ بيا ڪينڪي سهارا .

(٢) گذجي گذارمو سان، هڪ پل نه تون پري ٿي ،
سڪ ٿي ستائي مونکي ساعت نه ڪا سري ٿي،
ڏک دردهي هجر جا دل کي آيا ڏ بارا .

(٣) تنهنجي نظاري نازڪ نيڻي نيو نهوڙي،
ڳنڍيل آ روح اڪثر قسمت ڇڏيو وڇوڙي .
سڀ سور سترسر تي غم ۾ آهن گذارا .

(٤) من ۾ مدعا مڪمل ملڻو ضرور آهي،
ناتو مي سينهن وارو ڇنڻو نه مور ناهي،
ميثاق ڪان آ مليو منهنجو توسان مٺيارا .

(٥) خاموش ره جرم ڪان جانان نه ڪر جدائي،
اقرار زندگيءَ جو واجب ناهي ودائي،
مشتاق سان محب تون ڪڏهن نه ڪر ڪنارا .

(٦) واقف آ شاهه ولايت واعدي وفا وصل ڪان ،
سائل سدا سڪايل عاشق آهي اصل ڪان ،
وهندي ٿي واڳ وارين تون پرجهلا پلارا .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀماڙي

ڀنڀوارڻ پرين کي سدا سام ساري،
الله تن کي آڻي وِيٺا ڪيڻ وساري.

۱. ڀنڀوارڻ ڪٿون پا سي گھڙي ڪاڻ گذري،
ساعت سال پايان ڏکيا دم گذاري.

۲. طلب تات تن جي اھا وات وائي،
ڪري مون ٻلائي ايندا واڳ واري.

۳. مارڻ ريءَ مارُيون مون کي نا وڻن ٿيون،
ڏسي باغ بنگلا ڳاراٽو نتو ڳاري.

۴. ولايت شاھ ويڙھيچن کيو آھ قابو،
اي قاصد قربن سنيھو ڏي ساري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

پنهنجو پساءِ ديدار پيارا- ڏاڍو آهي انتظار پيارا.

۱- محب ملڻ لاءِ ماندي آهيان- تنهنجي خاطر نيروهايان،
ڪونهي قلب کي قرار پيارا.

۲- تنهنجي خاطر دلڙي ديواني- اڄ اچڻ جي ڪيو احساني،
اهو آهي آزار پيارا.

۳- ناز نظر سان جڏهن نهاريو- درسن دوا سان دل کي جياريو
برهه ڪيو بيقرار پيارا.

۴- عاشق تنهنجو آهه اجايل- مهرو وفاجو سدا ايئن سائل
نينهن ڪيو نروار پيارا.

Gul Hayat Institute

۵- شاهه ولايت آهي اوهان جو- پرچي پيار ڪر تون پنهنجو
آهي اصل اقرار پيارا.

## ڪافي روپ پيروي

ڀرديسي پيارا ديس تنهنجو آڪٿي،
ڪاڏهون آيو آهين هِتي.

١. عرش وجي ٿي تِنِ آشياني. لالَڻ آهين لامڪاني،
اُپ زمين ناهي جتي.

٢. ڪهڙي سانگي سچڻ هت آئين. ڪاڏهون آئيو آن ڪاڏي ٿو ڪاهين،
ملڪ تنهنجو آ مٿي.

٣. روپ تنهنجو آجانب جوڳي. ڪام ڪرود ڀرڪيئن ٿيئن روڳي،
رِٿون ڪهڙيون تو رِٿيون.

٤. دنيا مان ڇا حاصل ٿيندءِ. ڏوتي ڏک ڏيئي نرگ ڀرينديءِ،
چوٽان وجهندءِ چِتي.

٥. شاهه ولايت شوق سان هل تون. ديس امن ۾ ٿي داخل تون،
طالب طلب آ ٻِتي.

Gul Hayat Institute

## ڪلام روپ پيروي.

### ياڻ هِردي هادي ٿو ٻولي. آيو الانساني چولي.

١. خلق الآدم صورت الله. ڪل شيءٍ قل هو الله،
ڏس فهم فرقاني ٿولهي.

٢. بيک بشري برقعو پاتي. احد ٿون آيو عبد سڏائي،
اثبات آدم جي اولي.

٣. قلب المؤمن عرش مُعليٰ. مظهر ۾ آ موجود موليٰ،
آهي اهل فقر جي ٽولي.

٤. ونحن اقرب نام نشاني. جلوه جسم جي جاڳيو جاني،
پَسُ ٻجهه اندر ۾ ڳولي.

٥. صوفي ثابت سر کي سڃاڻن. دلبر دم کون دور نه ڄاڻن،
ڇڏ رُوح پنهنجو نه رولي.

٦. روح صورت ٿي رب جي ساري. حق پاڪ ڪان تون ٿي نه انڪاري،
ڪيئن پول پُلايئه پولي.

٧. عدم ڪان هت قدم پاتي. انا احمد قول ڪهاتي،
خاص خبر خدائي کولي.

٨. سير دي سانگي بن سئلايي. پوش پهري آيو الانساني،
شاه ولايت شوق جي شولي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

پيچ پريت جو پايان. توسان نينهن لايان،
آسي اندر ۾ آهه اهائي.

۱. مست ڪيو آ محبت تنهنجي. ايئن لکيو هو قسمت منهنجي،
ڪيئن لکئي مان ڪَ لاهيان.

۲. تڪي تڪي نِتا تڪجن ٺارا. وتان ڳوليندو پرين تنهنجا پيارا،
لالڻ آءٌ نٿو لِيلها يان.

۳. جوت جانب اچي جيءَ ۾ جاڳي. برهه بيڪاري ڪيو آ بيراڳي،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ نٿو ڳايان.

۴. شاه ولايت واصل ٿيو آ. حال هاديءَ وارو حاصل ٿيو آ،
لوڪئون ڪيئن لڪايان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

## پَسي سهڻا تنهنجي صورت
## پڙهان الحمد شڪرانا .

١. ساري خلقت ڪري نوڙت ـ صداقت سونهن جي سانگي،
نزاڪت نينهن پر ڪيئي ـ ٿيا هوشيار حيرانا.

٢. ڪيئي قاضي ڪيئي نمازي ـ ڪرن آزي اڳيان تنهنجي،
پاڻ ڇيريون ڏين ڦيريون ـ ٿيا داناء ديوانا .

٣. حسن سازي برهه بازي ـ مجازي مام سان مائِڻ،
وٺي غيرت منجهان محبت ـ ملي موتوا سندي معنا.

٤. شهنشاهه فيض جا درياهه ـ ولايت شاهه جا والي،
ڪري قلبي ذڪر ذاتي ـ وسايا يار منخانا .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

پنهنجو ڪر، پنهنجو ڪر،
پنهنجو ڪر، پنهنجو ڪر.

١- آهن لقب تنهنجا لک هزار- ڪاٿي رحم راحم ڪاٿي قهار،
عدل آهي اوکو فضل درڪار.

٢- محب تنهنجي ماڻ مشتاق مُنا- عاشق آزمائي ڪامل ڪُنا،
سر سالڪن سؤ سُور سنا.

٣- مرض منهنجو متا توکي معلوم آ- خبر نه پئي ڪنهن عالم آ،
دوا دل جي تو وٽ سالم آ.

٤- شاهه ولايت سُور اِهو- پليل پر آهي پُور اهو،
آهي عرض اهو ناهي مُور بيو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

پاڻ ۾ پيهي پس تون سپاڻ ،
پاڻ وڃائي پسُ تون پِرڪي .

١- جوڳي جان ۾ پائڇ جهاتي. اول نفي آپو ۽ اثباتي،
خيال خوماري ڪولج ڪاٽ.

٢- دم قدم سان دلبر سائين. خيال خوديءَ ڪي ڪاٽين ڪپائين،
موج الاهي مِن ۾ ماڻ.

٣- ساعت ساعت جو ڪر سنيارو. اڃڻ وڃڻ جو سمجھ اشارو،
حاضر همدم هادي ڄاڻ.

٤- شڪر مليو آ شاھ ولايت. هاديءَ وارو حال هدايت
ساھ پساھ ۾ سائين ساڻ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

پنهنجي پنهل کي پرچايان ـ پيچ پريت جو پايان،
تنهن سان ناتو نينهن نڀايان.

١ـ ڀاڻ پرين ڀيغم آ ـ مونکي ساڻ هميشه غم آ،
منهنجو سارو حال هضم آ. مان واندي وارنه آهيان.

٢ـ هڪ باهه برهه آ ڀاري ـ جند جان سڙي وئي ساري،
ٻي خلق سندي آ خواري ـ اهو ڪنهن کي حال ٻڌايان.

٣ـ هڪ پنهل آ پرڏيهي ـ دل هٿاروُن ويئي،
اهي ساريان سور سيئي ـ جر لعل اکين مان وهايان.

٤ـ سڪ ساجن جي آ سدائين ـ رک خاصو خيال خدائي،
تنهنجو شاهه ولايت واهي ـ مان آس اميد نه لاهيان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بلاول

پيالا ڏي متوالا ـ ساقي ساغر والا .

١. مانجھي آون مرداني ـ نسنگ نانگا ٿيون نشاني،
جام شراب پيئون پٽماني ـ موج محبت والا .

٢. پيگ پيالا ساقي پلايا ـ رگ رڳ دي وچ راز رلايا،
اناالحق آواز الايا ـ دام ڪپيا دوئي والا .

٣. پيوٽ نال ٿيوي دل خستي ـ موج مدامي محبت مستي،
وھ وھ ويکو وحدت وستي ـ نرمل نور نرالا .

٤. شاھ ولايت مرکي آيا ـ ساقي تنھن کون سرڪ پلايا
نينھن نشي جي ھل مچايا ـ الٽا باربرھ والا .

Gul Hayat Institute

## کافی پہاڑی در شانِ مرشد

پیمانہ فیض کا بھر دے ۔ فیاضی شاہ جیلانی ،
بھکاری بن کے آئے ہوں ۔ تیری درگاہ جیلانی ۔

(۱) تم ہی داتا ہے جگ منگتا، کوئی خالی نہیں جاتا،
جوئی آتا اسے پاتا رندوں کا راہ جیلانی ۔

(۲) یاور ہیں یتیموں کا ۔ ضامن ہیں ضعیفوں کا ،
غور کر دے غریبوں کا ۔ رسد آگاہ جیلانی ۔

(۳) سوالی ہوں تیرے در پر ۔ میرے کاسے کو پر نم کر،
مقصد طالبان تصور ۔ بخود و بیساہ جیلانی ۔

(۴) تم ہی مختیار قدرت کا ۔ نبوت دار مملکت کا،
آسمان کی معرفت کا ۔ منور ماہ جیلانی ۔

(۵) تم ہی ہو شاہ ولایت کا ۔ صاحب سلطان سخاوت کا
تم ہی فائض فیاضت کا ۔ فیض دریاہ جیلانی ۔

Gul Hayat Institute

# ڪلام روپ جوڳ

جوڳي اوسامي سنبت ڪري ويا. عاشق آديسيئڙا.

١. پيهي هو پاتال ۾ عرشين خيال ڏري ويا.

٢. پير پٽيا ٿون پِرَجي پاڳي پير ڀري ويا.

٣. جيئري هن جسمات ڪان پاٽان تي ته ڀريجويا.

٤. لوچي لعل لهڻ لئہ طالب تحت تري ويا.

Gul Hayat Institute

٥. حُبَ ۾ هاديءَ هوت جي ذاتي ذوق ذري ويا.

٦. شائق شاه ولايت الوميان اچي عشق اري ويا.

# ڪافي روپ راڻو

جيڏيون مونسان ڏوھ ٿيو،
ڦـــرجـي آءٌ وِيـس.

۱- پنهل ٻنان پـرديس ۾،
آءٌ ڪارا ويس ڪندس.

۲- سهڻي وَهي سُهاڳ جي،
مون ڪنهن سان ماڻيندس.

۳- پينر شهر پنيور ۾
مان الفي پائي پِندس.

۴- شاھ ولايت ڪيڻ ڪيان،
ڪنهن سان سُور سليندس.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

جيئن ڪيو تيئن اوهين - مونکي آهي نياڻي،
ڳالهه اوهان جي ڳڻن جي - ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳاوڻي.

١- سدا توکي ساهه ساري - ويهه نه مٺا توڻ وساري،
ڪڏهن ايندين توڻ اوتاري - ايها ويلهه ٻه آوڻي.

٢- محبت تنهنجي مچ مچايو - دردن دل ۾ دوُد دکايو،
عشق اوهان جي آڙهه لايو - تيجي اندر ۾ تاوڻي.

٣- وچڻ جي توڻ ڪرنه وائي - ساري توکي ساهه سدائين،
توڻ حال محرم حال پائي - پورت پرين تو پالڻي.

٤- ساري توکي دل ويچاري - اچڻ جي ڪر توڻ تياري،
شاهه ولايت عمر ساري ڳڻين ۾ آ ڳارڻي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪئونسيو

جا ساھ اڇيئي ٿي ساھ کي ـ سا ساھ سچا ئيڻ .

۱. ذاتي ذوق مان من پنھنجي کي وحدت سان وائيڻ ،
ساڻ اسم الله جي ھو ۾ ٿي ھائي .

۲. لا اِلٰہ جي لات کي اندر ۾ آسٽين ،
اِلا الله آواز کي موج منجھان مائيڻ .

۳. اعتبار اڄ ڪرڻو اٿي نڪي سياسٽي ،
خبرة خاصي خيال جي پوندءِ پوءِ پائيٺي .

۴. الست جي انجام کي ڏي پرت منجھان پاسٽي ،
وفي انفسڪم فرمودہ پسج پچائيڻ .

۵. شاھ ولايت سر پنھنجي کي ثابت سچا لٽين ،
الانسان سري وَ انا سرہ جاڻ اصو جائيڻ .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

جاڏي ڏسين تو تاڏي يار آ. تِرُ نہ طالب تو کان ڌار آ.

١. خلق الآدم علیٰ صورتہٖ - اھو تو سان اصل اقرار آ.

٢. ونفخت فيه من روحي - قول قرآن جو ڪلي قرار آ.

٣. روح صورت تي رب جي ساري. باقي ايمان تو کي ڪھڙو ويچار آ.

٤. سواءِ اَمُرَ جي ڪک نہ چري تو. اھو حڪم سڀ تو اختيار آ.

٥. پاڻ وڃائي پوءِ پس پاڻ کي. نور سارو ئي تو ۾ سروار آ.

٦. ھوت ھنباجي شاھ ولايت. عشق ڪري تو ڏنو اظھار آ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

جيءَ ۾ جانب جوڙيون جايون ڇوٽا ٿيو دلگير،
عشق ڪيو امداد اسان تي مُحلين آيو مير،
جنهن جي آس اندر ۾ اُڪير.

(۱) جنهن جي جدائيءَ جا جان منهنجي ۾ تکا لڳا هِن تير،
ڦٽڙا ڇيڻي ڇيديائين ميٺي وهندي ورنهه وير.

(۲) خوش ڪلي توَ اڱڻ اسان جي شان وارو شهمير،
پرين پوڪا پيگ پياري - خوشيءَ منجهان ڪنڌ ڪير.

(۳) ونحن اقرب واعدو پاڙي سالم ٿيو ته سرير
اوت جو اولو ڦاڙي چولو چاق ڪيائين چير.

(۴) شاهه ولايت شامل ٿيڙو - حاضر حضرت پير،
اذڻي اشاري مُنا جياري - فيض وارو ته فقير.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

جاڏي تاڏي تون - تو ريءَ ڪونه ڏسان ڪوئي،
هيٺ مٿي هر جاءِ حاضر ناظر تون.

١- چنڊي شاهي تخت هزارو - سنهن منجهان اچي رکيئهِ نظارو،
جڳ جو والي تون.

٢- چاق سڏائي واعدو پاڙي - چاهه منجهان تون مينهون چاري،
حونگاري هون هون.

٣- محبت من تنهنجي کي موهيو - بهشت منجهان بيزار ڪيو،
گل پو ڪيئهِ گيهون.

٤- جاڏي تاڏي هڪ هيڪڙائي - وڃي شاهه ولايت وائي،
بولي تون هي تون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

جانب نہ ڪرجدائي - سانول حجين سدائين - مونسان مونسان مونسان

(١) يڪ پنهل سان آهي پسڻ جي - رمزن رمزن ساڻ رچڻ جي،
مهر وفا ڪيو محب ملڻ جي - وارث ڪيو وفائي.

(٢) ملڻ تو چاهيان محبت وارا - پيار ڏيئي تون پيچ پيارا،
دل تي آيا درد ڏٻارا - ويتر نہ ڪر ودائي.

(٣) سر قرباني هي جند چاهي - ساه تو تان صدقي آهي،
تير نظر جا هڻ تون ٿا هي - نئنن ڪئي لسرائي.

(٤) شاه ولايت سان مل جاني - تنهنجي ڏسڻ لئہ دل ديواني،
عاشق تي اڄ ڪر احساني - پورل ڪري پيلائي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڀيروي

جت زوراور ذات - ورڙو وڃي ويا رولي رڻ ۾.

١- سارُ سُتيءَ ڪي ڪل نه پيئي - ڍڪ ڏکيءَ کي ڏير ويا ڏيئي،
رُنڊي گندا ريم رات - ساعت ساعت ٿي سوڙ ۾.

٢- ڪيچ ڏيٺي ڏي قربُن ڪاهيان - پنڌ پنهل جا پار پُڇيا يان،
پره ڦٽي پرڀات - پَڳ پڇايان پيئي پُور ۾.

٣- ڪرها ڪيچ سدا اُٺا ڪاهي - منهنجو شهر ڀنڀور سان ڇاهي،
هوت ٻنان هڻ هات - گوليان ڦوليان ڏڙن ٻرن ۾.

٤- صبح ٿيو سمجهاڻ سرتيون - سسئي ساڻ نه وڪيڙ ۾ ورتيون،
جو مونجهي ٿيڻ ممات - قياس نه ڪوئي آهي جتن ۾.

٥- ڏينهن ٿيو ڏک جاڳيا اندر ۾ - جذبا جوش ٿيا جاري جگر ۾،
اهي اٿم اوقات - پهچان خان پنهل جي پکن ۾.

٦- ساٿي سنبريا سُڌ نه لڌائون - ننگ سڄاڻ نال نه نيائون،
ڪانه ڪيائون مرحبات - محبت ناهي ڪا هوتن ۾.

٧- ويندس هتڙي مور نه رهندس - ڀنڀور شهر ڀنڀور ڇڏينديس،
محبن سان ملاقات ڪندس وڃ روهان وندرون ۾.

٨- شاه ولايت شال ملندس - پنهنجي پنهل سان هيڪاندي هوندس،
تن اندر ٿمر تات - محبت ڏاڍي آهي من ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

جن سان رمز دل رَلي ويُئي،
تن ڪان وار وڃي نه پايان.

۱- نازڪن ٿا ناز نرالا- بيشڪ تن جا بخت بالا،
ڏسڻ سان ڪن قرب ڪمالا- پيچ پرت جو پايان.

۲- ماڻن سان ٿو محب مارين- گهاوَ ڪيون ٿو وڃُنو گهايئن،
چشمن سان ٿو چوائيون لائِن- آءِ سينو ڪڙو ساهيان.

۳- آهي اعليٰ شان انهن جو- جلوه جوش جبارو تن جو،
آءُ به آهيان سارو انهن جو- پاند ڳچي ڳل پايان.

۴- شاهه ولايت يار سڄڻ سان- حجت آهي ڪهڙي تن سان،
محبت مخفي مام انهن سان مان نا تو ننهن نيايان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

جيئن يون منهنجي خان پنهل سان
اشم جيءَ جتڙي.

١. اديون آريءَ جام سان ،
آهي دلڙي اڙي .

٢. ڪاڪيون ڪيچين جي پيُ،
قابو قرب ڪڙي .

٣. سريتيون سِرَ جي سٽي آهي،
ٻاروچل سان ٻڙي .

٤. هاڙهي هلندي ڪانه ڪا،
هليس مون هڪڙي.

Gul Hayat Institute

٥. همدم هادي هوت سان
منهنجي پرت پڙي.

٦. وينداس شاهه ولايت مون
گهاريان هڪ نه گهڙي.

## شبد ہندی کافی روپ بھیروی۔

جا جا تم ری باثوریا۔ موری چھلک رہی ہے گگھریا۔

۱۔ میں جو چلی باں پنیر بھرن کو۔ روکو نہ مورے ساثوریا۔

۲۔ جس جل میں پریم نہیں ہے۔ وہ تو میں ہے یاریا۔

۳۔ پریم رس کا پانی بھر دوں۔ من کی مٹکی تمہریا۔

۴۔ رادھا کہے یوں چھوڑو موہے۔ نہیں ستاؤ سُندریا۔

۵۔ کرشن کہے ہمیں کبھی نہیں چھوڑوں۔ پکڑیو تمری چُنریا۔

۶۔ آتما رادھا کرشن ستگر۔ شاہ ولایت رام سُمریا۔

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

چنو ٿا چوڻ گناهه آهي آدم الله ـ نت اِنهيءَ صفت پر ذات آ ذات آ.

(۱) حق تعاليٰ سند وجڌهن حڪم ٿيو ـ عزازيل تڏهن انڪار ڪيو،
آهي ايزدي امر اهو ناهي ڪفر ـ صحيح سمجهو هي سِرُ ،
همذات آهمذات آ.

(۲) ڪعبو قدسي ڪيو آهي مَلڪن معبود ـ صحيح سجد و ثواب آهي سرڪي سجود
تي آ ظاهر ضرورت صاحب صورت ـ منجهه معنيٰ مورت ،
محلات آ محلات آ.

(۳) خلق الآدم صورت اعليٰ ـ ثابت يقين سان آهي تسليٰ،
تي آ معلوم ثنا حق پاڪ ڪنا ـ اِني ان الله انا ،
اثبات آ اثبات آ.

Gul Hayat Institute

(۴) شاهه ولايت شاهه مليو ـ مون کي آدم مان نه الله مليو،
سارو سمجهو هي حق ـ ناهي شرڪ ڪو شڪ ،
برسي برهه برحق برسات آ برسات آ.

## ڪافي روپ پيروي

چيو عشق حضرت مان توڏي اچان ٿو،
پاڻي ڇير جامان نانگو ٿي نچان ٿو.

١. چيو مون سدائين توکي آ پيلائي،
محبت موج لائي ويراڳي وڃان ٿو.

٢. چيائين چريو ٿي نه ڪنهن ۾ اٽڪيو ٿي،
توُن موتو سري جي ڇڪائي ڇوان ٿو.

٣. چيو مون چريائي ڏني تنهنجي آئي،
تو وحدت وڃائي انا الحق پڙهان ٿو.

٤. چيو مون ڇگو ٿيو توسان پيچ منهنجو پيو،
اندر ٻاهر هڪ ٿيو نه پيو ڪو ڏسان ٿو.

٥. ولايت شاهه وائي منهنجي عشق اگها ٿي،
چيائين سدائين مان تو ۾ وسان ٿو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

چشمان ديان اصلان لتيامين ،
انهين فراق ديان ڦٽيان مين .

١. هادي دا ميلا آيا هي - مرحبا حُسن سمايا هي ،
دلبر سامهون آيا هي . هُڻ ڪيوين نظران متيان مٺن .

٢. شهباز حسيني دا حال آکان . سخي سيوهاڻي سهڻا لعل آکان ،
حق نور جمال جلال آکان . فيض دريا هي ڦٽيان مٺن .

٣. محبت دي وچ مست هوسان . تيڏي ٻاجهه سيتي مُنہ چست هوسان ،
رهبر رند تيڏا دل حنست هوسان . پرُ کلاوين وتيان مٺن .

٤. شاه ولايت نال ڪيتيان . سپ دي نال پلايان پال ڪيتيان ،
لعل قلندر لعل ڪيتيان . سر مال سارا هُڻ ستيان مٺن .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيرو

چمر چمر چمڪا چمڪا ڇيرن لايا. ناچو عشق نچايا يار.

(۱) سانول آيا پاڙ سينگاري. زينت زرڪناري داري،
باھ ڏناؤن بيهڻ سان ٻاري. محبت مچ مچايا يار.

(۲) دلبر جاڏي ديدان لائن. خون ڪرڻ لاءِ خيال ڪپائن،
مشتاقن کي ماري مچائن. گهوٽ هزارين گهايا يار.

(۳) ٻيت ٻڌڻ سان ڳائڻ ويراڳي. ماڳ مٺاڻي محڪم ماڳي،
صاف سڃاتون صورت ساڳي. مولا محب ملايا يار.

(۴) شاھ ولايت شامل جن سان. فيض فياضي ڪامل تن سان،
راضي رهبر روز رندن سان. هادي هُل هلايا يار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بلاولي

چنڊ ويھڻ جون وايون،
سامهون پرين سنڌي ٿو.

۱. سِرَتي سونهن سَون سَريون،
هار هَسيون پاٽ پايون.

۲. نيڻ خوماري رُخ گلابي،
ڏِسُ لبن جون لاليون.

۳. پوشاڪون پهري زرڪاري،
سهيُون جن جون سَلايون.

۴. شاه ولايت شوق اِهو ئي،
ڏسڻ جو آ ڏهاڙيون.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پهاڙي

چاڪٿون يار موسان ڪري وئين جدائي،
بنا يار تو رِيءَ وِئي ڪانهه وائي.

۱- رهي آس دل ۾ - سڄڻ تون هليو وئين،
سَليان ڳالهه ڪنهن سان اندر جي اِها ئي.

۲- آهيان مون اڪيلو تنهنجا سَوَ سَلامي،
پيهر ڪر الله ڀڳ اچڻ جي پلائي.

۳- ظلم زوريءَ جي خبر ڪانه پِيَڙي،
ڦري دل کي وَرُڻ ڪري ڪا ڏادائي.

۴- ولايت شاهه وس ڪان ٿيو آهي بيوس،
ايندين محب مون وٽ سڄڻ تون سدائين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

چو تيو دل کي زخم تون نه سمجهين تو صنم،
تنهنجي مشتاق کي غم هجر جو درد الم.

(١) پهرين تون پيار ڪرين بعد ۾ خاموش رهين،
مون کي مسڪين ڏسي ڪيو تو ظلم ستم.

(٢) سر و سامان سڄو دل به تو کي ڏئي ڏنم،
بچت ۾ چاهي رهيو صرف ڏئي تي ويو ڇڏي.

(٣) نظر ۾ نقش ڪري تنهنجي تصوير رکيم،
تنهن ۾ تصور تو ڏسان مخفي ميلاپ اٿم.

(٤) پنهنجي عاشق تي روا ڪر نه جور و جفا،
ڪيو نت مهر و فا براءِ لطف و ڪرم.

(٥) فڪر فيراق ڦٽي. وڇوڙي آهي وڌيو،
ملي محبت جي پرين ڪيو ڪا مُحب مُلم.

(٦) رهي طاقت نه آ سهي صدمان نه سگهان،
هلي همت ڏي پرين قرب جو ڪنج قدم.

(٧) شاهه ولايت کي اگر وصل مدام ملي،
عشق برپا هي رهي خيال خُوزَجا ختم.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

حسن سردارڪيا سينگار۔ ٿيا گلزار گلزارا،
هُليا هيڪار خوشبوءِدار۔ ٿيا خريدار سڪ وارا.

(١) تُفنگي تيرڪن ٽاجِهير۔ وُڙهيا سِير سيني ۾،
لوهُوءَ لاٽان پون ڇاٽان۔ ٿيا چِٽڪار چيڪارا.

(٢) ڪاريهر ڪيس ڪن ٽاويس۔ پنهنجي ديس جا دل تي،
جوڙي جنسار جهلڪيدار۔ چُڙن چوڏار چنڊ تارا.

(٣) تنين جا ناز خوش آواز۔ ورتئون راز ريجهائي،
بحري باز ڪن پرواز۔ ڪنيائون سازسڪوارا.

(٤) منجهائون چاه ڪيائون ڪام۔ ولايت شاه جي سِرَ تي
آهن انباه ۾ آرام۔ جنگي جنگاه جَنگ وارا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڪسوري

حال هڏا يان ڪنهن کي عشق جي آزار جو،
سؤدو ڏکيو آ ڏاڍو دل جي واپار جو.

(۱) اول عشق پيدا گل کي ٿيو تو ـ بلبل کي پرين پاڻ ڏئي ٿو،
دستور آهي ايهو دلدار جو.

(۲) ديد خريد کيا ملڪ مريد ٿيا ـ اکين ڪُٺا ڪيئي شوق شهيد ٿيا.
عشق دلال آهي بره بازار جو.

(۳) سِر جو سؤدو ناهي سهانگو ـ مشڪل ملي ٿو موتين مهانگو،
نرخ نرالو آهي ٻينهن نروار جو.

(۴) عاشق اڏيءَ تي اڙاڻ اکيون ـ ڪو ني قرب سان کهاڻ اکيون،
وهندي ٿي وار ڪن ابر تلوار جو.

(۵) خريداري خاصي خوبي ڪري ڪن ـ ڏرتيءَ ۾ ڏڙڪري سير ۾ سري ڪن،
ٻُڌ ۾ پورو ڏين پاءُ پيار جو.

(۶) حُسن هَٽيءَ تي هوڪو هلي ٿو ـ وٽان محبن جي مفت ملي ٿو،
سامان سڪ جي وصل وڻوار جو.

(۷) نُور طلب جي توري ڏين ٿا ـ سالڪ سِرُ اتي گهوري ڏين ٿا،
محصول معافي محب منار جو.

(۸) وکر ويهايان وڻجار وحدت ـ شوق ايهو ٿي آهي شام ولايت،
پسڻ پرينءَ جي درڪ ديدار جو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيم

حال دل جو ڪنهن کي ٻڌايان،
سوز هجر غم سُور سڻايان.

١- حال محرم تو بنھين پيارا - واقف نه ڪوئي تو ريءَ دلارا،
عاشق اصل ڪئون تنھنجو آهيان.

٢- حُسن تنھنجي جاڪيئي پوڄاري - جن ملائڪ خلقت ساري،
سوين سڪايل هڪ مون ناهيان.

٣- صورت تنھنجي جا ملائڪ ساجد - زهد ڇڏي ٿيا زناري زاهد،
تيلاهون تبشي تلڪ لڳايان.

٤- اهل دل احوال حقيقت - اعلان ازلي شاه ولايت
سمجهي سجدا مسيس نوايان.

Gul Hayat Institute

كافي روپ ڪٺو سيو.

حق سچاڻ حق ٿيا،
غير ڪان پري.

١. خلق الآدم علىٰ صورته،
سخن جي ڪري.

٢. ناز وارن سان گفتگو،
نياز جو ذري.

٣. اگيون تن جي عاجزي،
ڪن ذوق ذري.

٤. مرد مُنجهن ڪينڪي،
توڙي باهه پڇي ٻري.

٥. شاهه ولايت شڪر ٿيو،
آيا عشق جي آري.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ وماڳ

حسن تنهنجي تي مٺا عاشق جهان سارو آ،
انهيءَ ڳالھ جو شاهد قرآن سارو آ.

١. تير ابرو تيز وارا چوھ مان ڏاڍا چٺا،
برھ جي بيمار کي سيني ۾ سنڪارو آ.

٢. مست دلبر تو ڪيا. منصور وانگي تي ڪُٺا،
انهن کي نينهن تنهنجي جو نشو خمارو آ.

٣. ساقي ساغر سوز مان جام جلالت جو ڏنو،
پيالو پريم جو هاديءَ مونکي پيارو آ.

٤. نينهن تنهنجي نانگو ڪيو سانگو ناهي سر ساھ جو،
شاھ ولايت شوق مان ڏنو سر اوهان کي سارو آ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

حقي عشق سندو دم پيرڻو آ- پيار پريت جو ناتو لائي،
خلقت کان نا ڏرڻو آ.

۱- عشق سوا آدم نا ڪوئي - عشق بنا آڪم نا ڪوئي،
محبت ۾ مرڻ محبت ۾ جيئڻ - ايئو دنيا ۾ چاڪرڻو آ.

۲- خواري ملامت لوڪ سندي - پلي عام ڏين بدنامي بدي
عشق جا منڪر آهن ڪافر- تن مان چاڪجھ ورڻو آ.

۳- عشق جو سؤدو ديد خريدي - شرف ملي تو شوق شهيدي،
باقي لِڪڻ ۾ کٽرو ڏجي آ. محب اڳيان خود مرڻو آ.

۴- عشق اندر تن من پي ڏيان - سؤ وار صدق سڀ تن پي ڏيان،
دلدار اڳيان دل يار اڳيان - جي سر نذرانو ڏرڻو آ.

۵- عشق اول الله ڪيو - محمدؐ جي مٿان مشتاق ٿيو،
عشق مجازي آ تو ڙي حقيقي- چاڙهه انهي تي چڙهڻو آ.

۶- لوحِ محفوظ کان آهي لکيو- پلٽ پاند پکي منهنجي عشق پيو،
تڏهن تسلي انگ ازلي- قلم قضا جو نه ترڻو آ.

۷- شاه ولايت شوق ايهو- آهي ظاهر باطن ذوق ايهو
بحر بقا ۾ لهر لقا ۾- توڪل جي ترهي ترڻو آ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

حضرت انسان نقش صورت ۾ جلوه ذات قدير جو آ،
فرقاني فهم سڻ فرموده. جو يطهرڪم تطهير جو آ.

(۱) تي پاڪ اول پوءِ پاڪ کي پس. هردي اندر پائي جهاتي ڏس،
پيهي پاڻ ۾ پس پار مزعبث اهو تصور تنهن تصوير جو آ.

(۲) ڪر نظر نقاسي مصور تي. انهيءَ مظهر ۾ مڪ منور تي،
اُتي اوت اسم جو جزوي جسم. سورحل قرآن تفسير جو آ.

(۳) تي سيڙجي سانگي سٽلاني. پرين پوش پهري آيو انساني،
جوٺي چولي اندر سوئي پولي اندر. اهو توصل تنهن تدبير جو آ.

(۴) حق پاڪ ڪان تون انڪاري نٿي. عشق انا الحق اقراري ٿي،
خاص خود کي پچان تي سر سبحان. تسبيح بيان تحرير جو آ.

Gul Hayat Institute

(۵) پيچ پير مغان ڪان راهِ رندي. رک وجه الله وبيسام رندي،
شد شاه ولايت شاهنشاه. اهو فيض فياض فقير جو آ.

## کافي روپ کسوري

حضرت انسان مظهر ذاتي۔ صورت بن بن آيا هئي يار،
وَل وَل ويس وٽايا هئي يار۔

۱۔ سئير دي سانگي بن سئلاني۔ ذات صفت ۾ سمايا هئي يار،
آدم دي وچ آپي آڪي - رهبر رنگ رچايا هئي يار۔

۲۔ الف ني پايا ميم دا برقعا۔ عشقئون احد ڪهايا هئي يار،
ميم دي اولي گهونگهٽ کولي۔ موهن مُک وکلايا هئي يار۔

۳۔ انا احمد بلا ميمي - سخن صاف سنايا هئي يار،
انا عرب بلا عين اشاري۔ رب درشن دکلايا هئي يار۔

۴۔ هر صورت وچ هر جا هادي۔ ويک تماشا لايا هئي يار،
حق پچاڻي غير نہ جاڻي۔ صوفي سر سمجهايا هئي يار۔

Gul Hayat Institute

۵۔ شوقئون شاه ولايت والي۔ بيک بشري پايا هئي يار،
عبد انا معبود تي مطلق۔ مخفي راز ڇپايا هئي يار۔

## ڪافي روپ پهاڙي

خدا ڪري جو حَسينن ڏي سدا خير هجي،
صلح صفائيءَ منجهہ ويري نہ ڪوئي وَيرُ هجي.

(١) اهلِ ذوق عاشق اُتي - محفل اندر مجمع رهڻ،
اهلِ دل عوشاق هجن - غافل نہ ڪوئي غير هجي .

(٢) باغ بر سيل حسن گل سيئي ڪترَيل هجن،
پٽونرءِ بلبل سندو - ساري چمن ۾ سير هجي .

(٣) سڀ سُريلا سوز وارا سخنات سر سينگار جا،
ٻُڌ وان سڀ سالڪ هجن بيدرد نہ اُتي ڪير هجي.

(٤) فراقي فنڪارءِ اهلِ سماع آغاز رهي،
غالب وجد وحدت سندو اڪر نہ ڪو ٻيو اير هجي.

(٥) محبتي ميٺڙي مندر ڪامل هجن ڪاتب گنا،
جُز برندانِ بزم جي باقي نہ ٻيو ڪو پير هجي .

(٦) سڪ وارا سهڻا سدا خوش آمد ۾ خوش رهن،
حُسن وارن جو جاڏي پَير تاڏي خير هجي .

(٧) سهڻي صداقت سير سان محبتي ميٺڙو هجي،
فتنو فسق فجور فند نہ ڪو فير هجي.

(٨) مشاعري محبوب جي شيرين سُخن شاعر هجن،
بزمِ شعرا ۾ بقا هي شاهہ ولايت شعر هجي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

خطرا خيال لاهي هڪ خيال ياد ڪر،
محبت ۾ من پنهنجو عشق سان آباد ڪر.

١. صورت سيني سمائي جهاتي درو سني پائي،
لا سان لَنوَ رَلائي قلبي ڪشاد ڪر.

٢. وسواس وهم واري اشتياق سان اڏاري،
عاشق اندر اڄاري عامتون آزاد ڪر.

٣. دم جو ڏيان ڏر توُن قائم قدم ڪي ڪر توُن،
بي ڪجانءِ نه پَرِ توُن انا الحق ايجاد ڪر.

٤. چيتَ دنگ دوئيءَ کي ڊاهي اسلام ڪفر چاهي،
اثبات الله آهي ايهو اتحاد ڪر.

٥. شائق ٿي شاهه ولايت. اظهار ڪر علامت،
مَردن مَرڪ ملامت. مڪمل مراد ڪر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پنجابي سهڻي

دل آهي هڪڙي جا فقط نذران ۾ ڏٺم،
هي ساهه پساهه ئي سوز جي سامان ۾ ڏٺم.

(١) زياده رهيو ها مون وٽ آ ته ڪي ڏيان جي مٺا،
باقي بچت هي برهه جي بيان ۾ ڏٺم.

(٢) هڻي تير نظرن جا تکا چالاڪ ٿي چستان چيٽو
سينو سپر بنائي نيشان ۾ ڏٺم.

(٣) سڪ سوز جي سيني اندر ساهه سر ساروڪيم،
جنهن جان ساري جوش جي جولان ۾ ڏٺم.

(٤) دم دوستي دعويٰ رکي ديدار ديدن جو ليسي،
دين ايمان عشق جي اعلان ۾ ڏٺم.

(٥) شاهه ولايت شعر هي نظم جي نغمي اندر،
احوال سارو هي دفتر ديوان ۾ ڏٺم.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

دم بدم تنهنجو اسم ورد زبان آ مون کي،
تنهنجي تصور جو تڏهن دل تي نشان آ مون کي.

١- تنهنجي صورت صفا سيني ۾ سمايل آهي،
تو کي مسجود ڪيم پيو نه گمان آ مون کي.

٢- صورت انسان ۾ اگر جلوه ڪري آ سندءِ،
پوچاري حسن سندو راز عيان آ مون کي.

٣- تنهنجي تصوير اگر ڪعبي اندر مون آ رکي،
لوڪ بيگانو چوي نا ارمان آ مون کي.

٤- تنهنجي تشبيه جي تشريح ڪري ڪير سگهي،
بره تنهنجي جو بي پا انت بيان آ مون کي.

Gul Hayat Institute

٥- رهنما رازِ حقي شاه ولايت گفتم،
سچ سمجهايو صوفي پيرِ مغان آ مون کي.

## ڪافي روپ پنجابي سهڻي.

داريِن ڪان آڳي هُئي شاهي فقير جي،

راهِ نمائي رهبري روشن ضمير جي.

(١) مظهر جو روپ تاهي پردو حجاب لاهي،

هيُ بازي عجيب آهي خود بينظير جي.

(٢) ڪائنات آه قادر ايجاد ڪئي آ انور،

ببين بيڪ برتر قدرت قدير جي.

(٣) آغاز ازلي آ دلبر سان دل رَلي آ،

محبت مون کي ملي آ ماهِ منير جي.

(٤) هاديءَ سندي حڪومت منظور آه مِلت،

بغداد واري حضرت پيران پير جي.

Gul Hayat Institute

(٥) ڪامل قديم قائم رهبر رفيق راحم،

مدد مُدامي دائم آ دستگير جي.

(٦) حاصل آهيءَ حقيقت واصل شاهِ ولايت،

روز ازل کان رغبت آ دلپذير جي.

# ڪافي روپ راڳ

دم دم دل ۾ تنھنجي سار. دلبر مونکي ڪرنا ڏار.

(١) آءِ ھلي ھڪ وار اڱڻ تي واپس وڃ نہ وري،
لڱ ڪان سوا ھت حال ھجر ۾ ساعت ڪانہ سري.
برھ جا سر تي آيا بار.

(٢) دلڙي منھنجي دلربا وٺين ھوت ھٿن ۾ ڪيٽي،
جادو لائي جيءَ جگر ۾ دوبدو ديد ھڻي،
ظلم نہ ڪر زوراور يار.

(٣) سڪ وارن کي صد مان ڏيئي سھڻل ڪين سڪاءِ،
محبت وارا ماندا ملڻ لئہ عاشق نہ ايذاءِ،
مشتاقن کي محب نہ مار.

(٤) شاھ ولايت شيدا شائق عشق ڪيو عُريان،
مجبور محبت مونکي بنائي نينھن ڪيو نيشان،
پلپل تنھنجي آھي پچار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

دانهون درد منجهان ڪيون روز رڙي. شال نه ڪنھن جي دلڙي اڙي،
منهنجي پياري پنهل سان پرت پڙي.

١. اها ڪيچ ڪشالا ڪين نه ڪندي. جيڪا محبت ماري دردوندي،
قابو ڪيف ڪٿي ڪنهن قرب ڪڙي.

٢. ساريو سڄڻ کي پٺي سندڪا پري. راڻي روح رُڃن ڏي ڪاهه ڪري،
ساڻ سورن ستايل سڪ ۾ سڙي.

٣. جيڏيون سرتيون جهٽڪان ڏين. مُٺي چوڏي مرين پيٺون سمجهائن،
ٻڌي لنوَ جنهن کي ساڪين مُڙي.

٤. وڃان شاهه ولايت وند روري. حق هوت بنا منهنجي ڪانسري،
سوگهو ساهه ڪيو آجيءَ جتن جڙي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

دلڙي کسي ويو دلبر بيوس بي اختياري،
هيٺ ديدن سان ڏاڙو مهل ڏسي موچاري.

١- اوکي هند وٺي اڙجي - زوريءَ دل آ زاري،
پاڻ پرين قرب ڪري - دوست ڏئي دلداري.

٢- ڪاڻ پيٽ جي خواهش - وئي نڪري ويچاري،
پوشاڪان ڪيئن پهريان - وٺي قرجي دل پياري.

٣- باقي رهيو روئڻ پٽڻ - سُڌ ڪا پرڻ سؤ واري،
العشق نارٌ يُحرق - جان جلي وئي ساري.

٤- شاه ولايت شاهد ڪاتب گهرجن قاري،
نيرو هڻ نياز ڪرڻ نت نت آ نيزاري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ مالڪوس

دانهون نه ڪر آهون نه ڪر- اي دل دردڪان آه وسرد ڪان ،
تون خاموش رهه .

١- عمر يار جو غنيمت سمجهه تون- هي حضرت شاه عشق امانت سمجهه تون
درد دل ۾ پائي سورسڀ سهائي باهوش رهه.

٢- اڪثرين مان عشق ته ڳوڙها وهائي- هتي تنهنجي ڳوڙهن جي قيمت نه آهي،
درد حال ڪان تون خاصي خيال ڪان تون نه فراموش رهه.

٣- ڪري پيار جبيڪو تو آزار پائي- محبت سان گڏ ڇا مصيبت به آهي،
حرف وحڪايت ستم جي شڪايت ڪان تون بِردوش رهه.

٤- درد هجر هڪ ئي سڪ جو ثمر آ- دنيا ۾ ساري گهڙي جو سفر آ،
دنيا دم گذر ڪان خاصي خبر ڪان تون آغوش رهه.

٥- اي سوز دل شل سلامت رهين تون- سڪ دلبر جي دولت رهين تون،
سڪ صاف صحبت ۾ مئه محبت تون مدهوش رهه.

٦- دائم ياد دلبر جي آهي عبادت- سخن سمجهه صوفيءَ جو شاه ولايت،
نشو هي نرالو پرت جو پيالو پي مئه نوش رهه.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪونسيو

داتا سائين توڙ رسائين،
وحدت ساڻ وڏائين.

١. بنا عشق الله جي،
ٻيا خيال خوديءَ جا ڪائين.

٢. محبت جي ميدان ۾،
نا نگو ڪري نچائين.

٣. بيخوديءَ جي باب جو،
پيالو پُر پلائين.

٤. انا الحق جو ماري نعرو،
سوريءَ سِرُ چڙهائين.

٥. شاهه ولايت تي سهڻا سائين،
نظر ڪري نه نهارين.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

درسن خاطر دلبر پيارا۔ در در ديوانہ دانھَ ڏُلارا․

(١) اکڙين آهي عشق الاهي۔ گمر ڪرن تيون غير گمراهي،
عاشق ايئن ڏين گواهي۔ مجنون پيارا محبت وارا ․

(٢) اکيون امالڪ عشق تيون آهن۔ موج الاهي من ۾ ماڻن،
جام اهوئي جت چاچاڻن۔ الست اشارا نور نظارا ․

(٣) اکڙين ۾ اسرار عجب آ۔ مامر ماڻ سان مٿريوئي مطلب آ،
سبحان سورت ثابت سپ آ۔ پرجهن پيارا مير مٺيارا ․

(٤) ديد ۾ ديد جو درسن دمر آ۔ اکيون ڪولي ڏس الف اسمر آ،
ڪارڪسب جي ڪينڪي ڪمر آ۔ سر ڏين سچارا وحدت وارا․

(٥) شاهه ولايت شيدا شائق۔ اصل اکين جا آهيون عاشق،
مير سچائي سان سدا سڪ ۔صوفي سوبارا اڏِن اوتارا․

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

دور منزل راھ مشڪل رهنما ڪوئي نہ آ،

درد ڪان دل آھ بسمل همنوا ڪوئي نہ آ.

١. درياءِ فراق ۾ رهان تو مون فقط هڪ مُبتلا،

هم درد ۽ هم وصل ماهِ لقا ڪوئي نہ آ.

٢. ياد رک يقين سان مڪمل مغان موجود ٿي،

ري رهبر راھ حاصل قبلہ نُما ڪوئي نہ آ.

٣. محبتي مريض جي دلبر سوا ناهي دوا،

علاج عاشق اهلِ دل مَسيحا ڪوئي نہ آ.

٤. انڪاري اناالحق ڪان تو زهد ۾ ضايع رهي،

منجهہ رِياءَ راغب رُذل بي رِياءَ ڪوئي نہ آ.

٥. وصل جي هڪ رات ٿيا باغ ۾ بلبل ڪَنا،

طرحين طرحين قسم گل پر دلربا ڪوئي نہ آ.

٦. دُور دلبر ناهي دم ڪان منصوري منزل صلاءِ،

آغاز آهي عشق هر دل الوداع ڪوئي نہ آ.

٧. بيوفا بالم رهن سهڻا سيٺي سنسار ۾،

مجاز ۾ مغرور ميدل باوفا ڪوئي نہ آ.

٨. واصل ولايت شاھ جي هن راز جو راغب رهين،

سيڪا صورت نور نرمل ڪان جدا ڪوئي نہ آ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

دلربا ديدار تنھنجي جو سڪايل ھان سدا،
نازمٺون مون ڏي نھارج اي مٺا نامِ خدا.

(١) پور پلپل ٿا پون تنھنجي ملڻ لئہ اي مِٺا،
ڪائڻ پيئڻ آرام ويو روح راڙو ٿيو پيدا.

(٢) انتظاري بيقراري تنھنجو قسم آ نتو بِنان،
چوڙي شاھي پنھنجي ساري تنھنجي لئہ ٿيڙس گدا.

(٣) بيوفائي يار جاني تون نہ ڪر مسڪين سان،
پاڻ ڪان ھڪ پَلُ نہ پاسي جانب نہ ڪر مونکي جدا.

(٤) ويھان ويھڻ ناپچي بيھان نہ ٻگي باھ باھ،
شاھ ولايت پنھنجو سارو سر ڪيو توتان فدا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

دلبر جانان ڪر نہ جدائي ڪج ڪو ڪرم،
نفارِج بزم ڪر ڪو رحم تون.

(١) درد هجر جو آزار آهي، روز شب اهو انتظار آهي،
رڳو آهي غم تنهنجو هي الم نہ ڪر ستم تون .

(٢) تير بينظير جي وڏو نماري - ابر تلوارون عاشق تي اوياري،
سيف صمصم ڪيو آهي زخم ڪر مرهم تون .

(٣) عاشق اڳيئي آهي ايذايل - سور ستم ڪان سخت ستايل،
جلي ويو جسم بدن تي پسم ڪر نہ ظلم تون .

(٤) شاهہ ولايت شيدا آهي - شوق تنهنجي ۾ شعر ٿو ٺاهي،
ٿو ڪري نظم شعر و بزم سڄ صنم تون.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا گجري

دلبر جي ديدار موهيو من - ديرو ڪيو اٿس دائم دل ۾

(١) مُحب ميثاقي لَنو جا لاتي - جانب جيءَ ۾ پاتي جهاتي،
اڪثرين جي اسرار موهيو من.

(٢) روز ازل کان سِنهن جو ناتو - پرجهي پيار پيچ آ پاتو،
ناتي سِنهن نروار موهيو من.

(٣) يار ريگانو يڪدل ياڪي - برهه ۾ بانورو بيخود باقي،
بيوس بي اختيار موهيو من.

(٤) عشق سند واذ ڪارايامي - محبت ۾ مخمور مدامي،
پلپل پرينءَ جي پيار موهيو من.

(٥) شوق سان شامل شاهه ولايت - رمز ربوبي رازعطائت،
الستي اقرار موهيو من.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

دل دست ڪئي توڏلارا- سهڻي صورت وارا،
سهڻا سائين آءُ ڏي درسن دائم دم دم.

١- تنهنجو نازڪ نيڻن نظارو- تنهنجون نشان ڏين اشارو،
ڪر پسڻ جو پاڻ پسارو- آهي پلپل پياس پيارا.

٢- آهو عين عجب اربيلا- مٿان مشتاقن جا ميلا،
آهيون اڳيان تن جي اڪيلا- مٺي سوچ منجهان ڪن مارا.

٣- تڪا تير نظر جا اوياريِن ٿو- پيو عاشقن تي اولارين ٿو،
من مشتاقن جي مارين ٿو- سهه سار ستم صد بارا.

٤- ساري سڪ مان شاهه ولايت- موهيو ماهه لقا جي محبت،
تي نازل نيڪ نعمت- آ قرب ڪري ڪوهيارا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

ديد ملائي درسن پائي هردي هردم،
هُوهُوهِردي هَردم.

١. درڪ ديدار دروني گياني گن گونا گوني،
بيک بقائيُ بالم پيد بِالاهي وجه اِلاهي
حاضر همدم.

٢. بيخود بيس بازي- سرڪ سڪ ساغرسازي،
پيگ پريمي پرنم پلايو پلائي جوت جاڳائي،
جاني جمجم.

٣. بحق بحال باقي يڪتادل ياور ياڪي،
درسن دُناري دما دم موج مچائيُ مام ملائي،
مخفي محڪم.

Gul Hayat Institute

٤. شوق سان شاه ولايت نازل نئون نينهن نهايت
رمز رلائي - چشمان چپائي،
سيفان صمصم.

# ڪافي روپ پهاڙي

درد هجر جو دلربا درمان ٿي رهيو،
سڪ سوز جو سيني اندر سامان ٿي رهيو.

۱. نينهن جو ناتو رکي ناگاه ڪيو نشانبر،
نت نت نظر جي نوڪ سان نيشان ٿي رهيو:

۲. اڪرين اجو رو عشق جو عاشقن تي آڪيو،
ايجاد ٿيو ازلي اعلان ٿي رهيو.

۳. ماهر مجازي مارم ميثاقي مهر سان،
مون من محو محبوب سان مستان ٿي رهيو:

۴. واعدي وفا آ وصل جي واقف ڪيو وصالي،
وحدت ولايت شاه ورد وجدان ٿي رهيو:

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

ديدان ملائيُ ديد سان درشن شتاب ڏي،
پيالو پري پريم جو، شوقِ شراب ڏي.

(١) پياسي آهيان پريت جو سائل مون سڪ سندو،
پرينءَ ڪو پيار جو ملي - پئمان پڪ سندو،
بخشي سُرُور جو سدا مئه آب ناب ڏي.

(٢) اڪثر آهيان اڇايل مان عشق جو،
گفتار شڪر شيرين دهن بالب مشڪ جو،
شربت وصال محبت تون بي حجاب ڏي.

(٣) سڪ جي سرود سان ڪو سخنات سُرسُتاءِ،
باجهارا ٻول ڀڳڻ ڀيهر ٻولي ٻڌاءِ،
ريجهائي رُوح کي سو چنگ و رباب ڏي.

(٤) همراز هم وصل تون اسان جو آهين سدا،
واعدي وفا ڪان ڪڏهن وارث نئين وداع،
دردِ هجر جو اهڙو نا اهنجو عذاب ڏي.

(٥) مشتاق ڪان مخالف محبت ۾ مَنا رَوا،
ديدار بنا ناهي عاشق جي ڪا دوا،
تڏهين نه پردو پائي منهن تي نقاب ڏي.

(٦) شادان شوق شاهه ولايت وصول ٿئي،
الفت سندو انعام هي اعلىٰ اصول ٿئي،
مئه نوش مست مجروح خوبان خطاب ڏي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀاڙي.

دلبر ڪيو آ دم ۾ آواز عشق جو،
سهڻو تنهن سان شامل آ ساز عشق جو.

١- تنڌڙي وڄائي تن ۾ - پڪي لئه رکي تمامي،
جوڙي ويٺو آ جاني جهاز عشق جو.

٢- دم دم ڌمال دل ۾ - پيدي خيال سان خلاصو،
ڪري خيال پنهنجو خاصو پرواز عشق جو.

٣- غيب الساني گفتو آ واز آ الاصي،
سهڻو آهي سدائين آغاز عشق جو.

٤- شاه ولايت شوق جو شعلو چڙهيو شاهاني،
نازل ٿيو نهاني آ راز عشق جو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

دل ته دلبر جي اڳيان،
نذران آنذران آ.

(١) ڪين ٻيهن ڪنهن جو رٿان،
سڀڪي ٿئي تنهنجي هٿان.
سر سڄڻ تنهنجي مٿان،
قربان آ قربان آ.

(٢) ڪيئي قرب سان ڪامل ڪتا،
سالڪن سِرَ تي سَتا.
تنهنجي ملڻ لاءِ من متا.
مستان آ مستان آ.

(٣) دل جو آهين جو ڏيٺي،
دل ڪيئي قابو ڪئي،
شاهه ولايت واهه وسٽي،
شڪران آ شڪران آ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

ديدن سان دلدار- منهنجي دلڙي لُٽي آ،
سوز ۾ سَٽي آ، پرين ڏيئي پيار.

۱- سُڌ نہ پئي اِنهيءَ سبب جي،
شهد شيرين شڪر لب جي،
موهيو مٺيءَ گفتار.

۲- لعل لبن تي لا تَڳي لالي،
عاشق آهي سِرَ جو سوالي،
مُحب متا منٺار.

۳- رمز سان رانول راند ڪٽي ويئن،
ريهي ريبي ڏاڙو ڪٽيئن ويئن،
زوران زوري يار.

۴- شاه ولايت تنهنجو شائق آهي،
اصل کان عينن جو عاشق آهي،
دلبر ڪر نا ڌار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي.

دلي دربار ۾ دلبر - ڳُڻن سان ڳولڻو آهي،
ٻدائي ٻول ٻهڳڻ سان ٻاجهاروئي ٻولڻو آهي .

١- پنهل سان پيار جو پيوند - پاڻ پلپل پسڻ جي لئهُ،
وندر جي وَرَ وڪڙ ويرن ۾ وَرَڪي وڙڻو آهي.

٢- سقيلو سر مٿي سعاهي - صحيح سِرَڪٽ صفا صوفي،
ڪيٺي لا الا الله ڪاٺي. ڪنڌ ڪي ڪورڻو آهي.

٣- نشانبر نينهن نايابي - نپائڻ نات سان ناتو،
ملائي مام محبت جي نہ منصن ڪي موڙڻو آهي.

٤- احوال عشق جو ايجاد - آخر اهلِ دل اڳيان،
خندائي خيال خوشخبري. خط ڪي کولڻو آهي.

Gul Hayat Institute

٥- وصل وحدت ولايت شاهہ - وصالي وار جو واقف،
ڦياضي فن فراقي ڦي. فڪر سان ڦولهڻو آهي.

# مداح روپ پيروي

دليون دان منگان دستگيران - ميٺ منهنجيون تڪسيران
دلجاءِ ڏيوين دلپذير داتا دستگير.

١- درتنهنجي تي سوالي - وريو ڪنڌهن ڪونه خالي - ونڃ ڏارا ويڙ.
٢- پاڄهه سان ٻيڙو تاريو - تغياني کان اُڪاريو - ثابت منجهان سِيڙ.
٣- مٺا محبوب سبحاني - قادر قطب رباني - ميران محي الدين مِير.
٤- سڀئي سنڌڙا سائين - ڪل جي آس پڄائين - ڀرا ڏيوين بينظير.
٥- غريب نواز خواجه - دولهه دلاور داتا - رهبر روشن ضمير.
٦- پيڏي عرض عاجزيون آهون - آقا اينديون ايڏ العون - ڪنڌين قرب قدير.
٧- آيو ٻڪيا پنڌ لئه ٻڪاري - سائل تي ڪيو ستاري - جهولي خالي پر پير.
٨- حامي هردم تون هيڻن - ياور يار يتيمن - ضامن ضعيفن ظهير.
٩- سائل جي سڄ سداحي - مطلب مڪمل مداحي - تنهنجا طالب دامنگير.
١٠- سقيمن کي آ تنهنجو سهارو - اچي آباد ڪر اوتارو - اهل الله اڪسير.
١١- تون غمخوار غريبن - مارڪنڌڙ مسڪينن - شئي ساهه سڌير.
١٢- والي ولايت شاهه تون - آهين فيض درياهه تون - ڪيو فيضياب فقير.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

ديدان ملائي ديد سان دلبر ديدار ڏي،
پياسن کي پرين پنهنجو پرچي پيار ڏي.

(١) انجام محبت جو معلوم مشتاقن کي،
ايجاد ڪر اسان کي هڪڙو اقرار ڏي.

(٢) عاجز اڳيئي آهيان صد من ڪان ستايل
ويتر هجر جو سٺا نه اهنجو آزار ڏي.

(٣) شيدا آ شاهه ولايت درسن لئه دلربا
قائل کي قرب سان ڪو ڪيفي قرار ڏي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيرويِ

دلبر موں دل اڙائي ـ درسن لئه ديد ملائي
تو سان تو سان تو سان.

۱ـ ديدان ديرو دل منجهه لائڻ ـ پختا پيچ پريت جا پائڻ،
گهُورسان گهايل گهوٽ گهائڻ برحال باوفائي.

۲ـ عاشق اصل ڪان تنهنجو آهيان ـ نينهن نسنگ نروار نڀايان،
محبت من ۾ موج مچايان ـ ثابت سفا سچائي.

۳ـ ساهه سڄڻ سائين توکي توساري ـ قرب ڪري ڪو اچج اوتاري،
ويهان ورد مان ڪيئن وساري ـ پوري مان پڪ پڄائي.

۴ـ شاهه ولايت عاشق صادق ـ شوق تنهنجي جو شيدا شائق،
نينهن نظاري ناظر ناطق ـ رمزن سان رمز رلائي.
توسان توسان توسان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

دل آهي ٻڌي دلدار سان من محب مٺي منٺار سان،
سچ سهڻي صنم سينگار سان ديدان داڻم درس ديدار سان.

١- اچي اکيون امالڪ اڙيون. منهنجون جانب سان جيئن جڙيون،
ناتو نينهن سندو ياڪي يار سان.

٢- ڏي درس پرين گهند کول تون. ڪري ڳالهيون مٺيون ٻوليون ٻول تون،
لب لعل شڪر گفتار سان.

٣- سوين صدمن پر ساسي سڪايل. تنهنجي گهور حسن جا ڪي گهايل،
ڪُٺا ڪيئي ابر تلوار سان.

٤- آهي عشق وارن تي عنايت. شاه ولايت شوق شهادت،
سچو سؤدو ٿيو سردار سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

دلين لٽڻ کان واقف منظور نظر آهي،
قاتل قتل جو ڪارڻ دستور اگر آهي.

١- چمڪار چشم چلائڻ. اکيون تيون آگ لائڻ،
بسمي بدن بنائڻ اعليٰ نور انور آهي.

٢- سَيفن جي سِتم سازي. ابتدا کان ٿي آغازي،
عاشق جو عشق مجازي مسرور مگر آهي.

٣- فراقن کان ٿي فراري. جوش جگر ٿيو جاري،
عاشق ٿي عمر ساري پرپور اثر آهي.

٤- شانڪن تي شاهه ولايت. حَسينن سندي حڪومت،
مشتاقن کي معلوم محبت مشهور شعر آهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

دلڙي لُٽي تَو دلربا- دم ديدان ملائي،
رُوح ريجهايو رانجهن سائين- رُخ رمزان لائي.

١- مشتاق محبت وارا- سائل سدا سڪ وارا،
پينار پرت ۾ پيارا پياسي پنا ئي.

٢- دردر ڦرون ديوانا- عاشق اصل عُريانا،
شيدا شمع متي پروانا- چنڊيون جسم جلائي.

٣- تنهنجي گهور حُسن جا گهايل نت نينهن ۾ نوايل،
ڪُل ئي ڪُٺا تو قاتل- خوني خنجر چلائي.

٤- شاهه ولايت شائق اچن اڏيءَ تي عاشق،
نوڪ نيزي تي ناطق سوين سوليءَ سر چڙهائي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

دم هو الله الله آهي - سواءِ الله جي ٻيو ڪجھ ناهي،
دم جو دم ۾ ڏيان ڏري ڏس قلبي دم ڪي ڪاهي.

(١) دم جي خبر دم وارن کي آهي- آدم دم مان ڇا ڇاڻي،
دم سوا نا صورت ڪم جي جاڻ اهو ڏس ڇا ٻڌي،
دم سوا هي دم ڇاهي.

(٢) ونفخت فيه من روحي روح روان آدم ۾،
رُوح صورت ٿي رب جي ساري فن فرقان فهم ۾،
دنگ دُوئي کي ڇڏ ڏاهي.

(٣) دم سوا آدم نہ ڪوئي دم اسرار الاهي،
آدم دروني درسن داٺو دم انوار الاهي،
ڏس رمزانهيءَ سان دل راهي.

(٤) الست بربڪم قالو بلیٰ - روح سندو هي رايو،
روز ميثاق ۾ رهبر سائين - فائق ائين فرمايو،
تاهہ نہ تو ٻيو ناهي.

(٥) آواز نِهائي الانساني - سا ڳيو سر سبحاني،
شاهہ ولايت هرجاءِ حق آ هَر هِر دي ٻڳوان،
لاڳا پا ڇڏ لاهي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

داتا تنهنجي در تي دان ملي - دان ملي ورڻان ملي جي دان ملي.

١- سائل سڪايل سوين سوالي - محبت منڊ جامست موالي،
پياسن کي پيمان ملي.

٢- لطف ڪرم سان مهر وفا ڪيو - ساقي ساغر ڏني سخا ڪيو،
سُرڪي سرت سبحان ملي.

٣- ڀيد ٻڌايو بره بقا جو - سر سمجهايو صوفي صفا جو،
راز عطا پنهان ملي.

٤- ڪن کي منزل ملي ملڪوتي - ڪِن کي ڪرايُو سير لاهوتي،
معرفت ۾ مڪان ملي.

٥- عاشق اداسي آهيان اُجايل - وره وڇوڙي جو ويل گهايل،
درد وندن درمان ملي.

٦- دانهون سائين درگاه تنهنجي - غريبن يتيمن تي نگاه تنهنجي،
مسڪينن کي مان ملي.

٧- شاه ٻڪن جي آهي سرداري - ٻڪيا پنڻ لئہ آيا ٻيڪاري،
خيرات خدائي خزان ملي.

٨- فيض درياه سائينءَ فيض ڏياريو - جاويد جام ڏيئي دل کي جياريو،
مدامي مئخان ملي.

٩- شاه ولايت تنهنجي شاهي - فقراء فالم فيض درياهي،
فائض فيض رسان ملي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

دلربا ديدون هٽي ـ ديوانو دلبر توڪيو،
مجروح محبت پر مونکي ـ مستان دلبر توڪيو.

۱ـ تصور تنهنجي تصوير جو ـ من اندر مسجود ٿيو،
قلب آڪعبو هئي ـ بتخان دلبر توڪيو.

۲ـ تير ابرو تيز وارا ـ چوم مان ڏاڍا چڀيا،
چست چالاڪي ڪري ـ چالان دلبر توڪيو.

۳ـ طفل نادان سعد ڪيو ـ صياد تو سڃيو ڪري،
مرغ دل مقتول تي ـ جرمان دلبر توڪيو.

۴ـ قفس جي هن دام پر شد مرغ دل مقيد آ،
زلف جي زنجير پر ـ زندان دلبر توڪيو.

۵ـ ڪارهي حسرت نه مون پر ـ درد دل جو ڪيئن سهان،
بيڪسيءَ پر درگذر ـ بيگان دلبر توڪيو.

٦ـ مخفي محو بجز سڀي رهيا خمر ڪيئو رهيس،
موجود محبت مٺ ڪري ـ مٺخان دلبر توڪيو.

۷ـ گر وصل خواهي ولايت شاه خوبان واعدو،
موجودگي رهواس جو اعلان دلبر توڪيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

دمر دمر توکي منهنجي دل تي پوڪاري ـ دل تي پوڪاري منهنجو ساهہ گهڻو ساري .

١ـ تو کان سواءِ نہ ساعت سري تي ـ محبت تنهنجي ڪين وسري تي،
جيءَ کي جياري ـ تنهنجي طلب نشي تاري .

٢ـ پوت لائي تو پيار ڪيو آ ـ الفت جو اقرار ڪيو آ،
ويهہ نہ وساري ـ هلي اچ اوتاري .

٣ـ آءُ اصل کان آهيان اوهان جو ـ پرچي پيار ڪرتون پنهنجو،
نينهن جي نظاري آهيان تنهنجي سهاري .

٤ـ ديد ملائي دل کي ڦاسائي ـ مونسان مدامي رمز رلائي،
عين اشاري سان مشتاق ماري .

٥ـ سبق سيکاري سڪ صحبت جو ـ ماهر مجازي مڻ محبت جو،
جام پياري حبلدي جوش جباري .

٦ـ مون مسڪين تون شاهہ ولايت ـ عشق پنهنجي جي ڪج ڪاعنايت،
بگيس مون لاري پرين تو پناري .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي.

ديدار تنهنجي دلبر دل ڪئي آ ديواني. مشتاق مستاني .

(١) نيشان ڪيو نهال تنهنجي نينهن نظاري. موهي وِڌُءِ ماري ،
هليو هوش ويو هڪدم، ٿيس حيرت ۾ حيراني .

(٢) پيالو پريمي پرت مان پرين پياريو. ماري جياريو ،
سيبانجي ٿي ساھ کي. سرڪي آ سلطاني .

(٣) هرجا ظهور تنهنجو ذاتي وصفاتي. صورت مون سُڃاتي ،
سهڻو وٽيو آ توکي. القاب انساني .

(٤) شاھ ولايت شوق جي شامل شمار ۾. پرينءَ جي پيار ۾ ،
طالب ٿيو توحيد جو. عشاق لا ثاني .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

دلبر ديدان واليانھ درسن دمر دکلاڪي جا،
رُخ ربوبي رازسان رمز رنگي رَلاڪي جا.

١. اڄ وصل دا وارهئي - سڀئي ڪيتا سينگارهئي،
عاشق زار نظار هئي- آوين ميڏا ڍول وي منورمک وکلاڪي جا.

٢. نرمل نگاھ نيک هئي - ساڏي تيڏي دل ايک هئي،
پُريريمي پيگ هئي. پرکي محبت جام دي ساقي سرک پلاڪي جا.

٣. تن من تيڏي تات هئي - دمر دمر دي وچ جهات هئي،
سِرسيف ابرو دا کات هئي. صد ستم شمشير دا گلي ميڏي وهاڪي جا.

٤. شاھ ولايت نال وي - ڪرکي پيالا يان پيال وي،
واعدہ وصل وصال وي. شائق تيڏي شوق دا نينھن اسان کون لاڪي جا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

دردرقرون ديوانا هون. مدهوش ڪذان مستانا هون.

(١) صوفي سالڪ سرپوش ڪذان - پرجوش خروش خاموش ڪذان،
مئہ ڪشي مئہ نوش ڪذان. ساقي ساغر ڪذان پئمانا هون.

(٢) عابد تي معبود ڪذان - ساجد تي مسجود ڪذان،
رند رموز ربود ڪذان - ڪذان موج ميثاقي معنا هون.

(٣) عاشق تي معشوق ڪذان. خالق تي مخلوق ڪذان،
ظاهر زناري ذوق ڪذان. ڪذان شمع ڪذان پروانا هون.

(٤) مخمور محو مشهور ڪذان. مد مئہ پرست منصور ڪذان،
حق حال حلاجي حضور ڪذان. ڪذان ساڪن سر سلطانا هون.

(٥) قاتل تي مقتول ڪذان. فاعل تي مفعول ڪذان،
واحد وصال وصول ڪذان. ڪذان درد ڪذان درمانا هون.

(٦) شاه ولايت شاه ڪذان - دان داور تي گداۓ ڪذان،
وحدت وصل وسياه ڪذان. ڪذان عدم ڪذان عُريانا هون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪوهياري

ڏُسُ تہ ڏيو جيڏيون مون منزل جو. ڪيچي ڪوهياري خان پنهل جو.

(١) ڪرها ڪاٿون ڪاله ڪهي ويا. ڳس ڳورن جي جهوڪ جبل جو.

(٢) پره ڦٽي پنڌ پار پچايان. پُورِ پوي ٿو مون پلپل جو.

(٣) آڏيءَ رات اُٿي ويا آري. سڳ ڇني ويا سهڳ ڪتل جو.

(٤) ڏمر ڏکيءَ تي ڏير ڪري ويا. ڏک ڏهگ ڏيئي ويا ڏاج ڏڏل جو.

(٥) ننگ سڃاڻي نال نہ نياٿون. قياس ڪياٿون ڪونہ ڪُٺل جو.

(٦) ويندس شاه ولايت شوق سان. ميلو مونسان منڌ ماڳ مِٺل جو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بباس

ڏي مست مئخاني مان ساقي جام شوق شراب جو،
سينهن نشو ٿئي مون نهايت الستي احباب جو.

۱. سرڪ ساقي ڏئي سخا ڪيو،
جذبو جام جلال جو،
سنسار سارو ٿئي عيان،
هن عشق جي اسباب جو.

۲. صاف ڪر ساغر پياري،
بيخوديءَ جي باب جو،
مُرڪي ڏناءُن سرڪ مونکي،
ويو هجڻ حجاب جو.

۳. پُرڪري پير مغان،
پيالو ڏنو مون پريم جو،
شاھ ولايت ڪي عطا ڪيو،
فيض درياھ فيضياب جو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ وهاڳ

ڏس اوهانجي عشق ۾ ڪيئن حال تي رهيو،
برهه ڏاڍي باھ ٻاري ٻئران تي رهيو.

۱. عين عينن ۾ اڙيا- تير تفنگي تي چڙهيا،
ساھ سيني مان سدا نيشان تي رهيو.

۲. قربدار قرب ڪري ديدار ڏي ٿون ڏيان ڏري،
ساعت ٿوري ڪاڻ سري ويران تي رهيو.

۳. دل منهنجي ڪي دلبرآ ديوانو تو ڪيو،
پسي جلوه تنهنجو مٿا هي مستان تي رهيو.

۴. شاھ ولايت حق ڪري بيا خيال خطرا ترڪ ڪري،
ويراڳ وحدت جو ڪري آشيان تي رهيو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

ڏيهن ڳڌريا ڪيترا ويٺين وچي ونڪار ۾،
گهُرَ اوهانجي آڳهڙي هِتِ عشق جي سرڪار ۾.

(۱) واعدو وساري تو پرين پرديس کي پيارو ڪيو،
اڄ اڏامي ٿي عوشاقي دل سنڌي دربار ۾.

(۲) پرديس واري پيار ڪان - پنهنجي ديس جا ڏٽڪا پلا،
ڇاوان ٿڏيون منٺريون بڪان ويٺا هجئون ٿڏڪار ۾.

(۳) سور ۾ ساسي ويچارا - سڪ منجهان سارن سدا،
مِلُ تنين سان تون مٺا آهن وڏي آزار ۾.

(۴) شاه ولايت آسدائين - عشق جي انجام ۾،
ٿيتر بچلن جيتر اچان - دوست جي دربار ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

ڏس اچي عاشق نماڻو يار پنهنجي روبرو،
آهي ورهين ڪان وڪاڻو يار تنهنجي روبرو.

١. دل ڏکي ڏانهون ڪري آ درد ديوانو ڪيو،
آهي اڄڪله ھي اياڻو يار تنهنجي روبرو.

٢. جي اچين توُن محب مون وٽ آ مونکي تنهنجو قسم،
تان ٿيان يڪدم سياڻو يار تنهنجي روبرو.

٣. شاھ ولايت شوق آهي حق پنهنجن سان هلاءِ،
اچي عاشق کي اماڻيو يار پنهنجي روبرو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀيروي.

ڏينهن ڏهاڙي رڙندي وتان مان. سهڻا تنهنجي سڪ ۾ سڪندي وتان مان.

۱. جاڪون ڪري وڃين يار جدائي. تاڪون جوشن جندڙي جلائي،
چرين جان چري ٿي پڇندي وتان مان.

۲. ٻلبل پُور پون ٿا تنهنجا. جيئڻ جدائيءَ جا ڏينهڙا اهنجا،
سچڻ تنهنجا راهه نهاري. رڙندي وتان مان.

۳. ٻاهه برهه تنهنجي آهي ٻاري. جند جان سڙي وئي منهنجي ساري،
راتيان ڏينهان تنهن ۾ پچندي وتان مان.

۴. فلق فراق ڪيو آ فاني. درد تنهنجي ڪئي دلڙي ديواني،
سهڻا انهيءَ سور ۾. سڙندي وتان مان.

۵. شاهه ولايت ڪي سهڻا سائين. وِرهه وڪوڙيا ڪئي آ ويراني،
انهيءَ ٻَارا ٽي ۾ ٻرندي وتان مان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

ڏاڍو ڪري آيو عشق امارو،
جيرو جان سڙي ويو سارو.

١. عشق اچي اثبات ڪيو،
هيٺي ناطق نغرو.

٢. عشق اندر ۾ آتش لائي،
ڪري جوش جبارو.

٣. عشق اچي جڏهن شور مچايو،
تنهن سان چلي نه ٻيو ڪو چارو.

٤. شاهه ولايت تي نيڏڙي لاڪون،
آيو عشق اوپارو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

رخ تان پردو لاهه مان صدقي وڃان،
محبوب مک ويکاءِ مان صدقي وڃان.

(١) ڏسڻ تنهنجي لاءِ ٿو سائل سڪي،
منهن تي نہ پردو پاءِ مان صدقي وڃان.

(٢) خير تنهنجي حُسن جو ٿو مان گهُران،
سائل کي سرچاءِ مان صدقي وڃان.

(٣) غمر گوندر سڀ ڪٽي روح کي رِيجهاءِ،
پيار ڏي پرچاءِ مان صدقي وڃان.

(٤) ڏي دوا دردن سندي تون دلربا،
سانول ڪين سڪاءِ مان صدقي وڃان.

(٥) شاهه ولايت سان مٺا ميلاپ ڪر،
دردن پنهنجو پساءِ مان صدقي وڃان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪوهياري.

رکي رمز روحاني رايا - بن صورت آدم آيا.

۱- الست بربکم قالوبلیٰ - قول قديمي قائم قل هوالله،
ساجن سڀ ۾ سمايا.

۲- ونحن اقرب واعدو پاڙي - جسمڪ جسمي جايون جوڙي،
وستي ويران وسايا.

۳- خلق الآدم صورت اعلیٰ - ويس وصالي واصل وجه الله،
القاب انساني پايا.

۴- ظاهر ذات ظهورو ذاتي - عشق اناالحق ثيو اثباتي،
دلبر ديرا لايا.

۵- شوق سان شاهان شاهه ولايت - عشق اسانوت آيو امانت،
رهبر رنگ رچايا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تورڙي

رئي هٿين پيرين هاج سيڪاري،
پير بتا رفتار سچڻ جي.

١- بي گوشي پيرين بات بتائي،
لا لسان للڪار سچڻ جي.

٢- غازي گم ٿي سڻ باگوشي،
گفت مٺي گهمڪار سچڻ جي.

٣- مام مغان جي مانجهي ماريا،
جن بدي گفتار سچڻ جي.

٤- روز شب آ شاه ولايت،
ساعت ساعت سار سچڻ جي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تـوڙي.

رج روئڻ راتيان ڏينهان آهي علامت عشق جي،
جهڄڻ جهوري روز ريهان آهي علامت عشق جي.

١- عشق جو آزار البت مرد ڪن منظور ٿا،
سولي سعجهن سيج سي آهي نهايت عشق جي.

٢- تن کي ٽراريون ڇا ڪنديون جيڪي وحدت ۾ ونگجي ويا،
دم دم ڪُسي قربان ٿيا پائي شهادت عشق جي.

٣- سڪ سنڌو ڏي ڪينڪي تـوڙي سجڻ آسامهون،
پَرَ ڏِني ٿيي گهَرَ گهٽي ثابت سلامت عشق جي.

Gul Hayat Institute

٤- جو دم آهي زندگي توُن طلب رک تَنَ ۾ تمام،
پابندي پرينءَ اڳيان ڪر شاهه ولايت عشق جي.

## ڪافي روپ راڻو.

ماڻا ريجهي راز ڏي مونکي،
سهڻا ڪين سڪاءِ.

١. سُڪ سيبائن ڪينڪي
سو ڏِل نوڪان سواءِ.

٢. ڪاٽيارِئَ جي ڪاڪ تئون
اچي محب مهڙو لاهو.

٣. آسر وندي آهيان
پرين پنهنجو پاڻ پساءِ.

٤. ساري شاهہ ولايت توکي
پير اگهڙ ئي پاءِ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پهاڙي

رنگ رخ برسي باد صبا موسم بهاري آئي،
گلشن گلزاري آئي باغ بهاري.

(١)- بوستان بشري باغ بهاريا ڦولاريا سائي سبزي سرخ سينگارياجنساريا
واء وصل جي وٽ ورهائي. خوب خوشتر خوشنما
خمرخاني خوماري لائي باغ بهاري.

(٢)- ينورا بيخود گل تي واس وٺن ڦيرا ڏين،
بلبل بوءِ ۾ بهتر مست ٿين مخمور رهن،
مشڪ ڪجا عنبر ڪجا هر جاء هبڪاري لائي باغ بهاري.

Gul Hayat Institute

(٣)- چهرا چاه چشم چمڪارا جهمڪارا،
جهولن جهمڪن جهم جهمڪارا سياه ستارا،
شاه ولايت شوق منجهان ارمحسن اظهاري لائي باغ بهاري.

# ڪافي روپ پهاڙي

راضي رهبر تي مل موئسان راڻا،
ساري زندگي زهر تي مان ڄاڻان.

١- سر تي سوزِ گدازي ستم آ. دل کي دردِ هجر ڪيو زخم آ،
مل محب ڇڏي موئسان ماڻان.

٢- توکي الله اڳڻ منھنجي آڇ. جيوين شال جواني ماڻين،
سُکي سيج وڻن نه وڻاڻان.

٣- جدا جاڪون ٿين يارجاني. تاڪون تي آ تلف زندگاني،
اچي پورل وسار منھنجا پاڻان.

٤- ڏسي ڏاها سُتي سات سومل. اهي مهڻا ناهن مرڪ مومل،
توري ڪاڪ جا ڪنور هي ڪوماڻا.

Gul Hayat Institute

٥- ڪين شاه ولايت ڇڏيندين. نينهن گولي هي پاڻ سان گڏيندين،
سونهان سر تين پر سوڊل سياڻا.

# ڪافي روپ پيروي

رمز نرالي آهي رمز نرالي - تئنن جو لڳو سينهن نسنگ نرت نياري،
چالان چشم چوٽ جي ڪٽي چور آ چالي.

١- ديدان دوناليون دمردم دور لڙن ٿيون،
دور لڙن ٿيون تہ ڪنڌهن ڪين مُڙن ٿيون،
مورچا پڌي ميدان ۾ خنجر خالي.

٢- ابرو عجب عجائب آهو عين اربيلا،
آهو عين اربيلا تہ ستن سِرَ تي سقيلا،
مژگان مڇي موج منجهان تيغ مثالي.

٣- اظهار اصل اکيون عوشاقي آرسان،
عوشاقي آرسان تہ پلپل پيار سان،
وصال وصل ويس واري واڳ وصالي.

٤- شائق شڪار شوق سان شرف شاه ولايت،
شرف شاه ولايت تہ سچو سئير صداقت،
جلوه حسن جمال جاڳي جوت جمالي.

Gul Hayat Institute

## كافي روپ پهاڑي.

رانجهن رمزان نال نظاري عاشق بن كر آيا،
بيك بشر دا پهن پوشاكي. ميم دا برقعا پايا.

(١) بن صورت الانساني - خرقعا خاكي سر سبحاني،
روپوش كيتا رندانيِ - رازِ نهاني. كيتا ذات ظهورا هرجا،
ساجن آپ سمايا.

(٢) عشقئون اپني آونڊا دلبر. احدئون آكي چاك سڈاكر،
چا باربره دا برسر. صاف سراسر. سانول سهڻي موهن مُهڻي،
منور مُك وكلايا.

(٣) سئير دي سانگي محسن ماهي. تخت هزار دي چوڑكي شاهي،
كيتي اعليٰ عشق ادائي موج الاهي. مُك وچ مرلي. وجيندا ونجهلي،
بيخود بين بجايا.

Gul Hayat Institute

(٤) شوقئون اپني شاه ولايت. حضرت عشق كريندا امامت،
ڏِهن راه حقيقي ثابت ماگ مدامت. ويس وصل دا روز ازل دا،
سئين سئين ناز ڏيكايا.

## ڪافي روپ بسنت

وانجهن سائين آيا هٿي ـ ڏم لڳي آ ساڏي ويڙهي .

١. عيدان ٿيون هن تنهنجي آسي ،
واڳ وصل جي آيو وراسي،
پرت پنهل تو پنهنجي پاڙي.

٢. چوطرف چاندا ٿي چمن م ،
لڳي بهاري آهر سبزم م ،
گل گلابي گل ڳاڙهي .

٣. آسي تنهنجي باغ بهاريو،
سائي سبزي هُل مچايو،
جيئن بوءِ ڪلي آ منجهه پڙي.

٤. شاهه ولايت آهه نهايت،
لب مرجان دندان مثل دُرَ جانب،
آيو جنگ جوڙي.

Gul Hayat Institute

# کافي روپ پیروي

رانجھا ساڈي ویڑھي آیا چھوڑکي شاھي تخت ھزار،
سیٹر دي سانگي سانول صورت دي وچ ھئي سیّار .

۱- انس دي آکر اولي چاک سڈا کر چولي ،
پھن پوشاک رنگین پردي وچ آپ بولي غیر داپن کر بولي،
ھرگھر ھر دي ھئي دلدار .

۲- ونجھلي دي ویلھي آوي۔ بره دي بین بجاوي ،
سوز درد دي سانون ڈوک فراق سناوي۔ ماھي مندر آوي جاوي،
جوگي والا کر جنسار .

۳- میم دا برقعا پایا۔ سر لولاکي سحیا ،
انا عرب دا سخن بلی ھئي عین کھایا۔ احد نون آکھي عبد سڈایا،
انا احمد ھئي اظھار .

۴- بیک بشر دي بازي - رنگپور وچ تي گیا راضي،
ملک سیال ماھي موھیا ھئي مام مجازي۔ انا الحق ساز آوازي،
آپي کیتا ھئي اظھار .

۵- شاہ ولایت والي کردا کیف عاف عشالي،
روز ازل دي یاري لائي ھئي مین اھندي نالي۔ مھرنظر دي پیالي،
ساڈي سانگي آوندا یار .

Gul Hayat Institute

# کافی روپ تلنگ

رنگپور وچ ماہی یار وی۔ رانجھا ساڈی سانگی آیا۔

۱۔ سئیر دی سانگی بن سٹلائی۔ صورت وچ سیار وی۔

۲۔ بیک بشر وچ پید نیاری۔ نینھں کیتس نزوار وی۔

۳۔ درچوچک دی چاک سڈاکر۔ بن منجھیان دا میہار وی۔

۴۔ میم دا گھونگھٹ کرکی ماہی۔ احد کیتس اظہار وی۔

Gul Hayat Institute

۵۔ شوقئوں شاہ ولایت والی۔ چوڑکی تخت ہزار وی۔

## ڪافي روپ ڪليات

سچڻ آڳڻ مون آيو
مولا سو محب ملايو.

١. خلق الآدم علیٰ صورته،
دلبر درسن ڪرايو.

٢. ونحن اقرب واعدو پاڙي،
وسيتي ويران وسايو.

٣. الانسان سري وانا سره،
ساجن سپ ۾ سمايو.

٤. بيڪ بشري برقعو پائي،
موهن مڪ وڪلايو.

٥. انا احمد بلا ميمي،
احد لُو عبد سڏايو.

٦. شوقئون شاه ولايت والي،
رهبر هي رنگ لايو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڪنيات

سچڻ سور ٿيا هن سونهان،
تنهنجي درد دکايا دونهان.

(١) روز ازل لاڪون ٻڌي جتڙ جاڪون،
تاراج ڦران تاڪون ۔ هنيون ڦٽي ٿيو ڦاڪون،
ڦٽيون ڦٽ ڏين ٿا ڦوهان.

(٢) سڌ سرت نرت سڪ واري سڙي وئي ساري،
اپجي آتش عشق اتاري برهه باهه ٻاري،
لوهي لهس ڏين ٿا لوهان.

(٣) پيئي ڏک ڏونگر کي ڏوريان سڳو سڪ سوريان،
ڪنهن سان حال اندرجو اوريان جي سرگهوريان
پاپان جهاتيون جبل مرجوهان.

(٤) ملان محبن شاهه ولايت ساعت ساعت،
اپجي رُوح تنهين دم راحت منجهان نيُ محبت،
ملي ماهِ جَبين موتهان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

سهڻل جو سينگار وڻيو آ مونکي- سهڻل جو سينگار وڻيو آ مونکي.

۱- سِرَ تي سونهن شملا شاهي - موڙهن جي مٿان موج الاهي،
جوڙ عجب جنسار وڻيو آ مونکي.

۲- جامون پهري آيو جاني - خلق الآدم صورت ثاني،
نور منجهان نروار وڻيو آ مونکي.

۳- کهڙو پيڙس روح ۾ رابو- احد منجها رئون عبد ٿي آيو،
مرضيءَ جو مختيار وڻيو آ مونکي.

Gul Hayat Institute

۴- چڙدي شاهه ولايت شاهي - ايندي عشق ڪيئي آ ادائي،
محبت جو ميهار وڻيو آ مونکي.

## ڪافي روپ ڪسوري

ساه سڄڻ تو کي ساري،
وساري ڪيئن ويهي رهين مشتاقن کي ماري.

١- محب پرين مونسان مامرملائي،
راز سان رانجهن رمز رلائي،
نازن سان نهاري.

٢- گهونگهٽ سان دلڙي گهائي،
من ۾ محبت مچ مچائي،
باه برہ جي باري.

٣- نازنينن جي نوڪ نرالي،
خوني خوماري خنجرخالي،
عاشق سان اوپاري.

٤- شاه ولايت سان مل سهڻا
محب مٺا من موهن موهڻا
اڄ واڳ وصل جي واري.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

سامين سفر جي ڪئي ترتئون تياري،
پهري حال ڏاڍا وڃايون ويا واري.

(١) سامي سفر تي هليا ڪوسنڌ ڪاهي،
لڏو آوجي تن پورب پنڌ پچائي،
لنگ لاهوتي لائي وسايون ويا واري.

(٢) لاهوتين کي لاحد جي آ وات وائي،
هيٺ هوت هليا بسمي بت کي لائي،
پسي جوءِ جائي خوش ٿيا خوماري.

(٣) ڪنياٿون ڪَرِڙين ۾ ڪاٺ جون خوراڪون،
ڪاٺ خون دل جو ڏکي سور ڏاڪون،
پيٽ پاڪ پڪون جاڳن رات ساري.

(٤) ڳاروڙي گنگا جا اصل هٺا اُداسي،
وڃي ٿيا انهيءَ جوءِ ولايت شاهه واسي،
سندن خوءِ خاصي تن وحدت نا وساري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بسنت

سھڻي صورت يار سڄڻ جي،
پسي ٿيا سي مست مدام.

١. فذڪروني اذڪرڪم ميان،
ٿار اوھان لئہ طلب تمام.

٢. عشق اندرم آتش لائي،
تو بن ڪونھي ڪو آرام.

٣. انا الحق جو ماري نعرو،
سوريءَ سر آھي سر انجام.

٤. شاھ ولايت ڪين ڇڏيندا،
اصل ڪئون آھي انجام.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

سر برهه جو بار آ زندگي سار آ سنپار آ تون مل منا.

۱. محبت ۾ مشتاق مقيد. سالڪ صعد زناري زاهد،
اگن جي آتش عشق تي آمد. شال ڪنهن کي نالڳي برهه پڙڪار آ.

۲. باغ حُسن ۾ عاشق بلبل. وت وڻ لڏ واس وصل،
سوز جگر ڪان سڙ دائي دل. شال ڪنهن کي نالڳي آرزو انتظار آ.

۳. قيس ڪمائي ڪجليون قهري. اکيون بکيون باشا بحري،
نانگ زلف ڏنگن ظالم زهري. شال ڪنهن کي نالڳي عشق سندو آزار آ.

۴. نوڪ سُنن تير نظر جو. خاص خوماري خون جگر جو،
تير تکو آ تيغ ابر جو. شال ڪنهن کي نالڳي سيف ستم صد بار آ.

۵. شيدا انا لنو شاه ولايت. عرياني آزار علامت،
ماڻهو ڏين ٿا مهڻا ملامت. شال ڪنهن کي نالڳي لکين لوڪ ميار آ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

سهڻا ٻڌاءِ سائين ڇو مون کان خفا ٿئين ٿو؛
ڪھڙي خطا پئي مونکان اهڙا تون ڏک ڏئين ٿو.

١. گوڏي سان گڏ ويهاري پهريون تو پيار ڪيو،
هاڻي وري اسان کي ڇو تون پري ڪرين ٿو.

٢. مشتاق ساڻ ماڻا اهڙا نہ ڪر اياڻا،
اهڙا سبق سياڻا ڪنهن کان پڙهين سکين ٿو.

٣. اقرار تو ڪيا هئا واعدي وفا ڪرڻ جا،
هڪڙو پرين نہ پاڙيُئہ ڇو بيوفا رهين ٿو.

Gul Hayat Institute

٤. ڪنئي آهه شاهه ولايت سِرَ مٿي تنهنجي ملامت،
سهڻا سنڌءِ نزاڪت اهڙي نہ ڪٿ ڏسان ٿو.

# ڪافي روپ پيلو

سرڏنم سردار توکي نينهن نذراني ۾ آ،
دل اَڳيئي تو فقط ني برهہ بياني ۾ آ.

١- ڇارميو هائي آمون ورتي جو ڏيان توکي منا،
هتڙي حوالي مون ڪيو هن محبت ميداني ۾ آ.

٢- خوشيءَ مان خرقعو سبايم مَنَ پرينءَ پيارو لڳان،
دلق درويشي وري پيي نينهن نيشاني ۾ آ.

٣- حيران ٿي هلندو وتان سڪ تنهنجي سوداءَ ۾،
نا چريو نا صاف سياڻو دلبر درمياني ۾ آ.

٤- شاه ولايت ٿاب پيو سوڌو سراسر عشق جو،
سو لڪ تيو مون لئہ متا هڪ پرت پشماني ۾ آ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

سجڻ سائين سجڻ سائين،
تو کي سام سدا ساري.

١. رمزهيٺ تو روح ريجهائين،
دلبر ديدن سان دل گهائين،
ڏاڍي بام برهه بياري.

٢. مهر وفا ڪيو محب ملڻ جي،
طلب تو مِر تنهنجي ڏسڻ جي،
اچ واڳ وصل واري.

٣. آءُ اصل ڪان آهيان اداسي،
پرين پلپل پتنگ پياسي،
وچ پيگ پرت مان پياري.

٤. شاهه ولايت شيدا شائق
آهي اصل ڪان تنهنجو عاشق
لــــڙهه تنهنجي لاري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

سهڻا سرڪ ساقي پيئڻ آهي جاڻن.
هٿن جام تنهنجي پيئڻ آهي جاڻن.

١. پيالو پلاڻ وحدت ۾ وڌاڻن،
محبت جي سيج ۾ مچڻ آهي جاڻن.

٢. ساغر سوز وارو هادي مون پياريو،
شراب محبت پيئڻ آهي جاڻن.

٣. شيشو شوق وارو پياسن پياريو،
نشو نينهن وارو ڪرڻ آهي جاڻن.

٤. ولايت شاه وڄي شو نوبت نغارو،
انا الحق جو نعرو هڻڻ آهي جاڻن.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

سڄڻا ڪيو اچڻ جو اقرار جلدي جلدي،
پيارا ڪيو پرچڻ جو پيار جلدي جلدي.

(١) دلدار ڏيو دل دلبر تنهنجي مست ڪيو آ محبت،
تنهنجي ڪيو آ صحبت بي اختيار جلدي جلدي.

(٢) مشتاق اوهان لئہ ماندو تنهن تي قرب ڪيو ڪو پنهنجو،
تنهنجي محبت لئہ من ماندو ڏي ڪو راز جلدي جلدي .

(٣) جلدي آء، تون جاني دل درد ڪئي ديواني،
تنهنجي لَنوَ ڪيو لا ثاني ڏي ديدار جلدي جلدي .

Gul Hayat Institute

(٤) آهي شاه ولايت تنهنجو تنهن کي پرين ڪيو پنهنجو،
آهي محب اوهان لاءِ ماندو ڪر ميلاپ جلدي جلدي.

# ڪافي روپ پهاڙي

سجده ثواب سر کي اعلان ازل آهي،
فرموده فهم فرقان فرمان اول آهي.

(۱) احڪام امر ايزدي عزازيل کي عطا ٿيو،
مسجود مٽروٽي ملڪن انسان اول آهي.

(۲) فنا في الشيخ شايد اگرچه آ بُت پرستي،
طالب طواف ڪعبه بتخانه مثل آهي.

(۳) فنا في الرسول برزخ تصور اسم محمدؐ،
فنا في الله ڪان فارغ بيان بقا با الله آهي.

(۴) معبود مورت معنیٰ ساجد صورت سند و مون،
پوڄاري حُسن آهيان جو دان مليل آهي.

Gul Hayat Institute

(۵) وَجه الله وبيساه سان واصل شاه ولايت،
وحدت وجودي وارد وجدان وصل آهي.

## ڪافي روپ ڀهاڙي.

ساقي موڪي ساغر ڏنو سرڪ سوايو
نشو سينهن وارو خمر آ خمارو.

١- مليو جام جنهن دم پيتم پيالو تنهن دم،
ٿيس مست تنهن دم منگهن ۾ متارو.

٢- پيئڻ سان پُرِ ٿي گرامي گوهر ٿي،
سياجهو سدر ٿي هيٺي نينهن نعرو.

٣- پاتم پتَر ۾ جهاتي مون صورت سچاتي،
منجهئون ذوق ذاتي ٿيو هو جو هو نگارو.

٤- ولايت شاه وحدت جو وجي ٿئو نغارو،
سمجهي سيئر سارو وه التو اوپارو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيـروي

ساھ گھٽو توکي سـاري ـ ويٺين وارث ڪيئن وساري،
ايندين ايندين سجـڻ .

١ـ هت توکانسواء ڪيئن گذاريان صنم ـ تنھنجون راھون تڪيان روز نھاريان صنم،
پيچي اوت عـدم ڪيٽي قربئون قدم ـ اچ عاشق جي اوتاري .

٢ـ تنھنجي محبت مدامي آمونکي ملي ـ توسان رمز روحاني الستي رلي،
ھڪوار ھلي آءُ منھنجي گلي ـ اچ واڳ وصل جي واري .

٣ـ آءُ عاشق اصل کئون اداسي آھيان ـ پرين پلپل پسڻ لئہ پياسي آھيان،
ڪيچي قرب ڪري آءُ بيرپري ـ مان تہ پنھل پيس تو پناري .

٤ـ شوقئون شاھ ولايت شيدا ٿيو ـ توسان پيچ پريمي آ پيوند پيو
آءُ اڱڻ وري ڪولي ديد دري ـ سھڻي صورت کي سينگاري .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

سدا سانگيئڙن کي ساريان . مارن لاءِ ماندي آهيان،
بنتِ رويو راھ نهاريان.

(١) محب مارن جي ماڳ ملڻ ٿيءَ . پنهوارن سان پيار پسڻ لءِ.
پيئي پلپل ۾ پوڪاريان.

(٢) اکنيءَ اندر ۾ آھ اباڻن جي . محب منڙي ماروئڙن جي،
هت سڪندي سال گذاريان.

(٣) پلڪ پلڪ ۾ پور پون ٿا . سڪ ۾ سکايل نيڻ سڪن ٿا،
شب روز سنگھار سنڀاريان.

(٤) شاھ ولايت شال پسان . ڏوٿي ڏاڏاڻا ڏيهي ڏسان،
گڏ گھڙيون تن سان گھاريان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

سبحان الله. سبحان الله. حسن تنهنجي گهوٽ گهايا،
سُور سختيون سالڪن تي ازل ڪئون آيا.

۱- صورت ڪيو سنعان کي پرهيز ڪان پاسي،
قابو ٿيو منجهه ڪفر جي اسلام ڪان پاسي،
محبت ۾ مُرڻ جا ڏٽ دل ڪان چارايا.

۲- ذوق زليخا يوسف جي حُسن جو واپار ڪيو،
عزيز نا عزيز ٿيو مصر جو سردار هيو،
محبت ۾ مجبور تي ڪيڏا سور سهايا.

۳- رانجهن رنگپور ريڊو تخت شاهي ڇڏي،
هير حيران تي ميهار ماهي پئي سڏي،
چاڪر ٿيو چاهه مون ڪري سانگ سيبايا.

۴- مالڪ مڪي ملڪ جو قيس تہ قربان ٿيو،
مشهور ٿيو مجنون محبت ۾ مستان ٿيو،
فرهاد شيرينءَ جي ڪري ڏس ڏونگر ڏاريا.

۵- عوشاق اکين جا ڪتا صوفي سنسار ۾،
شاهه ولايت تن جي شامل شمار ۾،
صورت ستيا سور جا جنهن سخن سٽايا.

Gul Hayat Institute

## مداح درشان شاہ جیلان روپ پیروي.

ساڈا پیر پیران دلپذیران دستگیر ھئي،
ملائک مېندي اُنھنکون بشر بېنظیر ھئي.

(۱) پیر پیران ساڈا حضرت میران. نام لیا توڑ تئیان زنجیران،
اسیران چھڑاوڻ والا کٽیندا زنجیر ھئي.

(۲) در تي جوڻي سائل آوي. مول کڏان نا خالي جاوي،
جھولي پر ڈیوڻ والا قادر قدیر ھئي.

(۳) بیکاري دي داتا جھولي پریندا. ماوان کون پیر پتران گھن ڈیندا،
پیٹان ڈیوي پائي ملاھڻ ویر ھئي.

(۴) پلپل پیئي پیڑي پاکاري. ھردم تیڈا نام پوکاري،
بیڑا پیڑا تارڻ والا محي الدین میر ھئي.

(۵) سب تئون تیڈي منزل عالي. جھولي خالي مٹ ھان سوالي،
خدائي خزاني والا اعظم وزیر ھئي.

(۶) کُل ولیٹان تي قدم انھیندا. محبوب سبحاني اسم جنھیندا،
ھیٹیان کون ھمت ڈیندا داتا دستگیر ھئي.

(۷) پیران دا پیرا سڻ فریاد وي. داد کریں توں وچ بغداد وي،
اسان عاصیان دا رھبر روشن ضمیر ھئي.

(۸) تقسیم کردي فیض الاھي. ولایت شاھي فیض دریاھي،
فیض گنج تیڈي وجوڈ منگدا فقیر ھئي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

سخيان جي سُولي پہ هوجا هسوار،
دم اناالحق اقرار ڪهُون مٺن.

(١) اپني گر گيان بتادي - هر صورت ڪو سِرُ سمجهادي،
دم قدم ڪا ڏيان لگادي - انحد باجي بغل بجادي،
گفتہ گن گفتار.

(٢) اپني عشق ڪي ڪر اظهاري - ناطق نيزي پر نرواري،
حال همہ اوست ڪي هماري - خالص خيال ڪر خاص خوماري،
پڪڙ چڙهاويگا ڏار.

(٣) منصوري ميدان ملهاوين - سُوريءَ اپنا سِرُ سلهاوين،
ڪلمان اناالحق پڙه ڪي سناوين - برسر بره ڪا بار اُٿاوين،
بيخود بي اختيار.

Gul Hayat Institute

(٤) شيد ابن ڪي شاه ولايت - عُرياني اظهار علامت
ترڪ ڪردي تقويٰ طاعت - احديت اورعشق امانت
نسنگ هوڪي نروار.

## مداح درشان شاھِ جيلان روپ پيروي.

سلطانِ اعظم غوث گيلان - آھي يتيمن تنھنجو سھارو،
محبوب سبحان شاھ جيلان - خوبان خدائي نوري نظارو.

(١) ڪشتي ڏڪي آ طوفان ۾ - آقا اچي سا اَمانَ ۾،
بحر اعظم ڪان لرزش لھرڪان - رھبر رسايو قائم ڪنارو.

(٢) تبديل ڪيو تڪسير ڪي - صاحب سنواريو تقدير ڪي،
خوشنود خوشتر منھنجي مقدر قسمت جو چمڪي سھڻو ستارو.

(٣) دربار دُوله اچن سوالي - اميد وارا وڃن نه خالي،
فيض عطا ڪيو صاحب سخا ڪيو - دان ڏياريو داتا دوبارو.

(٤) مثان مدامي مھر ڪيو - مطلب مڪمل سربسر ڪيو،
راھِ محبت براھِ شفقت - فيض درياھ سائين ڪيو فيض وارو.

Gul Hayat Institute

(٥) توُن شاھنشاھ والي ولايت - عاصين تي گھرجي عنايت
سائل جي سدا سڻ نامِ خدا - وارث وسايو اھل اوتارو.

## ڪافي روپ پيروي

### سڏي ساقي ڏئي سُرڪي
### ڏيڻ انجام سِرَ جي سٽي.

١- اچن سندرا پڏي ساهي. لاڳاپا لوڪ جا لاهي،
ڏين سرڙا اڳيون ٿاهي. پيئن پُرجام پِرَجي ٿي.

٢- پيئڻ سان سڌ جنين پيئي. پڏي پيائي تنين ويئي،
هلن هوشيار سدا سيئي. گهمن ٿا گام گُرَ جي ٿي.

٣- مشتاقي ڪين ڪي مُڙندا. امالڪ عشق ۾ اڙندا،
سوريءَ ٿي چاه مان چڙهندا. اڙيا ڪين عام جي اَڙَ ٿي.

٤- طلب توحيد جي آهي. اچو انبام ۾ ڪاهي،
ولايت شاه تو ڳائي. ملائي تار سُرَ جي ٿي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

سچڻ سڪ اوهان جي سدا ياد آهي،
رڳو آهه زاري سو فرياد آهي.

١. روئڻ روڄ راڙو جهجهڻ جان جهوري،
اهاچڻ اسان لئه ڪا امداد آهي.

٢. ويراڳي وصل لئه ڇڏيو ديس پنهنجو،
اسان کي تہ هن هنڌ جو ارشاد آهي.

٣. جنين پنهنجن ناهي سڃي نادان ڇٽيا،
عمر چئه انهن جي برباد آهي.

٤. ولايت شاهه واجب آ وحدت ويچار،
ڇتل خيال جنهن جو سو آزاد آهي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

ساھ سندم نت سڪ سان سرتيون
سچڻ کي ڏٿو ساري.

۱. کوھيارل جي قدم قدم تئون،
صدق ٿيان سؤ واري.

۲. شال ملان تن محبوبن سان،
موت اڳي نا ماري.

۳. لا تقنطوا من رحمة الله،
لڳا آھي اِھا تاري.

۴. اڪنيد اندرم آھي انھن جي،
ڳنڍي اھا ٿي ڳاري.

۵. ھمت ڪري ھو ايندا اڱڻ تي،
ھوت ھلي ھڪ واري.

۶. شاھ ولايت مدعا منم،
نيندا سات سنياري.

Gul Hayat Instutute

# ڪافي روپ تلنگ

سو يار مليو آجاني جنهن ڪئي آ دل ديواني،
تنهنجو مَٺُ نکو آشاني سو يار مليو آجاني.

(١) واه محب مليو متوالو- ڪري آيو چشمن چالو،
مون ڪيڙو ڪو نه ڪشالو. ڪري عشق ڏني آساني.

(٢) آهي جيهي محبت منهنجي. تيهي آهي الفت تنهنجي،
اهڙي ڪانه هوندي ڪاڪنهنجي جهڙي يار رکيئه ياراني.

(٣) اهو عشق جو پيند آ اونهون. هي نياز جو نمونو،
مان ٿيان غلام روزينو- هر هڪ سان هم همداني.

(٤) شڪ شاه ولايت ناهي. اهو الله اصلي آهي،
پيو سيني کي سيبائي. پَسُ پنهنجي پاڪ پيشاني.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

سامي ستگر سنت سنامي - پورب پنت پريمي پيلسي .

(١) پتنگ پرم پيولا پول اپياسي. واري ورت وهم وسواسي،
گيان گگن گن گوني گواسي. آديس امن اوم ادا سي .

(٢) ايماني امنڪار اگيان اٽاسي. نقش نجس ننرگواسي،
ڪامڪرودة ڪپت ڪلجگ ڪواسي. موفي ستجگ سنگ سرگواسي.

(٣) موه مورت مايا مرگ مواسي. ديوتا دنيا ديهي داسي،
پوجا پتر پاني پرپ پرواسي. جيوت جوٽ جنم چوراسي .

(٤) حيرت حيراني حرص حواسي. لاڪر لوڀي لوڪ لباسي،
ستگر ساٿ سنگ سيس سوين ساسي. وير وحدت ولايت شاه واسي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

ساقي ساغر والا - پيالا ڏي متوالا .

(۱) مانجهي مرد آون مئخاني- نسنگ نانگاڻين نشاني،
جام شراب پيئڻ پيمانی- موج محبت والا .

(۲) پيگ پيالا ساقي پلايا- رگ رگ دي وچ راز رلايا،
انا الحق آواز الايا- دام ڪپيا دوئي والا .

(۳) پيوٹ نال ٿيوي دل خستي- موج مدامي محڪم مستي،
وه ويکي وحدت وستي- نرمل نور نرالا .

(۴) شاه ولايت مرڪي آيا- ساقي تنهن نون سرڪ پلايا،
نشي نينهن دي هُل هلايا- الٽا بار برهين والا .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

ساڈا حضرت عشق امام سرپوش کیتا کیتا،
سرسولي سِر انجام پرجوش کیتا کیتا.

۱- خلق الآدم علیٰ صورته۔ پرت والا پیغام،
باگوش کیتا کیتا.

۲- سانگ صفاتي دي وچ آئي۔ العشق داکر الهام،
روپوش کیتا کیتا.

۳- عشق اندر وچ شور مچیندا۔ سب چئین سک آرام،
فراموش کیتا کیتا.

۴- الست بربکم قالو بلیٰ۔ الست دا انجام،
باهوش کیتا کیتا.

۵- مست کلال دي مئخاني۔ ساقي والا جام،
مئے نوش کیتا کیتا.

۶- موتوا قبل الانت موتوا۔ مرشد والي مام،
مدهوش کیتا کیتا.

۷- فوج حُسن دي کیتي چڑهائي۔ ست سوز برهه سمسام،
بیهوش کیتا کیتا.

۸- شاه ولایت شوق نچیندا۔ ست خیال خودي دا خام،
خاموش کیتا کیتا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

سانوں دین ایمان درکار نھین ۔اک یار دا درسن ڪافي ھي .
ڪائي دولت زردي پیاس نھین ۔اک رنگ پریا رانجھن ڪافي ھئي.

۱۔ درسینا دروني سینا طور۔ تصور صورت وچ مسرور،
ھي ھرجا ھادي حج حضور۔ وجه الله وچن چن ڪافي ھي .

۲۔ مک وکلاوي ماھي مندر۔ آھدي چوڙ مسیتان آٹو اندر،
توڑي لوڪ پانوي چا محض ڪفر۔ سھڻل دا صحیح سخن ڪافي ھي.

۳۔ دین مذاھب سارا ڳنوا ۔ جنیان قتیان سرتي چا،
تسبیان توڙ ڳل جنڻیان پا ۔ اک مالھا موھن ڪافي ھي .

۴۔ تبشي تلک لڳاکي ۔ جوڳي بن آیا تي ڪتریان ڪنڊل پاکي،
ڪن انگ ڀبوت لڳاکي ۔بسمي ٻدن پائون پوجا پرسن ڪافي ھي.

Gul Hayat Institute

۵۔ شاہ ولایت چوڙ شاھي ۔ آکي در دلبر دي گھن کي گدائي،
من وچ مل ڳیا محب ماھي ۔آپ اندر وچ احسن ڪافي ھي .

## التجا روپ پيرو.

سخي بادشاه داتا فيض درياه،
دستگير پيرتم هو سخي بادشاه.

(۱) تم هو داتا هي جڳ منگتا - جو ڪوئي آتا فيض پاتا،
هَئي تيري درگاه.

(۲) جو ڪوئي بُوڪا منگي بکيا - دلادي دان اُنسي اڻ لکيا،
ڪردي گدا ڪو شاه.

(۳) آل نبي اولاد علي هئي - مظهر سِر ذات جلي هئي،
تيري پشت پناه.

(۴) آوي سوالي وڃي نه خالي - ڪري اسنون مالا مالي،
ديکئي ايڪ نگاه.

(۵) تيري سخاوت فيض فياضت - ڪردي عنايت شاه ولايت،
ذيشان شاهنشاه.

Gul Hayat Institute

## کافی روپ کسوری.

سانون ساقی پلا پیمانہ پُر پیر کی پُر پَر کی،
مَنہ نوش رھون مستانا جام پیر کی پُر پَر کی.

۱۔ پیالا پیگ پر پیر پلاوین ۔ سانون سِر دی بات سناوین،
مئنون مست الست بناوین ۔ خُم کول کی مد مئخانا جام پیر کی.

۲۔ نشی ینہن والی نایابی ۔ شعلی شوق دی شور شرابی،
بَھون برہ کیتی بیتابی ۔ جولا جیر کیتس عریانا جام پیر کی.

۳۔ کاسا کوثر کل کل کیفی ۔ خاص خمر دی رنگ رُخ رئفی،
سک ستم سِتی سد سیفی ۔ تیڈی سینہن کیتا نیشانا جام پیر کی.

۴۔ سک ساغر سرک صراحی ۔ ساری ترکیندی گمراھی،
اعلیٰ ڈیندی عشق گواھی ۔ سڈ سرت نرت گر گیانا جام پیر کی.

۵۔ شعلی شوق دی شاہ ولایت ۔ بجا ینہن نغاری نوبت،
وچ واصل ویڑھی وحدت ۔ رھی یا کی خیال یگانا جام پیر کی.

Gul Hayat Institute

## کافي روپ هندول بهار

ساڈا تیڑا بخت سوایا رانجھا یلي آیا ،
رانجھا یلي آیا سودا یلي آیا .

۱۔ مین رانجھن دي رانجھن میڈا۔ کیتڑان دي منھن چایا .

۲۔ انا احمد بلا میمي ۔ عشقئون عبد کھایا .

۳۔ الف اسم دم میم مجسم۔ بشري برقعا پایا .

۴۔ ونجھلي ویلھي تي ہٹي سیلي۔ روزازل دا رایا .

۵۔ آدم دي وچ آپي آکي۔ موھن مُکھ وکلایا .

۶۔ قلب المؤمن عرش معلیٰ ۔ دل وچ دیرا لایا .

۷۔ عدم کنون اِٹ قدم پائي۔ احمد نام ڈرایا .

۸۔ نور بشر دا برقعا کلیا۔ سرور دا نہ نھدا سعیا .

۹۔ من راني فقد رائی الحق ۔ فائق ایوین فرمایا .

۱۰۔ شوقئون شاھ ولایت والي ۔ آپي نینھ ترا لایا .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ بباس

ساجهر ڦيءُ سجاڳ سامي. سچي ستگر شبد سنايا.

۱. شبد صحيح سُڻ ستگر سچي. اَنيڪي روپ اجهاڳ سامي،
سوڀي سپنا سروپي سايا.

۲. الف الک ڏن جوت جاڳائي. وحدت ويءُ ويراڳ سامي،
پورب پنٿ پريمي پايا.

۳. جوڳ جڳت جڳ جوڳي جاڳي. جيوت جڳياسي جاڳ سامي،
سرت سڀاڻ سرگ ست سويا.

۴. پوجا پريمي پوتر پائي. مندر محويت ماڳ سامي،
انگ پيوت بيک بڻايا.

۵. تيرٿ تڪيا تياڳي طالب. صورت سنگ سهاڳ سامي،
هر گهٽ هردي حق سمايا.

Gul Hayat Institute

۶. شاه ولايت گياني گر پوري. رچي رنگنا راڳ سامي،
راس رچنا رام ريجهايا.

# ڪافي روپ آسا

شاهنشاهه شهباز رندن ٿا رازتنهنجو.

(١) شوق تنهنجي جون چمڪن چيريون،
وڄن گهنڊ گهنگهريال پيريون،
عرش وڃن آواز.

(٢) هلن جيڪي در ڪان اندر،
مرد زالون چون مست قلندر،
نوڙت ساڻ نياز.

(٣) دم دم ڏمال تنهنجي در تي،
نانگا نچن ٿا ڀر ڀر تي،
ڳوپا ڪن ٿا ڪوان.

Gul Hayat Institute

(٤) سيکڻيءَ جي ملي واڌائي،
شاهه ولايت شادي ڳائي،
ڪٽي سمٽا ساز.

## ڪافي روپ پيروي

شال لڳي نہ ڪنھن کي ترڇي تير نظر جو،
بسمل بنائي باقي تکو تيغ ابر جو.

۱. چاھت چشم ڪئي عريان آئين ڪيڙا،
جنھن تي وار ٿيو آھي ويندي خوني خنجر جو.

۲. محبت جو اثر مونکان پڇو محبت وارا،
اڄ ياد آيو يا ور افسانو اثر جو.

۳. الفت جي آڪاڻ آھي سمجھي ڪو سالڪ
ترجمو ڪريان تو تازو نظم ۽ نثر جو.

۴. شاھ ولايت شعرو بزم آ اھلِ دل اڳيان،
سخن صحيح سُڻايان تو شيرين شعر جو.

Gul Hayat Institute

مداح درشان سيدنا عبد القادر جيلاني روپ پيروي .

شاهِ جيلاني رهبر رازداني - پڳدار پيران تون پير حقاني .

١- نسل شاه جيلان حسني حسيني تون - بغداد درگاه مسند نشين تون ،
ايزدي عطا ڪيو تاج شاهاني .

٢- مُردا زنده ڪَيئي مُئو دين جيارُئي - ٻارهين مهيني ٻڏل ٻيڙو تارُئي ،
قادر جي قوة قطب رباني .

٣- اوهان احمد جو برسر قدم ڪيو - ساري ولين تنهنجو قدم بر چشم ڪيو ،
مختيار مملڪت محبوب سبحاني .

٤- مصدار منور محي الدين ميران - دائم دست تنهنجي دامن دستگيران ،
ضامن ضعيفن يتيمن ياراني .

٥- عاصيين عرض آپسايو سخاوت - گنهگار غافل رسايو امانت ،
غافر الذنوب تون غوثِ صمداني .

٦- اگر اوگڻ آهن غفلت گندايون - مصابي محمد معاف ڪرمندايون ،
پيغمبر جا پيارا نور نوراني .

٧- والي ولايت شاه شهنشاه - بخش فيض عالم فيض درياه شاه
سڃ صدا تون غور ڪر گيلاني .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

شمس ڪيو آ شعاع،
اونداهي اسباب ڪي داهي.

١- سامهون دلبر ساڻ بہ دلبر- ڪهڙي آهي پرواهہ،
هاڻ ڇنڊيو سي حجاب ڪي لاهي.

٢- بهشت دوزخ در ڪار ناهي اندر ۾ آ الله،
ڏوهہ ڇنڊيا سي ثواب سان ڇاهي.

٣- سيڪا صورت يار سڄڻ جي سارو سمجهہ لقاءُ
بيرنگ جي پٽہ باب ۾ ڪاهي.

٤- شاهہ ولايت ساڻ هميشہ پيرين جو پرچاءُ
ڪولي ڏس نہ ڪتاب ۾ ڇاهي.

Gul Hayat Institute

## مرثيہ روپ پيروي

شبير ڪربل وچ ديرا لايا ـ راهِ خدا اپنا سيد سر ڏيوايا.

۱۔ ڪيتا قول اصلي واحد نال وصلـــي ،
ايجها ابنِ علي جلوه ڏيکايا .

۲۔ سجده وچ سلطان تيرانديي طوفان،
ذبيح العظيم دان شان رنگي رتبا پايا.

۳۔ ڪرّا زير خنجر اتون جُهڪاڪي سر،
ايجهي الاهي امر سنر مل نيايا.

۴۔ وچ ميدان ڪربل زمين ڪيتا زلزل،
باري بار بلڪل سر پر اٹھايا.

۵۔ اولياء عبرت وچ انبياء حيرت وچ،
هادي همت وچ ميدان ملهايا.

۶۔ صبر و صداقت ويکو لياقت،
شوق توں شاه ولايت آل نبي آيا .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

صورت ۾ ساجن ـ آهي سر سبحان جو.

١ـ آدم جي اولي اڃي رکي ايهو اِذن
پاڻ پايو پرئنِ القاب انسان جو.

٢ـ پنهنجو ڪيائين پاڻ سان ونحن وارو وچن،
سِري انا سرهٗ سخن ازلي اعلان جو.

٣ـ گيهون گل گلزار جا چهرا چاه چمن،
مهماني محبن داڻو ملين دان جو.

٤ـ امر عزازيل کي اصل اهيا ٿي اُنَ
سجده ڪيو مَلڪن صفي الله سلطان جو.

٥ـ بسمي بيڪ بشر ۾ نور ٿيو روشن،
سانگي سير سجن جوڙ ڪيو جسمان جو.

Gul Hayat Institute

٦ـ شوق ٿيون شاه ولايت واري واڳ وطن،
اصل ديس امن پڪي لامڪان جو.

# التجا روپ آسا

صبح جا سائين ٻيڙا ٻني لائين،
ڪنهن جو ڪين وڃائين هي عرض اگهائين.

١- سڄڻ صدائون من ۾ مدعائون. مدامي منگان تو درگاهون دعائون،
سڀئي دردِ دانهون محب مون ملائين.

٢- اسان جي آقا ڪيو آس پوري. مطلب جي من جا ٿهد ل تقاضا،
دائم دل جي داتا وسيتي وسائين.

٣- سائل مان ساسي آهيان اداسي. پرين تو ٻسڻ لئهِ پلپل پياسي،
اصل ڪٿون مون آسي آسا پڄائين.

٤- فياضي فضل ڪر مشڪل کي حل ڪر. محبوبن سان منهنجو همدم وصل ڪر،
آڳانديءَ واصل ڪر راسيون رچائيج.

Gul Hayat Institute

٥- طالب کي تاري ساڃن سياري. ڪشتي رسائج ڪنڌيءَ ڪناري،
پار اڪاري پلپل پڄائين.

٦- تو در سوالي وڃي ڪوڻه خالي. شاه فيض درياه ولايت شاه جا والي،
بخشين گنج عالي همت سان هلائين.

## ڪافي روپ ڀھاڙي.

سورت صفاتي سانگ سان آيو پرين انسان ۾،
صحيح سخن ثابت سچو قول آ قرآن ۾.

١- آدم جي اولي اسم جاني جاڳيو جلوه جسم،
بيک بشر بنيا بسم جوڙ جسي جسمان ۾.

٢- ظاهر ظهورو ذات جو انا الحق اثبات جو،
قادر قلزم ڪائنات جو نرمل نظر نيشان ۾.

٣- ونحن اقرب واعدو قائم قديمي قاعدو،
ملڪن معلوم مشاهدو منصوري ميدان ۾.

٤- وجه الله ويسام سان نوري نظر نگام سان،
وصل ولايت شاه سان احسن اندر اعوان ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

صفت وچ ذات هئي ڪوئي غير نهين،
سمجھ سمجھ سڌ لهين دوجها اور نهين.

١- صورت دي وچ سِرّ سبحاني- آپ ڪون ويکين آپ پڇاڻين،
هر رنگ دي وچ رمز رباني- ويري اُتان ڪوئي وير نهين.

٢- بيک بشر دي بڻي هئي بازي- روپ رنگو رنگ رهبر راضي،
حال همئه وچ قبل نه ماضي- بالا ڪوئي زير نهين.

٣- دم دروني ويک نظارا- بن ڪي وحدت دا ونڄارا،
انا الحق دا مارين نعرا- سر ياجهون ڪوئي سير نهين.

Gul Hayat Institute

٤- شاه ولايت اسم دي اولي- چولي دي وچ جوئي بولي،
دلبر دل وچ ويکين ڦولهي- پرجھ پرانهون پير نهين.

## ڪافي روپ ڪنيات

### عشق ڪيو آ اُمارو اندر منهنجي ۾.

١. سمر جسم ۾ عشق جي آتش،
درد لايو ڏڏڪارو.

٢. ميخ محبت جي من منهنجي ۾،
وَنگ وحدانيت وارو.

٣. اڱڻ منهنجي آيو دلبر جاني،
هَڻي نينهن جو نعرو.

٤. فيض فياضي قائم ٿيڙو،
هڻي انا الحق نعرو.

Gul Hayat Institute

٥. سرس سورج کان تاب تجلو،
چشمن جو چمڪارو.

٦. شاه ولايت شامل توسان،
نيڻن جو نه نظارو.

# ڪافي روپ تتوڙي

عشق تنھنجي آزاريو برھ تنھنجي بيمار ڪيو،
ساھ سورن ۾ سڙيو- جي جوشن ۾ جليو.

۱- تنھنجي جدائي جان ۾ جانب اچي جولان ڪيو،
ڪانٺ پيئڻ آرام ويو دُود دل اندر ڏکيو.

۲- دلربا دلدار دلبر سوز تنھنجي آ ستيو،
دردن تنھنجن دل کي ڏکيو ناسور تنھنجي نينھن جوتيو.

۳- روح راڙو انتظاري بيقراري آ سدا،
ريش مون درويش جو فيراق تنھنجي آ ڦٽيو.

۴- بيوفائي يارجاني ڪرنه مون مسڪين سان،
شاھ ولايت کي سڄڻ پيارا پرين پنھنجو ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ٿوڙي.

عشق اعلیٰ برھ بالا ڪيا ڪشالا ڪيترا ،
سينهن نرالا چشم چالا ڪيا ڪشالا ڪيترا .

١- عشق ڳاري عشق ماري جلد جياري جوش مان،
پيالو پياري دل اوجاري سُرت والا ڪيترا.

٢- عشق ابدي عشق احدي عشق مهدي آ امام،
ڪري هادي ٿو منادي مَٽ مثالا ڪيترا .

٣- چشم چوري وڏو جهوري قيس قابل ڪار ڪي،
هير لاري ڇهڪ چاري چوان نالا ڪيترا .

٤- آ نهايت شاھ ولايت اِها آيت عشق جي ،
سالڪ سَمجهي پڙهن پَرجهي خوش خيالا ڪيترا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ نوڙي.

عشق البت عاشقن کي آزمائي هر طرح،
سينهن وارن کي نچائي ٿو نِوائي هر طرح.

١. شوق مان سندرا ٻڌي سي جنگ تي چڙهيا جوان،
محبتي ميدان ۾ ڪُوپا کائي هر طرح.

٢. مشتاق آيا موج مان مورچا ٻڌي ميدان ۾،
حُسن جو حملو هزاري گهوٽ گهائي هر طرح.

٣. قرب جي ڪاتيءَ ڪُٺو جن سي ڪُسڻ لئه پيا سڪن،
اک اڙاڻن جهاتي پائُن ڦيرا پائي هر طرح.

٤. شاهه ولايت شان کي لوڙهي ڇڏن سي لاڏ لا،
دلق درويشي تنين کي ٿو سيبائي هر طرح.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تـوڙي

عاشق کي انتظاري بيقراري بار بار،
دربدر دانهون ڪندا وتن بيراڳي بيشمار.

۱. بس برھ وارن کي ناهي ٿيا بـرابـر بيقرار،
رت روئڻ ۽ روز راتو زاري تن کي زار زار.

۲. اکين آجن کي لُٽيو وتن لِيلها ئيندا لاچار،
حاصل تن کي حال ٿيو روئڻ نهاري نار نار.

۳. توڙي طعنا ڏين تن کي لوڪ لوڻن لک هزار،
جوڙي پاڻ جان تي سرس سي سمجهي سينگار.

۴. شاھ ولايت چاڪري برھ جو ٿي پيو بيمار،
ديدار دلبر جي بنا دوا ناهي ڪا درڪار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ سورٺ

عشق آباد ڪيو
منهنجو من شاد ڪيو.

١- ناز منجهان نينهن لائي،
پير اڳڻ تي پائي،
ايهو امداد ڪيو.

٢- وحدت واڳ ورائي،
مونسان مام ملائي،
دم دم ياد ڪيو.

٣- پيالو پرت پياري،
جنهن دل کي جياري،
اصل آزاد ڪيو.

٤- شاهه ولايت سارو،
پاڻ پيائين وارو،
برهه برباد ڪيو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تو ڙي.

عشق جو پورو پتو پيو صاف ثابت سور مان،
سڪن سونهون نا ڪيو آدل سندي دستور مان.

١. سُڪن واري زندگي گذري وڃي ٿي خواب جان،
ڏک سدا ايئن ڏاج ٿيا جي پيا پرينءَ جي پُور مان.

٢. درد وارن کي دونالیون دمرم دلبر ٿو ھڻي،
نينھن جون نوڪان ٻيون گھائن گمازي گُھور مان.

٣. سڪ سندا سندرا ٻڌي سوريءَ مٿي هسوار ٿيا،
مُشاهدا مَردن سندا معلوم ٿيا منصور مان.

٤. شاه ولايت شوق مان. سامان سورن جو مليو،
ساه برابر ساند يان. نازل ٿيو جو نور مان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

عشق جنهين سر آيو ڪاهي - وائون ڏونگر ڏورڻ ٿيون،
وائون ڏونگر ڏورڻ ٿيون. سر سڄڻ تان گهورڻ ٿيون.

١. جيءَ پنهنجي ۾ جوت جاڳائي - من ۾ محبت مچ مچائي،
ساهه پساهه ۾ سرت سمائي - چاهه مان چرخو چورڻ ٿيون.

٢. اوکي واٽ ڏونگر جا ڏاڪا - سڪ سان هلندي سئي ساڪا،
ڪيچ رسندي ڪاهي ڪاڪا - پيون سڀ وائون وڙڻ ٿيون.

٣. درد ڪائي دل منجهه دونهان - سور سڄڻ لئه ٿيا ۽ سونهان،
ڦٽ فراق جا ڏين ٿا ڦوهان - جيءَ پنهنجي منجهه جهورڻ ٿيون.

٤. ورهه ڪيون هن پورڻيون ويهان - قرب واريون ڪن ٿيون ڪيهان،
روح پنهنجي ۾ رانول راتيون ڏينهان - الف اندر ۾ اورڻ ٿيون.

٥. پاڻ پسڻ لئه پنهنجي پرسان - واڳيون وٽن اُهي ويڻڱس ورسان،
ديد اڙئي دل دلبر سان - ڪسُ قلب تئون ڪورڻ ٿيون.

٦. شاهي ولايت شوق سان ڪاهي - لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاهي،
سلم پساهه منجهه سوز سان ساهي - سڪ سگهو سي سورڻ ٿيون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

عشق تنهنجي جو آزار- سهڻا آيو مون تي ،
باري برهه جو بار- سهڻا آيو مون تي .

۱- عشق اوهان جي پارڻ پاريو- جيءُ ۾ جهوري مهڻن ماريو،
اهو اوهان جو آر سهڻا آيو مون تي .

۲- سڌ درد جي تو کي ساري- روئندي روئندي رات گذاري،
نير وهن ٿا نار سهڻا آيو مون تي.

۳- هجر فراق ۾ نير وهايان . ڳوٺ ڳليون سڀ ملڪ ڀچايان ،
هت اوهان جي شڪار سهڻا آيو مون تي .

۴- شوق اهو آ شاهه ولايت -عشق جي اڪبر ملي آ شهادت،
سر نيزي هسوار- سهڻا آيو مون تي .

Gul Hayat Institute

## مداح روپ پيروي

عشق ڪيو امدادي باد شاھ بغدادي
تون آھين پير حقاني هادي.

(١)- بخشين فيض فياضي- رهبر راضي، بيخود بازي،
مام مجازي .دل اوهان لاءِ ماندي.

(٢)- ميران شاھ مدد ڪيو منهنجي - واهر تنهنجي ھٿي نه ڪنهن جي،
مهر ڪيو پنهنجي- بيوس آهيان باندي .

(٣)- آهي اظهار تنهنجو جلوه جيلاني - محبوب سبحاني غوث صمداني،
قطبِ رباني - ملڪن ۾ آ مَنادي .

(٤)- شاھ ولايت تو در سوالي - مست موالي مور نه خالي ،
وصل وصالي- ويڙهي وحدت وادي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

عاشق ناشاد لئه ـ محب جي منهن تي نقاب آهي ـ تاب آهي،
ساري سنسار ۾ ساري جهان ۾ ـ عشق جهڙو نه عذاب آهي. تاب آهي.

۱- نيون نيون نينهن نوڪان ـ چشمن جون چوٽ چوڪان،
خلق ساري جون توڪان ـ لنئو نه ڇاتي لوڪان،
بره اصل بي حجاب آهي. تاب آهي.

۲- عشق هي آهي اٽانگو ـ تنتو رکي سرجو سانگو،
نينهن نسورو نانگو ـ لنگهي پئه لاحد لانگهو،
لاثاني لاجواب آهي. تاب آهي.

۳- جنگي سامان جوڙي ـ خنجر تو خوني ڪوڙي،
طالب تني تڪا توڙي ـ منهن نه ٿو ڪڏهن موڙي،
بره وارن جو هي باب آهي. تاب آهي.

۴- اٽجهل هي آهن اڪيون ـ ماري محبائين اڪيون،
عاشق ايذائين اڪيون ـ بسمل بنائن اڪيون،
انهن لاءِ عين ثواب آهي. تاب آهي.

۵- شاه ولايت شائق ـ اچن اڏي ستي عاشق،
نيزي نروار ناطق ـ فالم فقير فاسق،
شوق پياريو شراب آهي. تاب آهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

عشق اچي اثبات ڪيڙو،
اناالحق جو آواز.

١. مون تي برهه بقاء جو
السي ٽيو راز.

٢. ترڪي هن طلسم کي
پنهنجوڪيان ٿو پرواز.

٣. ڇڏي بادشاهي پنهنجي
سينهن ڪرايو نياز.

٤. شاهه ولايت شوق جو
بحري اڏايو باز.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

عشق ڪيو بيتاب ،
تاب عتاب دور ڪياسي.

١- نياز نوڙت نينھن سيکاريو. ڪسي ٿياسي ڪباب،
وھم وڏايون ڏُور ڪياسي.

٢- بار ملامت سر تي آيو. برھ ڪيو بيحجاب،
ھٿئُ حُباب ڏور ڪياسي.

٣- جام پريم جو ساقي پياريو. شاھي شوق شراب،
موٴج منجھان مخمور ٿياسي.

٤- يطھر ڪم تطھير ڇپايئن. پرينءَ ڪيو آ پاڪ،
شاھ ولايت مشھور ٿياسي.

Gul Hayat Institute

## ثنا درشان حضرت علي؏ روپ پيروي.

علي حيدر حيدر ڪردي هون،
هيا ورد وظيفه نه پڙهندي هون.

١- مات ڪيوسي ملحد کي ماري - دشمن دل تان اصل وساري،
هر دم حسينڻ کي دل ساري - بي پچر پرائي نه ڪردي هون.

٢- خاص خدائي خيال اساڏا - برم بقائي بحال اساڏا،
هر دم حسيني حال اساڏا - سِر دي سانگ نه ڏردي هون.

٣- عشق اساڏا عوشاق پوشاڪي - خوش اخلاقي يار ملاقي،
جام پياري سهڻل ساقي - طلب انهين وچ تردي هون.

٤- هر دم حسيني عشق سلامت - قائم هو سين روزِ قيامت،
سُور انهين وچ شاه ولايت - شب روز سدائين رڙدي هون.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

غازي نہ ڪن ٿا غفلت دم ۾ خيال دم جو،
اٿڻ ويهڻ سمهڻ ۾ ڪم ۾ خيال دم جو.

١. بي سُرت ساھ جي چڻ حيوان هن هميشه،
انسان ڪي سڃاڻڻ ثابت مثال دم جو.

٢. هِتڙي جنين جدائي اڳتي سي چاڪي ڏسندا،
حاصل ٿي جن هدايت ڪن ٿا وصال دم جو.

٣. غير ڪئون روزا رکيائون پرت جي تن کي پياس،
نوڙت سندي نماز سان ڪن ٿا ڪمال دم جو.

٤. جيڪي ٿيا جيئري جدا پرجها ٿيا پيرِ مغان،
شاھ ولايت تن کي حاصل ٿيو حال دم جو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا .

فيراق ۾ ڦران ٿو ڦيرڦيدار جي نموني ،
در در ڪريان گدائي پيار جي نموني .

(١) اکڙيون اوهان جون ڪجلي جهلي ڪير سگهي ٿو تجلي ،
اپ ۾ ڦري ٿي بجلي چمڪار جي نموني .

(٢) سرتيون هلو سفر ۾ ڳوليون پرين گهر گهر ۾ ،
من ڪو اچي نظر ۾ منٺار جي نموني .

(٣) ماڻهو ڏين ٿا طعنا لک لوڪ جا ڀهانا ،
پاتم ڳچيءَ ۾ ڳانا سينگار جي نموني .

(٤) چڏي شاهه ولايت شاهي خوش ٿي ڪئي گدائي ،
پرين ۾ پاڻ مٽائي واپار جي نموني .

Gul Hayat Institute

## ڪافي درشان قلندرلعل روپ پيروي .

قلندرلعل جي شادي آهي هرسال آبادي،
شغل شاهي شادمانا ملڪ بہ ملڪ مَنادي .

١. ملهائي شوق سان ميندي. معطر ٿي سڄي محفل،
حسن هيڪار ٿي هرجا هلي حڪم سندو هادي .

٢. ڪلنگي تاج سِر سهرا . سونهن سر موڙ ڳانا،
حورن هار ڳل پايا سينگاري گهوٽ جي گادي .

٣. جاڄي مانڄي مڙئي آيا. سڄائي سيج سيد جي،
سڳڻ سپ سانڻ ٿيا سرها. سهڻا سينگار سوادي.

٤. مرحبا مير مروندي. مبارڪ صد مبارڪ با.
آوازو عرش تي اعلىٰ آهي آغاز ارشادي.

Gul Hayat Institute

٥. وڄي نِت سنهن جي نوبت. نچن نروار تي نانگا،
رقص ۾ رند رغبت سان وصل وحدت اندر وادي.

٦. شوق شهباز جو شامل. ولايت شاهه ٿيو واصل.
وصالِ باخدا دم دم ڪئي آ عشق امدادي .

# ڪافي روپ پيلو

قاصد ڪجاڻ پرينءَ کي - منهنجو حال جلدي هيڪر،
عاشق ڪري ٿو آزي دم دم اوهان کي دلبر.

١. روئي ڪري توزاري پاڻي پاند ڀڃيءَ ڳل ڳاري،
هيءَ ڳالھ سڀئي ساري معلوم اوهان کي منور.

٢. ماڻهو ڏين ٿا طعنا لکين لوڪ جا ڀهانا،
پاتم ڀڃيءَ ڳانا زربدار پاڻ زيور.

٣. ڏسي يار بي نيازي - عاشق ڪري ٿو آزي،
هوندين هميشه راضي داون تنهنجي آداور.

٤. سڪ هيءَ شاھ ولايت - بخشيش ڪر عنايت،
هادي ٿيندي حمايت هر وار تنهنجي واهر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

نوٽ: هي ڪلام سائين جن جڏهن اجمير جي ميلي ويا هئا ۽ اتي مسجد ۾ رهيا هئا ته ان جاءِ تي چيو هيو ۽ اتي ئي ناهيو هو.

قرب جو ڪاڍو ڪيڏي ڪلام چوان ٿو،
عشق جي ميدان ۾ انجام ڪيان ٿو.

١. نامرادي نجهرو ڪنڍي برھ ۾ بدنام ٿيس،
اهو پرت وارن جي اڳيان پيغام چوان ٿو.

٢. سچائي ڪيان ٿو سجدو سھڻي اڳيان سراسر،
مسجد ۾ لائي محفل مئه جام پيان ٿو.

٣. عشق جي مذهب اتي ناھ ڏوھ زاهدا،
حقيقت جي هن حڪم جي سرانجام ڪيان ٿو.

٤. اسلام ڪان دل وئي اُڏي ڪفر جو ڪلمو پڙهيم،
سورئي جي سيج سمجهي آرام ڪيان ٿو.

٥. ڪفر جنهن کي ٿا چئو سو وٺي مونکي سدا،
هاڻي اوهان جي اسلام کي سلام چوان ٿو.

٦. شاھ ولايت آسد ايئن هيڪڙائي حال ۾،
بيان بيحد برھ جو الھام ڪريان ٿو.

Gul Hayat Institute

## كافي روپ پنجابي سهڻي .

كُن كان اڳي آ قائم قدرت فقير جي،
ازلي عجيب آهي الفت فقير جي.

١- واحد وصال واصل وصيت فقير جي،
ميثاق كان ملي آ محبت فقير جي.

٢- خالق سندي آ خالص خدمت فقير جي،
بخشي سدا سعادت صحبت فقير جي.

٣- سبحان صاف ثابت صورت فقير جي،
راهِ نما رسيده رحمت فقير جي.

٤- آهي عظيم اعلىٰ عظمت فقير جي،
راغب رضا رباني رغبت فقير جي.

٥- شاه ولايت شامل شفقت فقير جي،
نازل نئين آ نِتِ نِتِ نعمت فقير جي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ درگا ملھار

ڪيو برھ بيوس پرين پنھُ ڪو ڏس - مل پرچي پيار ڪري،
مل پرچي پيار ڪري دلارا دل ۾ ڏيان ڌري.

(١) محب منور معلوم توکي محبت آ منھنجي،
پاڪ پسايو پلپل پيارا پيشاني پنھنجي،
تون پاڻ پارس ڏي نہ ڏورا نھون ڏسُ،
پرين پاڻ ڪان ڪر نہ پري.

(٢) ديدان دائم دلبر توسان دو بدو لڙيون،
اوچ اشاري اڪ انور سان آر منجھان اڙيون،
رکي رمز رقص - ابرن جي عڪس،
پڙڪي بدن ۾ باھ ھري.

(٣) آءٌ اول ڪان پياسي تولاءِ عاشق تنھنجو آھيان،
روز ازل ڪان رمز بکي آ نا تو ننھن نڀايان،
ڪولي ديد درس - ڪني قلب تئون ڪسُ،
مل ھوت نہ ھيڻڙو ٺري.

(٤) شاھ ولايت شيدا شائق دم دم توکي ساري،
ھڪ وار ھلي آ پاڻ پيارا عاشق جي اوتاري،
پائي جھاتي ڏس توکي جانب جس،
واريو واڳ وصل جي وري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تتوڙي.

ڪر صبر پڌ خبر گهنشام جي،
سنگ پرور نور نرمل نام جي.

١- گائڻ گهر پنهنجا ڇڏيا ڪنهن واسطي،
مست ٿيون مرلي پڌي منشام جي.

٢- سکين وچ سرس سونهين سهڻو،
عام کي ڪل ڪانه پيئي هن مام جي.

٣- موهن مراري جان ساري ٿي جلي،
آس ڏاڍي پياس وحدت جام جي.

٤- شاه ولايت کي سدا اُڃ عشق جي،
ڪئي آ ڪرشن قابو ڪنجي دل دام جي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ راٹو

ـ ڪانگ اڈاريان ڪاڪ جا۔ شل راٹل ايندم رات .

(١)۔ ڪاٹياريءَ جي ڪاڪ تي۔ مَنَ جانب پاڻي جهات.

(٢)۔ سرتيون ساجن کي تي ساريان۔ تن من اِها تات.

(٣)۔ سوڍي اچ مـن ميندرا۔ مومل جي محلات.

(٤)۔ ڪانگ پڏائج منڙي پولي۔ لنؤ سپا جهـڙي لات.

Gul Hayat Institute

(٥)۔ ساه کان وڌ سوڍل جي آهي ۔ محبت منڙي بات.

(٦)۔ شاه ولايت محب مون ملندم۔ پره ڦـٽي پـر يات.

# ڪافي روپ جوڳ

ڪيچ ڏي وينديس ڪاهي ڙي. جيڏيون منهنجي پريت پنهل سان
پريت پنهل سان سڪڙي ساجن سان.

١. ڪانڌ ڪميٽي ورنه وِلهيءَ جو. چام آري آهي ڙي.

٢. وينديس رهنديس ڪينڪي الا. شهر ڀنڀور سان چاهي ڙي.

٣. سچيون شهر ڀنڀور جون ماڙيون. وينديس هيڪر داهي ڙي.

٤. حب مان هلنديس هوت پنهل ڏي. لاڳاپا سڀ لاهي ڙي.

٥. ڪيچان اوري ڪين وارڻ مون. دل تي اوڏنهن چاهي ڙي.

٦. روح منهنجو بيوس سر تيون. وس پنهنجي پرناهي ڙي.

٧. شام ولايت شوق سان هلنديس. سڪ سڳو مون ساهي ڙي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بلاولي

ڪنهن کي مان سور سڻايان ـ توبن ساهه پرسانديان.

١. عشق امالڪ اوچتي آيو. ڪاڏهن ڪنڌ ڦيرايان.

٢. ڪاٺ پنهل جي ووڙيان وندرم. ڪيچ وڃڻ ڏي ڪاهيان.

٣. باهه برهه جي ٻاري ٻاروچو ويو. تنهن پر پيٽي پاٽ پچايان.

٤. شاهه ولايت يار سڄڻ کي. ڳوٺ ڳلي پر سون ڳايان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيم

ڪيو ديد تنهنجي پرين آ ديوانو. تڏهن لوڪ سارو سڏي ٿو بيگانو،
ڪنهن کي پڌايان هي افسانو. لڳي رهيو آ دل جو خزانو.

١. تصوير تنهنجي دل ۾ سمائي. تصور ڪيان معبود بنائي،
ڪعبي اندر مون ٿاهيو بتخانو.

٢. لکين لطف تنهنجا ڳڻ يار ڳايان. احسان دل تان ڪڏهن ڪونه لاهيان،
نوازش جو آهي نظر ۾ نيشانو.

٣. اگر عشق وارا مڃن ٿا غلامي. صداقت جي سانگي سوين ٿيا سلامي،
رکي دل ۾ دعوت سر نذرانو.

٤. واقف ولايت شاه وصل ڪان. عاشق اوهان جو آهي اصل ڪان،
محبت ۾ منهنجو من ٿيو مستانو.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڪرنسيو

ڪرين ڪرم تون عاصين سائين سدائين دم دم،
صد شاھ ملڪ والي۔ ايندا اڳيان تو نم نم.

۱۔ ميرن جو ميرتون آن - پيرن جو پير تون آن ،
سرتاج سڀ جو تون آن. لاهين سين جو غم.

۲۔ صورت ڏسين جي صوفي۔ مورت ملي تو مخفي،
صوفي ٿئين نہ ڪوفي ناهي ڪفر جو ڪم.

۳۔ مٺن منُ مٺي ۾ مستي - هر دم هلي ٿي هستي،
آخر ٿئي سا خستي دل سين ڏڪار دم دم .

Gul Hayat Institute

۴۔ ولايت شاھ خبر آ تنهن کي ميخون لڳيون هن جنهن کي،
اها خبر آ تنهن کي - هيو سڀ بازاري بم بم.

# ڪافي روپ آسا

ڪيڏ آسائشي آس اندر مِڙيان عيش محل اوقات،
خاڪ جو پُتلو خاڪ ۾ رهندو باقي بچندي ذات،
آهي پورؔ عين سارو اثبات.

١- جنهن ڪم واسطي جُوءِ چڱي تو طلب رکُ سا تات،
راتيان ڏينهان اور الف سان. لنو لطيفي لات.

٢- پيرسچاڻ توُن پنهنجا ساڳا ويچ وني سا وات
جُوءِ انهيءَ ۾ رهه وڃي جاڳي ڏينهن ناهي ڪا رات.

٣- موتو قبل لانت موتوا باري برهه جي بات،
پاڻ وڃائي پا نهنجو - ماري ملحد ڪي ڪرمات.

٤- فاذڪروني اذڪرڪم آهاديءَ واري حالات
شاه ولايت شامل توُسان عشق تيو عجب اثبات.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڀيرڙي

ڪريان ميھر ميھر پايان زندگي زھر،
وڃي شال مِلان او وڃي شال مِلان.

۱- ڪچو ڪچ ٻرڪيٽي ٻيئي گهيران گهري- ٿي سرھي سدا جا ميھر لئہ مري،
ڏيان ڏمرڪي نہ رُخُ - ساري ساھڙ جو سُڪُ،
جوشن منجھ جلان.

۲- توڪل سندو تڪيو ترھو ڪيٽي- ڪاھي ڪُنَ ٻيئي ڪندو ميلو ڏيٽي،
ڪريان سدقي ھي سر تان ميثاقي ميھر،
ساڻ خوش ٿي ڪِلان.

۳- سھڻي ساھڙ ڪي ٿي سنڌڙا ڪري- ھلي پار پرينءَ ڏي پيرا پري،
ڏسني سڪ سُرڪي ميھر مرڪي،
آھي دوست دلان.

Gul Hayat Institute

۴- وري شاھ ولايت شال وڃان- پسڻ ڏاران پرين پيرو ڪين پڇان،
ڏسي لھريون لڙھان- مورڻون ڪين مڙان،
ھٿئون ھيڪر ھلان.

## ڪافي روپ پهاڙي

ڪيچي ويا تم ڪاله،
روئي مون حال وڃايا .

۱- ساٿي ساجهر سنيت ڪري ويا،
ڪانہ لڌائون سنڀال.

۲- جانب جُوءِ ڇڏي ويا جنهن دم،
ساعت پايان سؤ سال .

۳- ڪري ويراڳي هو ويا وطن تي،
جيئڻ پايان تي جنجال.

۴- خوش تي ڪليا تي اڳڙ اسان جي،
نانگا هئا نہ دخال.

Gul Hayat Institute

۵- شاه ولايت شان سجايئي،
ايندا ننگي ننگ پال.

## ڪافي روپ پيروي

ڪيئن مان بچان توکان سواءِ-
تنهنجو ٽڳاءُ آهي،
سڪ ۾ اوهان جي سهڻا،
سوگهو ٿيو ساھ آهي.

(١)- تنهنجي دلاسي دلبر قابو ڪيو آ دل کي،
اقرار پاڙ پنهنجو
بيشڪ بچاءُ آهي.

(٢)- مجني وانگر ٻرن ۾ ٻيٺي ٿيا مهينا،
وليون ويون وڪوڙي،
چانٺو پيرن ۾ گاھ آهي.

(٣)- چڙدي شاھ ولايت شاهي غمن کيو گداگر،
پرين جي ڏِرپڻ ۾
کھڙو گناھ آهي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

ڪر پيار پنهنجو پيو ڪو نہ ڪنهن جو،
هڪ درسن تنهنجو درڪار آ درڪار آ.

١- توسان سودو سراسر سِرَ جو ڪيم،
آهين دلبر بہ تون دل توکي ڏنم،
ڇا جو ڄسم ڪريان ڪھڙو قسم،
ياد دل ۾ اسم هر وار آ هر وار آ.

٢- تو الفت سندو اقرار ڪيو،
مونکي عشق تنهنجي اظهار ڪيو،
دل درد وندي آهي برهہ بندي،
بالا حسن سندي سرڪار آ سرڪار آ.

٣- تنهنجي محبت مدامي آ مونکي ملي،
آءُ اگّم منهنجي هڪوار هلي،
ڪيو سهڻا سبب ٿي آ جان بَلَبُ
ڏاڍي تهڊل طلب تڪ تار آ تڪ تار آ.

٤- شيدا شاه ولايت شوق ڪيو،
ڪنهن ظاهر ضرورت ذوق ڪيو،
واعدو وصلي توسان آهي اصلي توسان،
اهو ازلي توسان اقرار آ اقرار آ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

ڪنهن جي ڪين پڌئون نه ڪنهن پئي ڪي چئون،
سار سڄڻ جي پيا تا ساريون.

(١) جهاتي پائي پاٽ ۾ - پنهنجي پَرِ ۾ پَسئون.

(٢) اوريون ڪينڪي عام سان - تَنڪي ڏُک ڏَ سِيَئُون.

(٣) طعنا مهڻا لوڪ جا - سارا سِرَ تي سَهئون.

(٤) آهيون گُم الله ۾ - رندي رمز رَچئُون.

Gul Hayat Institute

(٥) ناهي حد حجاب جي - لا حد منجهه لَٿُون.

(٦) شاهه ولايت شوق سان - راتيان ڏينهان رُئَئُون.

## ڪافي روپ راڻو

ڪرڻ مومل ساڻ ماڻان - توں سوڍل سيا ڻا ،
رات رهي وچ راڻا.

(۱) جنم جنم جي جيوت تو سان - پياس پريمي پريت آ تو سان،
ست سنگ سوئي سچاڻان.

(۲) آهي اصل کان هي ڳانڍاپو - آد جڳت جو آ لاڳاپو،
اج ڪله جوئي نه جاڻان.

(۳) ڏاها ڏنڻ جا سات سُتل هئي - سوڍا سچائي سا سومل هئي،
اهڙيون نه آڻج آڻان.

(۴) سک جو رهي تو سدائين سياندو - تو لئه آهي من گهڻو ماندو،
اندر منجهه اوراڻان.

(۵) اگهڻ ڀاريان تنهنجي اچڻ لئه - پريشان آهيان پرين تو پسڻ لئه،
ڪاڪ جا ڪنور ڪوماڻان.

Gul Hayat Institute

(۶) شاهه ولايت شال تون ايندين - ننڊ ربنما ڦي اسان هڪ ٿيندين،
نينڻ سڪن ٿا سنماڻان.

# ڪافي روپ راڻو

ڪرڻ سومل ساڻ ماڻان هو الله،
سوڍل يار سياڻا.

١. اڄ نه اڳڻ آباد ٿين الا،
پوريءَ جا هي پاڻان.

٢. ڪاڻياريءَ جي ڪاڪ ڦي الا،
رات رهين ٿل راڻا.

٣. سومل ساڻ سُتل ڏسي الا،
اهڙيون نه آڻج آڻان.

٤. مرڪ نه منهنجو ميندرا الا،
ملامت مون ڇيا ڇاڻان.

٥. هر دم هجين هر حال ۾ الا،
پاسي ڪج نه پاڻان.

٦. وسن شاه ولايت مون الا،
ٿوريءَ جا هي ٿاڻان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

ڪيچئون ڪشالا ڪاف ڪري،
پنهل آيو آ پاٽ.

۱- قرب جي قطري ڪيچ وساريس،
ڏ ٺائيـن ڀنڀـور جا ڀاٽ،
محبت جا ويٺو ماڻ ڀري.

۲- خوشيءَ منجهارئون خان ڪئي ٿو،
لتوڙي هُيو اُڃاٽ،
سڪ منجهان لتا ساف ڪري.

۳- شوقئون شاه ولايت آيو،
پنهنجي راڻي پاٽ
سورن جا آيو سات ڀري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

ڪٽ ڳيٺي ڪاف ڪشال وي. رانجها جوڳي آيا اساڏي نال وي.

۱. مين رانجهن دي رانجهن ميڏا. آها الستي ناتا اسيڏا،
ڪيڙي پيڙي بي حال وي.

۲. ڪول ماهيدي آپ اسل دي. اڄ نڪله دي روز ازل دي،
واعدا وصل وصال وي.

۳. مٺن ماهي ڪون صاف سڃاتا. تسان سياليان سمجهه نه جاتا،
چوڙو غير خيال وي.

۴. پار دريانهون ڏڪدي دونهين. وچيان ڪنديان ڪٺي ڪوٺين،
ڏيک ٻچي محب مهيوال وي.

۵. مين نمابي تنگ ماهي دا. لکيا ازلي انگ ماهي دا،
چوڙو سنگ سيال وي.

۶. ڪن وچ ڪنديل مک وچ مرلي. من موهيندا سرگم سريلي،
طبل ترانه تال وي.

۷. جوڳي ساڳي ذات الاهي. ظاهر ذات صفات الاهي،
ويکو نور جمال وي.

۸. الف ني پايا ميم دا برقعا. بشري پيدتي خاڪي خرقعا،
چلدي چا قان والي چال وي.

۹. تخت هزارئون آيا ماهي. شاه ولايت چوڙڪي شاهي،
پا فقيران حال وي.

Gul Hayat Institute

## کافي روپ کنیات

کیتان من تکڑي چیر۔ عینا عوج اثر دي ۔

(۱) اکیان بکیان باشا بحري۔ قیس کماون کجلیان قھري،
نانگ زلف دا ظالم زھري۔ ڈنگ ہیو تقدیر۔

(۲) چشمان چوٹ چلاون چوري۔ قِردي مست شرابان شوري،
کاوندا ماس جگر دا زوري۔ کھندي بیتکسیر۔

(۳) نٹن سیاہ تي نوک نظر دي۔ خاص خماري خوني جگر دي،
تیز تکي ھئي تیغ ابر دي۔ وہ ہئي تکبیر۔

Gul Hayat Institute

(۴) شاہ ولایت شیدا شائق۔ اصل کنون اکیان دا عاشق،
ناز نظاري ناظر ناطق۔ ازل دي ھئي اکیر۔

## التجا روپ ڪوهياري.

گيلاني غمرڪث الا - واه ولهيءَ جي ڪاپٿ الا .

۱. سچ سدا هي سيدا - هلي آيس تنهنجي هَٿ الا .

۲. دوا سڦنجي درد جي - آهي پرين تو وٽ الا .

۳. وهم وجودي وسوسا - لا ڪري سڀ لَٿ الا .

۴. مدعا مڦنجي من جي، پهچايئن پهرين سٽ الا .

۵. دآتا دان ڪندڙ تون - مون ڀِرگهٽيئي گهٽ الا .

۶. هادي ڏيج همت تون - جلدي ڪري آءُ جهٽ الا .

۷. فيض جا درياه تون - بازي برهه جي ڪٽ الا .

۸. والي ولايت شاه تون - آءُ ايا ٿيءُ جهٽ الا .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

گڏ مون سان نت يار آ- اِهو ٻڌو مونکي پنهنجو پاڻ مان پيو.

١- ونحن اقرب ويجهو وسي ٿو- ڏس ڏور انهون ڪين ڏسي ٿو،
وڃي اندر پاڻ پسي ٿو- ديهي اندر ديدار آ.

٢- دلبر دم کان دور نه آهي- آهي الڪ ٻيو مُور نه آهي،
پرينءَ سوا ٻيو پُور نه آهي- پلپل ۾ پڻ يار آ.

٣- پنهنجي پرَ کي پاڻ ۾ پاتم- سڀڪا صورت پوءِ سڃاتم،
جاڻ اهو ئي جاني ڄاتم- دم دم ۾ دلدار آ.

٤- قلب المؤمن عرش مُعليٰ- تحقيق تنهن ۾ طور تجليٰ،
پاڻ ۾ پيهي ڪيم تسليٰ- نور نظر نروار آ.

٥- ساھ پساھ ۾ ساڻ سدائين- وصل ولايت شاھ وفائي،
جانب جيءَ ۾ ناھ جُدائي- موجود حق مختار آ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀمپاڙي.

ڳالهيون ڳُڻن جون ڳايان - تو کي تو يار ڀڏايان.

(١) ڏينهان روئان تو رات اوهان لئه - جهر جهنگ آهي جهات اوهان لئه
صبر ناهي ڪا سانت اوهان لئه - وري وري واجهايان.

(٢) بار ملامت سر تي آيو - طعنن تنهنجن يار تپايو،
سارو چمر ڪر سر تي چاڙهيو - ويتر وِڪ وڌايان.

(٣) پلپل پر پيا پور اوهان جا - ساجهر سنجهر پيا سور اوهان جا،
ڪن تا ڳيس ڪلور اوهان جا - سي تہ سيني سان لايان.

(٤) شاه ولايت شاهي ساري - محبت تنهنجي پر آ وساري،
صاف سيني پر صورت ساري - پلپل يار پڇايان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

لکين شڪرانا لکين شڪرانا. پال پلي جا پايان مان.

١. عيدان ٿيٽريون تنهنجي آئي. لک مبارڪان لوڪ ورائي،
گڏجي سڄڻ تنهنجا ڳايان مان.

٢. در تنهنجي جا سوين سوالي. وتن ويڳاڻا مست موالي،
گهور حسن جي گهايان مان.

٣. فيض ڏي پنهنجو فيض رسايو. شاه بگن جو باغ برسايو،
مالهي باغ جو آهيان مان.

Gul Hayat Institute

٤. شاه ولايت سڪ سچيءَ سان. پوئي گلن کي سُٽي سڳي سان،
ڪنڌي قرب جي پايان مان.

## ڪافي روپ آسا گجري

لا اِلٰهَ الا الله مٿي آهي ٻولي،
ڏني ماءُ مونکي پينگهي منجهه لولي.

(١) لڳي تار تن ۾ نتون هي نتون تنواريان،
سٽي سوز سيني ۾ هوهو جي هولي.

(٢) نندي لاکون ناتو ٻڌو لا غرض سان،
ازل کئون مون آيو جُهلي عشق جهولي.

(٣) فراقن ڦٽي دل ڪيو آهي فاني،
وهن نيڻ نارا ڪيو چاڪ چولي.

(٤) پرَ جي پسڻ لاءِ پاندي ٿو پچايان،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ آهيان تن جي ڳولي.

(٥) اسم شاهه ولايت قلب ۾ ڪمايان،
فياضي فقر جي ملي مونکي ٽولي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيـروي.

لڳو عشق اجهل آزاري الا،
آهي راتيان ڏينهان انتظاري الا.

(۱) سُتي سنبت ڪري سنجهي سات ڪـٺي،
ڪاهي ڪيچ رسيا وچي ڪيچ ڏسٺي،
هتي هوت ڇڏي ويا هڪڙي جـٺي،
ڪاهي ڪرهاڪيائون تياري الا.

(۲) دم دم دل ۾ ٿو دُود دُکـي،
جلي جان جسم جند جيئڙو جُکي،
پلٺ پاند پنهل تنهنجي پيس پُکي،
آهي ڳل ته گپـچي ۾ ڳاري الا.

(۳) ڏکويل کي ڏس ڏونگـر ڏي،
ڇوري ڇاڪٺون ويا هِن ڇپر ڇڏي،
ڏک ڏير ڏئي ويا گوندر گـڏي،
ڏوبـڻ ڏار ڪري ويا ڏاري الا.

(۴) شام ولايت ونيندس مان،
هاڙهي هوت پنهل ڏي هلنديس مان،
وچي ونڌر وٺ ۾ ملنديس مـان،
آهي جوش جگـر ۾ جـاري الا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پنجيري.

ماڙيچن مارن سان مولا ملائي،
وهندي وطن تي واڳان ورائي.

(١) ماڙين منجهه موجهي ماندي مري ٿي،
سنگهارن سواهت نه ساعت سري ٿي،
پکڙا پيکن جا مون پرو ريسائي.

(٢) جهانگيڙن سان آهن منهنجي جيءَ جون جڙيون،
قادر ڪنڌهن هي ڪني قيد ڪڙيون،
پُون پُور پلپل سڪ ٿي ستائي.

(٣) ڪونه منجهه قابو هي بيوس آ باندي،
امر ڪئي آهه هتڙي جا آندي،
سڪي ساهه تو جي جدائي جلائي.

(٤) آهي آس دل ۾ پسان مون اباڻان،
سانگي ستايل ماروڙ نماڻان،
ملان شال تن سان رهبر رلائي.

(٥) ولايت شاهه وڙهيچا ويهان ڪيئن وساري،
ڏاتر تنين جو ڏک نا ڏيکاري،
خوش ٿي ڪيت سان ٿل خاوند ڪلائي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پنجابي سهڻي.

معراج موج معنىٰ ملت فقير جي،
خالص خدائي خوبان خلعت فقير جي.

١- راغب ربوبي رازِدل رند و رموز راسد،
راهِ نما ربودن رغبت فقير جي.

٢- واحد وصال واقف ويساهه وجه الاهي،
وارد وجودي وجد آ وحدت فقير جي.

٣- اِنّ انا اِني اشارو الف ب احسنىٰ،
عادل عجيب اعلىٰ عِلت فقير جي.

Gul Hayat Institute

٤- شامل آ شاهه ولايت شد شوق شادمان،
شڪر الله هَئي شفا شفقت فقير جي.

## التجا روپ ڪليام

مون کي دان ڏيو دستگير - آهين رهبر تون روشن ضمير،
منهنجي معاف ڪيو تقصير.

(١) منهنجي ڪشتي طوفان جي تغير ۾ آ- لڙ لهرن کان تنهنکي بچاءِ،
پڌل پيڙي کي تار ڪري پار اوڪار- جلدي جلوو ڏيکار،
اچي پهچ پلڪ ۾ پير.

(٢) مُدت گذري وئي پيڙي گهٽي وئي .يار نهين مهيني تائين ٻُڏي ڙي پوڪاري رهي،
گوش فرياد رَسُ- جيج ثابت سرس- وري آئي واپس،
تبديل ڪيو تقدير.

(٣) تنهنجي درتان نه موٽي ڪو سوالي وڃي- ونڻ ڏاران بڪاري نه خالي وڃي،
سخا سرور ڪيو- دُرها دان ڏيو- را ضـي رهبر ٿيو،
اچي مل ميران محي الدين مير.

(٤) منهنجا غم گيلاني ڪشالا تون ڪٽ- آهي دل جي دوا تو وٽ،
مدعا مَنَ جي پچاءِ- مونکي محب ملاءِ- رمز رهبر رَلاءِ،
دست دامن ۾ آ دلـپذير.

(٥) ڏيو دان داتا ڪو تنهن کي اهڙو- ڏسي عالم ڪري تنهنجو عجب ڪهڙو،
پيالو پر نم پيار- جنڏي دل کي جيار- پنهنجي طالب کي تار،
صحيح سلامت سير.

(٦) آهين والي ولين ولايت جو شام - فيض جو تون مالڪ فيض دريام
سُٺي سنڌڙا سائل ڪرين قرب ڪامل- محبت ۾ مائل،
ڪر فيضماب فقير.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ملهار.

مٺامَن مَور مورَ زور آهين تون زور.
توسان منهنجي ناهي جاءِ.

١. دمردمر ديد هيٺ تي ڏاڙو. دلبر تنهنجي دليري،
بجلي تنهنجي ناه برابر. تجلي تيز تڪيري،
ڏاڍا ڏک ڏيو ڇوٿا. ڪُٺا وري کُهو ڇو ٿا،
هيٺي هيٺي پرين هاءِ هاءِ.

٢. زلفن ظلم ڪيو آ دل کي ونگ هيٺ ڪن وارا،
اُلـرَ ڪياٺون عوشاقن تي ڪيس ڪاريهر ڪارا،
مونکي رڳو ونگي ويا. ڏنگا ڏنگ ڏنگي ويا،
تن تي مرهم لاءِ لاءِ.

٣. عين عوشاقن لئہ اربيلا پيار منجهان تو پاليا،
قابض ڪيَرَّبي قتل ڪرڻ لئہ چست سيڪاري چالا،
نظاري جون نيون نوڪان کُسان تري ڪِين روڪيان،
ڏسان توکي جاءِ بجاءِ.

٤. لکين عوشاقن جون هن خبران گهور حُسن جي گهايا،
شاه ولايت پنهنجي سرتي ايڏا سُورَ سَهَايا،
مهٺا ماٺهو ڏين ڇوٿا. اهڙا جڳ ۾ جيئڻ ڇو ٿا،
خاوند تن کي تون ڪپاءِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

منهنجي دل ۾ دوست جا ديرا. پنهل جا ديرا،
موٽسان ڏاڍ ڪري ويا ڏيرا.

١. ملان هوت سان شل هيڪاندي. مَران هِت ماندي،
منهنجا ڪيچ ڏيڻ هن ڪانڌي. پرت وند پا ندي،
پيئي پچان پنهل جا پيرا.

٢. سُڌ سرتيون اوهان کي ناهي. پکو پَهُ آهي،
وڃان ڪيچ ڏيڻ ڏي ڪاهي. پنيو رسان چاهي،
وڏڙيان وات وِندر جا ويرا.

٣. منهنجو ورڙو وئي ويا چوري - زورا ور زوري،
جندجان جتن تان گهوري. جهجهڻ آ جهوري،
منهنجا جوش جلايا جيرا.

٤. وڃي شاه ولايت ملنديس. هي سُور سلنديس،
ڪري ڪيچ ڪشالو ڪَهنديس. هت ڪين رهنديس،
لڪ گهاٽ جبل جا گهيرا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڪنيات

ماروئن نماڻا ايندم اباڻا. سانگي ستايل وتن ويڳاڻا.

١. ميلو مارن سان مولا ڪرائي. وهندي وطن تي واڳان ورائي،
پسان شال پنھوارن پڳڙا پراڻا.

٢. قابو ڪوتن ۾ ڪيو قيد قسمت. سانگين سواهِت سري ڪانه ساعت،
پئُون پون تا پلپل پراڻا.

٣. اڪنيد اندر ۾ اباڻن جي آهي. سانگي سانگ ويڙا مارون مال ڪاهي،
ترم تريچن سندا وسن تاڻا.

٤. آهي لعل لاڪي لوئي لاهوتي. ٻڌ ڪيئن پايئون ملي ڪتي پوتي،
اصل مرڪ مارن هندنا وهاڻا.

Gul Hayat Institute

٥. وڃان شاهه ولايت وري ويڙهيچن. موتي ماڳن تي ملان مون مارئيچن،
سنگهارن کي سارِيان ساهه سيباڻا.

## ڪافي روپ ڪسوري

مل اچي محبت وارا پيارا دل توسان لڳي،
دلبر دوست ڏلارا پيارا دل توسان لڳي.

(١) عاشق البت رهن اداسي. پرين پسڻ لئہ پلپل پياسي،
سائل سدا سڪ وارا.

(٢) ناز نوان ڪي نازڪ تنهنجا. جالڻ جدائيءَ جا ڏيهڙا اهنجا،
نينهن وهن ٿا نارا.

(٣) لون لون ۾ لنو لائي لوري. جتڙ لڳي آ جاڪون جهوري،
اڏيا عشق اوتارا.

(٤) شاه ولايت شائق تنهنجو. پرچي پيار ڪرتون پنهنجو
قرب ڪري آ کوهيارا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ توڙي

مَرُملامت مون وسي - يَلِ ڏيھ پيو طعنا ڏئي،
سَرسُ سونھنِ سِرَ مٿي - پَٽُوُ نٿو تن کان ٿئي.

١- قِتَ قِڪرڙي فائدو - نالرز لعنت کان ٿئي،
پر رحم لعنت ھِت رھيو - ھُتَ ڪجھ نہ بيرنگ پرٿي.

٢- ڪفر جنھن کي تا ڇٺو - سو شل اسانجو ڏاج ٿئي،
انھي ڪفر اسلام سان شل پيچ پنھنجو نا پئي.

٣- عاشقن آگاھ ڪيئي - ويساھ ويتر ٿو پئي،
والفخر مِني اھائي - دوست دلداري ڏئي.

٤- شاھ ولايت شان کي - لوڙھي چڙھيو پھرئين لِيئي،
بزرگي بٺران چاٺي - پري پيريءَ کان ٿئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ سورٺ

منڊل سنڊل سپ وٽن تا تنھنجا ڪين ويٺي ڪمڪار،
عشق بنا افراد اجايو پنڪڻ آ بيڪار.

۱. عمر گذاريئي گھمندي ڦرندي ڪونه ڪيئي ويچار،
گم ٿي وڃ تون پاڻ ۾ پيھي پڇج نہ ھيا پنڌ پار.

۲. عشق جي منزل ڪل ڪان اڳري توڙي ھجي ھوشيار،
عشق کي وڏڙي ھٿڙا جوڙي خاصو خدمتگار.

۳. ناڻ چڙھيو ٿي نينھن ۾ ناڻگو بيخود بي اختيار،
پوء پسج تون پاڻ ۾ پيھي ڪيئن وڌي ٿو وا پار.

۴. شاھ ولايت شامل ٿيڙ و. سونھن پريو سردار،
واڳان ساھي آيو ڪاھي. محب مٺو منٺار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

مون کي ڏي مون کي ڏي مون کي ڏي شراب،
ساقي تنهنجي هٿ جو پيئڻ مون ثواب.

١. ساغر صاف سُرڪي ڏيو محب مُرڪي،
اچي عاشق هُرڪي پيئڻ لئہ شتاب.

٢. نشي ۾ نهايت هاديءَ ڪئي هدايت،
ڪري مون عنايت ڪيو سنهن نواب.

٣. پيالو پيتو جنهن، پياتي ٻڌي تنهن
ڪڏايو قدم جنهن پڙهي ٻه باب.

٤. شڪر شاهه ولايت هادي تيو حمايت،
سدائين سلامت ٻه بي حساب.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

منهن ڏيکيم محبوب لٽ، ڪنهن رمز جي رومال سان،
گهوڙها گهلن تنهن تي ٻڍا، لوڪن لڪايم خيال سان.

١- جئن اندر جهيڙو لڳل هو، دل ۾ پيو دانهون ڪريان،
تان اوچتي دلبر اچي بيٺو مٿان حسن حال سان.

٢- پوءِ پڇيائين ڇو رئين ٿو، ڪنهن تو کي ايذائيو،
ڪيئن پاڻ تو ڦاسائيو، ڦندڙو لائي ڪنهن لعل سان.

٣- مون ڇيو منهنجا مٿا آ تيرِ تن ۾ تو هنيو،
سوراخ سيني ۾ ڪيا نور جمال سان.

٤- پوءِ چيائين اي چريا ڇو دل پنهنجي ڦاسائيو،
چو ٿا ڏسو هر هر تکيو ڇو پاند لائيو ڪال سان.

٥- ديد تنهنجي ديد ۾ منهنجي پرين عادت اِها،
شاهه ولايت کي هميشه ڪم نه ٻئي ڪنهن ڪال سان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

من محب ملڻ هڪ واري. دل سڄڻن کي پٺي ساري،

١. ڪري ويا ويراڳي بيراڳي بڻ ۾. ته دل تنين جي آهي تانگهه تن ۾،
محبت مجازي هيءَ ميڪ منءِ ۾ لنو سان لڳائي لاتي لوهاري.

٢. سڪان ۽ ساريان صدمن ۾ ساسي. عاشق اصل ڪان آهيان اداسي،
پرين پسڻ لئه پلپل پياسي. اڱڻ اسان جي ايندا اوتاري.

٣. قربڻون ڪهي وڃ قاصد قريبن. سڪ جو سنيهو ساري ڏي حبيبن،
درپيش ڪج تون عرض هي يتيمن. واحد وصل جي شل واڳ واري.

Gul Hayat Institute

٤. شوقڻون شاه ولايت اهي شال ايندا. دل کي دلاسو پرين پاڻ ڏيندا،
هيڪاندا هر دم همراز ٿيندا. جيئڻان ٿي جڳ ۾ جن جي سهاري.

# ڪافي روپ ڪلنگڙو

مٺا محبتن کي تون مخمور ڪر،
بخشي برھ پنھنجو تون ڀرپور ڪر.

۱- پياسن پيالو پرت جو پيار،
جوڙي جام جوشئون چڙدي دل جيار،
والي وَسِ اوھانجي حيدرِ ڪرار،
ڏيئي جام تن کي تون مسرور ڪر.

۲- پيشڙ ساٽ پُرٽين سي ڪيفي ڪمال،
نشي ۾ نھايت سي نانگا نھال،
خمر ۾ خوملڙ رھيا خاصا خوش خيال،
مرادون مِڙن جون تون منظور ڪر.

۳- آھي عشق اصلي عوشاقن امام،
ملي ٿو مولائن عنايت انعام،
چيو شاھ ولايت ڪلي خوش ڪلام،
مثل مالڪي پنھنجو تون مشھور ڪر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪونسيو

ميهر جي ملاقات جو ساجهرئي سحيو ڪيو،
مام ملي آ جلد ملڻ جي رهبر هي رايو ڪيو.

١. دلي جي دوستيءَ ڪان محب ڪئي آ منع،
ڇنَ ڏسي ناڻو چريا پهريون پڇايو ڪيو.

٢. ڏاڍا ڏور درياهه جا داب ٻجهن ٿا دڙڪا،
واڳن جا واڪا ٻڌي سيسر سانيا ٽوڪيو.

٣. تڪڙي سِير سمونڊ جي لهريون لوڙها ڏين،
پَوَ لاهي پلڪار جا صاف صفا ڪايو ڪيو.

٤. شاه ولايت واسطا وجايُ وصل ٿيو،
محبت ميهر جي مهر سان صفر سجايو ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ٿنا روپ بلاولي.

محمد مصطفیٰ مدني مِٽرنِ مختيار ٿيو پيدا،
علي سردار آسيني اٽرين آڌار ٿيو پيدا.

(١) ڪري سجدو ٿيو عابد- اڳيان معبود مولىٰ جي،
انا احمد بلي ميمي نازل نروار ٿيو پيدا.

(٢) مٿي معراج تي مرسل - ٻڌو آواز حيدر جو،
يدالله فوق ايديهم اصل اقرار ٿيو پيدا.

(٣) پيارا پاڪدامن جا- شبر شبير شافي منهنجا،
پاڙيو واعدو پرين پنهنجو صبر اختيار ٿيو پيدا.

Gul Hayat Institute

(٤) ولايت شاه واجب آ - سدا ساراهه پنجتن جي،
هوالظاهر اهو آهي ناهي ٻيو ڏار ٿيو پيدا.

## ڪافي روپ ڪونسيو

منھنجو يار ميھارسان ٿيو ملڻ جو سعيو،
ملڻ جو سعيو تہ اصلي روح سندو را يو.

۱. داتا ھن دلي سَتي،
رِنج سُتَت سٹايو.

۲. ڪُمِين ڪيون ڪيترن،
واڳن ورايو.

۳. ميھر ڪي تنھن مھل ۾،
سھڻي پٽي ساريو.

۴. شاھ ولايت ميھرسان،
مولٰى ملايو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بسنت

مرشد مونسان ڪئي آيلائي. گوٺ ڳليءَ ۾ ڳايان،
ٺورو ڪين لاهيان.

(١) مرشد منهنجو مست مدامي. هادي هنباهي هردم حامي،
ترتيون سر نوايان.

(٢) فيض ڏئيءَ جو فيض الاهي. عشق امانت مرد مولائي،
پاند پڇيءَ ڳل پايان.

(٣) ٻگن بارڪنيو آسارو. صابر سيد يار سوپارو،
پال تنهن جا پانيان.

(٤) شاهه ولايت شوق اهوئي. فڪر فقر جو ذوق اهوئي،
وارث تولئه واجهايان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

منهنجي دل درد جو دارون سو دلبر دلربا آهي،
مريضن لئہ محب منور سندو درسن دوا آهي.

١- صنم صفا صحن صورت صفائي سان وصلي واء وصل واعدي وفائي سان
اصل اقرار دائم ديدار نقش نگار آئين جي آراشاري اوج انور سان
اثر اظهر عطا آهي.

٢- پريمي پيار سان پلپل پسي پيارو نظر نازڪ نزاڪت ناز سان نيارو.
نسنگ نروار رخ انوار رنگي رخسار سان اظهار بلند بهتر بهاري سان
بالا برتر بقا آهي.

٣- ميلو محبوب سان منهنجو ميثاقي آ سينگار سنگ ساغر سان سو ساقي آ.
مهدي مختيار مغان مهندار پرين پگدار محب منثار مدامي موج محبت ۾
ماهر ماهِ لقا آهي.

Gul Hayat Institute

٤- شاهه ولايت شوقي تي شامل شفاعت سان. سدائين سو صنم سهڻو صداقت سان
مٿان تنهن يار صدق صد بار پسي پيزار ٿيا پلهار رنداني راهه رحمت جو،
سو رهبر رهنما آهي.

# کافي روپ پیلو

ماهي مٺون پاوندا . آکي رمزان لاوندا نہ چاٹا
ماهي آوندا چاک سٹدا کرچولي .

۱- ملک سیال دا ویس وصال دا محرم حال دا سانون سیباٹا،
ٹمک وکلاوندا انس دي آکراولي .

۲- رانجھا جوگي بن پاکي کندل کن سٹیر دي سانگي سجن هئي اِت آوٹا،
آوندا جاوندا شوق شکار دي شولي .

۳- صورت صفات دا ظهورا ذات دا . بشري برات دا بن وچ لاوي پاٹا ،
آپ الاوندا اصر دي هر گهر بولي .

۴- تاج لؤلاکي پا میمر دي مرلي چا . برہ دي بین بجا هي گیت گاوٹا ،
گن گاوندا راز رهبر کولي .

۵- ناتا نمائي دا میں انجاٹي دا . ابتر اپائي دا هئي تنک پالٹا،
هئي پاندا پولاں کر پولي .

۶- شاہ ولایت دا صاحب سخاوت دا . فائض فیاضت دا سانون گل لاوٹا
قیرا پاوندا سهج بناکر سولي .

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

موسم بهار آ وصل ويچار آ. اَڱڻ اچ جاني تنهنجو انتظار آ.

١- اچڻ اوهان لاءِ يار پيارا سرهي سيج وڇايان. مون ته وِهُو ڦارون پايان،
ڳوليان ڦولهيان ڳليان واٽان رستا راهه پڇايان ورِي ورِي واجهايان،
اهو آزار آ وصل ويچار آ.

٢- باد صبا باغِ چمن ۾ گُلين ڦلين گلزاري. آ برسي باغ بهاري،
پڻ نرا بلبل بوءِ ۾ بيحد خاص رڻ خوماريا. چوطرف چوڏاري،
هر جاءِ هيڪار آ وصل ويچار آ.

٣- الوداعي عاشق سان تو جاڻ ناهي جدائي - آءٌ ساريان سدائين،
همدرد تي هوت اسان سان ويتر ڪرڻ ودائي ڪرڪا وفائي،
اصل اقرار آ وصل ويچار آ.

Gul Hayat Institute

٤- شاهه ولايت شيدا آهي درسن لئهُ دلبر ماهِ منور،
واڳ وسالي واري ورڻهَ وهندي ڪر واهر سار لهج سرور،
سڪ سرشار آ وصل ويچار آ.

## ڪافي روپ پيلو

منهنجي منٿ محيين منٺار.

(١) پير اسان جي آگڻ تي پايئن. نينهن وري جي نئون ڪري لائين
سونهن پريا سردار.

(٢) جتي يل هجين شل جواني مايئن. موهيءَ من کي هن وقت هانئي،
ديدن سان دلدار.

(٣) روز ازل کان روح جو رايو. سڪ وارن جو تيو لايو سجايو،
وسونه هوندن وار.

(٤) شاه ولايت سان سدائين. هج هميشه گهوري جدائي،
گهوٽ اسان وٽ گهار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

مٺنون عشق ڪيتا آباد مٺن پرجوش هويا هويا،
ڪيتا عشق اهو ارشاد هم آغوش هويا هويا.

(١) ڪارڻ ڪسب ڪماوڻ والي. ڪسرت ڪنون آزاد،
خرقحا پوش هويا هويا.

(٢) رهبر سيڻن نياوڻ والي. دلبر ڪيتا دلشاد،
مٺن باهوش هويا هويا.

(٣) جاوداني جام پليندا . مٺخانني مهتاب،
نوشان نوش هويا هويا.

Gul Hayat Institute

(٤) هوسين شاه ولايت سرتي . سيڻن والا ناد،
دوشان دوش هويا هويا.

## ڪافي روپ پيلو

مونکي عشق ڪيو اظهار،
اوهين چوتا ڏيو ميار.

(۱) عشق اسان ڏي آيو سدائين،
جنهن ڪيو باغ بهار.

(۲) عشق بنا افراد اجايو،
پتڪڙ آ بيڪار.

(۳) عشق اسان جو آهي عوشاقي
جنهن ڪيو هار سينگار.

(۴) عشق اسان سان ڪئي آپلائي
جنهن نانگو ڪيو نروار.

Gul Hayat Institute

(۵) عشق جي خبر ڪهڙي اوهانکي،
مون تي آيو برهه جو بار.

(۶) شاهه ولايت آهي سدائين
دم دم جو ديدار.

## ڪافي روپ پيلو

موکي دلبر نا ڪيو ڌار. جو تا ايذا ڏيو آزار.

(۱) راتيان ڏينهان تنهنجي سهڻا. پرين اٿم پچار.

(۲) موهن تا مشتاق تنهنجي ڪي. سهڻ تنهنجا سينگار.

(۳) کهڙا ڪيا هُنيءَ سهڻا سائين. عاشق سان اقرار.

(۴) جهڙو تهڙ تنهنجو آهيان. محب متا منتار.

Gul Hayat Institute

(۵) سورن ساري جان جلائي. ڏکن ڪيا هن ڌار.

(۶) شاهه ولايت سان ڪرنه جدائي. دلربا دلدار.

## ڪافي روپ پيلو

محبت تنھنجيءَ جي مٺا. ڳالھ مونکان نٿي وسري،
سوزِ درد آهَ سيني مان سدائين ٿي نڪري.

١- جاڪون ڪري ويٺن يارجدائي. تاڪون رڙي ٿي دل ويچاري،
سورن منھنجي جان ساڙي. باھ برھ جي ٿي ٻري.

٢- فراق تنھنجي ڪيو آ فاني. درد تنھنجي ڪئي دل ديواني،
زھر ٿيا ٿان زندگاني. ڳاراٽ ۾ دل گھري.

٣- راتيان ڏينھان تات تنھنجي. وائي سڄڻ آوات تنھنجي،
سڪڙي سوائي آبات تنھنجي. ساعت توريءَ ڪانه سري.

٤- شاھ ولايت ڏي آڙ سڄڻا. محب منھنجا من موھڻا،
ڏس اچي ھي حال ھيڻا. انتظاري ٿي دل ڪري.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

منهنجو مَنُ ته موهيو منٺار. عجب اسرار محب منٺار،
مٺل منهنجو مَنُ ته موهيو منٺار.

(۱) دلبر ديد سان ديد ملائي. رهبر رمز سان رمز رلائي،
چشمن واري چوٽ چلائي. چئو طرف چوڌار.

(۲) نوڪ نظر جي نرت نرالي. سيف ابرجا خنجر خالي،
نيزا ننن تيغ مثالي. عينن سان اظهار.

(۳) حسن حقيقي هوش گنوايو. پيار پيچ پريت جو پايو،
پرينءَ پنهنجو پاڻ پسايو. نرمل نيڻن نار.

(۴) شاهه ولايت شوق نچائي. پتنگ ڪيو پروان پچائي،
محبت محڪم موج مچائي. عاشق ٿيو اظهار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ آسا

مَنِ تہ مَنِ تہ منھنجي مَنِ تہ مَنِ تہ۔ منھنجي مَنِ تہ منٿ منار،
سڄڻ سائيڻ مَنِ تہ منٿ منار۔ هيڏي هڪوار ٻرين تہ نھار،

١۔ بيرنگ وارو بيڪ بنائي۔ پرين پردو ويئين پائي،
نيٽن وارو نينھڙو لائي۔ نڪري ٿئي نروار.

٢۔ خلق الآدم صورت ساري۔ درسن تنھنجي دلڙي ڏاتاري،
پاڪ تنھنجي آپريت پياري۔ عشق الاهي آر.

٣۔ ابرو سيف صفا صمصامي۔ قوس ڪمان قاتل ڪم ڪامي،
تير تفنگي تيار تمامي۔ سدا سيني ڪان پار.

٤۔ جوڙ جسو تو جادو لائي۔ شاهہ ولايت ڪي سيبائي،
سانديان تو ڪي ساهہ ۾ ساهي۔ آءُ گلو تون هار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي.

مون کي مون پرين جا پلپل پُور پون الا،
هاڙهي هوت پنهل جا دونهان درد دکن الا.

(١) سنجهي سات ڪيٺي ويا - قطاري ڪرهن الا.

(٢) ڪاهي رسيا ڪيچ کي - اوني مان اچن الا.

(٣) هتنئو هليس هيڪلي - هاڙهي هوت ملن الا.

(٤) ڪيچي قرب ڪري شل - پرچي پنهنجو ڪن الا.

(٥) ملندا مون مسڪين سان - وري وندر وٽن الا.

(٦) آيل آديسين جي - ساڙي آهيان سُورن الا.

(٧) وچان مشام ولايت - ڪهي ڪيچ ڏٺين الا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پهاڙي

مٺ جي منخاني مان پياريو، پيالو ساقي شراب جلدي،
پُر پيٽ سان پريم ٿيو پيدا نينهن نشو ٿيو نواب جلدي.

۱. نينهن اڳي نروار هو پيگ ڪيو ويتر پڌر،
لوڪ ڪان لڄ ناتئي ٿي نينهن هٽايو نقاب جلدي.

۲. برهه ۾ بدنام ٿي پريت مان پنندا وتئون،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳيت ڳائي توکي ڏسڻ آ ثواب جلدي.

۳. عشق جي امداد ۾ موجان ونئون لک مرتبا،
ڏک سدائين ڏاج ٿيڙا آيا اوهان ڏنهن عذاب جلدي.

۴. عشق احديت سندو رڳ رڳ ۾ رلجي ويو،
شاهه ولايت شوق ۾ شامل ٿيڙو شتاب جلدي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي در شان مرشد روپ پهاڙي.

منهنجا موت هنباهي تنهنجو نوري نظارو

لڄپال فقير جو تون آن پنهل پيارو.

۱- شهر هنباهه پرڪاهي. حق جو هُل هلائي. گيت اناالحق ڳائي،

صوفي مست بنائي. عشق تنهنجي جو اول آخر نعرو.

۲- فالم فوج فقر فيض درياهي. واحد وجه الاهي. پيد بقا باللّٰهي،

اعليٰ مسند شاهي. آهي اڪمل اوتارو.

۳- سرتاج شاهان تون. عارف بالله مطلوب مستان تون. بحر بي پايان تون

قلزم بي ڪران تون تنهنجو ناهي ڪنارو.

۴- دوله تون داتا آهين. يتيمن جو آقا آهين. سارا جڳ منگتا تون رازق راجا آهين

تون خاوند خواجه آهين. تون يتيمن سهارو.

۵- تنهنجو سگِ دَرُ جو آهي. شير کان برتر آهي. تنهنجو گدا اگر آهي،

سڪندر برابر آهي. جهولي هي پُر ڪري ڏيارو دان ڏ بارو.

۶- نسل شاهِ جيلاني تون. محبوب سبحاني تون. قطب رباني تون،

پڳدار سيران تون. سراج السلطان تون سخي سيد سويارو.

۷- مدامي مدعا آهي. تو در صدا آهي. بحر خدا آهي،

عرض استدعا آهي تو در گدا آهي پنڻهارو.

۸- تو در سوالي سائل. وڃي ڪونه خالي سائل. ڪرين مالا مالي سائل

منگتو موالي سائل ولايت شاه جا والي واصل ورائيندي وارو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

منهنجي دلبر دل ستو سانا،
تنهنجي ڏسڻ جي لئہ راهون روز نهاريان ٿو.

(١) پڪ پسڻ جي آ پوري دم دم ۾،
ساريان نڪي ورد وساريان ٿو.

(٢) تنهنجي طلب تشنگي آتن من ۾ تارون،
پلپل مان پوڪاريان ٿو.

(٣) مل محب اچي موشان سال ٿيا سڪندي،
غم گوندر ۾ گهاريان ٿو.

(٤) سڪ شاه ولايت کي اچڻ اوهان جي لئہ،
ڪيئي ڪانگ اڏاريان ٿو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

محب مٺا مٺار يار - دل ٿو سان اڙي وئي.

١- راتيان ڏينهان آهون ڪيان ٿو - آءُ دانهن سُڻي دلدار.

٢- هاڻ هيئن تون ويهو نه وساري - آءُ قرب ڪري قربدار.

٣- آءُ هلي هڪوار اڱڻ تون - سر صدق ڪيان سؤ وار.

٤- جاڪون ڪري وئين يار جدائي - ماريو آ مونکي مونجهار.

٥- سهڻي صورت يار سڄڻ جي خوني نيڻ خمار.

٦- شاه ولايت جي دل موهي - پرينءَ سندي نه پيار.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

منٿڙن مارن جا پلپل پُورپون. پلپل پورپون سارپون نيڻ سڪن.

١. درد منجهاريُون ڪريان دانهون. روز نهاريان ننهنجيو راهون،
اوڀي مان اچن واري واڳ وطن.

٢. مارن لئه مِت آهيان ماندي. بيوس بيڪس بند ۾ باندي،
آهيان قابو ڪونڪاتيان ڪڙيون قيدن.

٣. مارو منهنجا مور نماڻا. سانگي ستايل وتن ڪوماڻان،
پسان پاڻ پيٽن پڪا پيرون پڇن.

٤. پٽ جون پوشاڪون ڪيئن مان پايان. لوئي اباڻي ڪيئن لڄايان،
سرتيون سهمان ڏين مارو مهڻا سهن.

Gul Hayat Institute

٥. شاه ولايت شال وڃان مون. پيروڙ ڏانهن ڪيئن پڇان مون،
وڃان ديس امن پٽ پاڙيان پيڪن.

## ڪافي روپ پيروي

موٽکي مارو سنپار ڀيندا هوندا،
اِجهي اوني اباڻان ايندا منهنجا مارو مٺا.

(١) پنهنجي مارن بنا هٿ ماندي آهيان،
ڪنهن امر لکتي هٿ آندي آهيان،
پکا پيرون پڇن پيچي ڏار ڏوٺن،
اهي ڏوٺي ڏاڏاڻا ڏيندا.

(٢) منهنجا مارو نماڻان ڪوماڻا وتن،
ويڙهيچا ويڙهن ۾ ويڳاڻا وتن،
پيچي قيد ڪڙي گهاريان هڪ نه گهڙي،
ڪيئي ڏينهن ڏتي مون ڏيندا.

(٣) ڪيئن پوشاڪ پٽ جي پايان عمر،
ڪيئن لوٽي اباڻي لجايان عمر،
سرتيون سهمان ڏين مارو مهڻا سهن،
شل لوڙهه لتي مون ويندا.

(٤) ولايت شاهه ويڙهيچن ڏي ويندي ورِي،
موتي ماڳن تي ملنديس ورِي،
وڃان ديس امن پٽ پاڙيان پيڪن،
هيءَ سام سنپاري نيندا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

منھنجي ديدن دلڙي گھائي - درسن سان دلبر آھي،
رکي محبت مام ملائي درسن سان دلبر آھي.

۱- اکڙيون عجائب عزم رکن - موھي مستانن کي مست ڪرن،
چالي چشم سڄڻ چمڪائي.

۲- نئن خوماري نيم خوابي - شوق سان شوريل شورشرابي،
ڏادي عشق جي آتش لائي.

۳- نت نت ناتي نينھن نظاري - ابرن واري الٽ اشاري،
جانب جيءَ ۾ جوت جاڳائي.

Gul Hayat Institute

۴- شاھ ولايت سان نينھن لائي - محبت مخفي مام ملائي،
ھڪ ثابت صاف سچائي.

# ڪافي روپ پيروي

مل اچي محب ميهار ميهر يار لڙهندي اچان ٿي.

١. سهڻي کي سير ۾ سنڌ ڏي ساهڙ ڪامل ڪج واهار.

٢. ڪُمين ڪچُوڻ واڳن ونگيو مٿريا مڇ هزار.

٣. ڇنگهه جرڪي جي وات ۾ آهي سسي کي سيسار.

٤. لهرن لوڙهي کيو لهواريو ڪرڙ ڪيا ڪُنَ ڦهار.

٥. ڪچو ڪيٽي ڪچ ۾ گهير ڪان گهريس توڪل تو آهار.

٦. محب ميثاقي منهنجا ميهر آهيان تو آڌار.

٧. شاه ولايت پار پچايئن سائين ٿي سردار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

مهابي عشق جي ساقي مونکي شراب ملي،
جياري دل کي اگر سو حياتِ آب ملي.

١. مُنڪش مدام مۂ جي سڪ سرڪ جو سوالي،
مخمور مۂ موالي خالص خوبان خطاب ملي.

٢. مريض عشق جو آهيان پرجام جو پياسي،
صد بار صحت ساسي شاهان شتاب ملي.

٣. ناگاه نينهن پرتيس نت نرواز نظاري،
پٽمان جي پساري پربحر بي حساب ملي.

٤. بينم بدست ساغر از فيض درياه شاه،
درپيش عرش ما فياضي فيضماب ملي.

٥. مستم اميد وارم درگاه شاهِ جيلاني،
بخشد راز پنهان آقا عالي جناب ملي.

٦. پيالو پريمي پياري ڪرنوش مۂ مدامي،
الحشق جي انعامي شاهي شوق شتاب ملي.

٧. سائل سوين سکن ٿا گداگر شاه ولايت،
بخشش برهِ بشارت سان بيخوديءَ جو باب ملي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

مونکي پلپل پرينءَ جا پُور پون. ساڃيون سڄڻ سندا تا سُور وڃن.

١. ڪري ڏارڏاري ڇني سنگت ساري. ڪاهي ڪرها هليا ڪري ڪيچ تياري،
پيٽي پنڌ ڙا پيچان لونءَ لونءَ ۾ لچان- آهي آس اها ايند مجار آري،
دونهان درد فيراق جا دل ۾ دکن.

٢. سنجهي سات ڪيئي چنڊي هڪڙي جٽي. ڪاهي ڪيچ رسيا وڃي ڪيچ ڏٽي،
وندر وڃٽو پيو لوءِ لڏٽو پيو. هيٽو حال ڪيو آهي هجر هٽي،
مچ محبت جا تا من ۾ مچن.

٣. اچي رُيَح ۾ رَمَڪ ويو ولهيءَ جو وس. ڪونه ڏير ڏٽي ويا ڏُکيءَ کي ڏس،
ڏک ڏونگر ڏوريان ڪنهن سان حال اوريان. مونکي برهه ڪيٽي ڪيو آهي بيوس،
منهنجا پرينءَ پسڻ لاءِ تا نيڻ سِڪن.

٤. سجهن سختيون سُڃان راڻو روح رڃان. هتي ڪين رهان ڪيهي ڪيچ وڃان،
شاهه ولايت شال ٿيندو وصل وصال. اهي آهن اندر ۾ اميدان اڃان،
ايندو ياڻ پنهل پيهي منهنجي پکن.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

موں عيب اپار يار. پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي يار.

۱. معاف ڪيو سڀ منهنجو مدايون. محب مٺا مٺار يار.

۲. جهڙي تهڙي آهيان اوهان جي. دلبر نا ڪر ڌار يار.

۳. اول آخر آهي مون کي. ساهه پساهه ۾ سار يار.

۴. موتن ڏانهن نه هيڪڙو. مون ڏي حرف هزار يار.

۵. مون نماڻي عيبن هاڻي. آهيان تو آڌار يار.

۶. دم دم وحدت ساڻ وجهي ٿي. طلب تنهنجي جي تار يار.

۷. بخش ڏيڻ منهنجيون خطائون. صاحب رب ستار يار.

۸. آءِ علي تون هادي سائين. همت ڏي هڪ وار يار.

۹. فيض جا درياهه فياضي. مغان تون مهندار يار.

۱۰. شاهه ولايت شال تون ايندين. دوست پرين دلدار يار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

مارڻ لئہ منھنجي پرين سھڻي صنم سينگار ڪيو مست منارڪيو،
سينگاري صاف صورت مٺي من موھڻي مورت وصل واپار ڪيو.

١. اکڙين اشاري آرسان عاشق عريان ڪيا،
نت نيڻن جي نوڪ سان تيزي نيشان ڪيا،
ابرو تلوار ڪيٽي خود خوني خنجر ھڻي ھڪ وار ڪيو.

٢. نظاري نيڻن جي نازڪ نھوڙي آيو،
پريمي پيار جو پيچ پيوند پڄي آ ويو،
رڪي رمز رنگي ڪري جلوه جنگي چشم چمڪار ڪيو.

٣. پيڪان پنبڻ جا پري پئمال پدرم ڪري،
تيرانداز ي اندر نظر نيشان ڪري،
سئق ابرن جا سني ڏاڙو ھڻي دل کي لني شيدا شڪار ڪيو.

٤. ماري مشتاق ڪيئي ڪرن ڪيئن زور ظلم،
روا ڪن جور و جفا سوز وارن تي ستم،
ولايت شاھ توڙي گداءِ تي مژگانن مار ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

مونکي جيجل جا دوگر جوڳي - ويراڳي ويا منتر منڊ چلائي.

١- جوڳي جيءَ ۾ جوت جاڳائي - لنو لاهوتي ويا لائي،
مونکي معلوم ڪري نا ماڳ ڏيئي ويراڳ ويا برهه بڇائي.

٢- جوڳي گاروڙي گرناري - لعل لانگوٽيا لٽڏاري،
اهي عاشق انگ ڀڀوت صدق ثابوت ڪنڊل ڪن پائي.

٣- جوڳي سامي سنت سنياسي - گرگيان گگن جا غواسي،
آڪاش اڏاري خيال پيهي پاتال مان پاڻ پسائي.

٤- جوڳي وره جي ونجهلي وڄائي - ڏن دم جي ڏوم مچائي،
من مرليءَ ڪيو مستان - ڪري حيران هي سر سمجهائي.

٥- جوڳي سرت نرت سيڪاري - هليا پورب پار پوڪاري،
پيئي تن جا پڇايان پار - سناسن سڻيم وطن واجهائي.

٦- جوڳي وکر وهاڻ وارا - وير وحدت جا وڻجارا،
ڪري واقف ولايت شاهه راندائي راهه سان رمز رلائي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

موٺسان مل ساٺول سدا جيوين ساٺول،
آهي موسم وصل منھنجي چاهي ٿي دل.

۱- تنھنجي مڪڙي نظر ڪيا ڪيڏا اثر،
زلف خم خم وجھن ونگ ويٽر،
ڪيا قيد ڪامل انهيءَ قفس ۾ ڪُل.

۲- تنھنجي نيڻن نازڪ ڪُٺا ڪيئي عاشق،
شوق وارا ٿيا شهيد شائق،
انهيءَ ڪهري ڪجل ڪيا ڪيئي قتل.

۳- اڄ منھنجي اڱڻ ٺاهيان سيج سڄڻ،
جايون جيءَ ۾ ڏيان، اکڙين ۾ ويهڻ،
رهه اسان سان اصل ڪري شاهي شغل.

۴- مريضن مرهم ڪجو پاڻ صنم،
دردِ هجر ڪيو آهي دل کي زخم،
ڪيو دارون درمل آهيان فراقي قتيل.

۵- آئي موسمِ بهار ڪڙيا گل گلزار،
هر جاءِ حُسن جا هُليا هيڪار،
تون آن گلشن گل- مون آهيان بلبل.

۶- ڪيئي ولايت شاه تنھنجي نوازيا نگاه،
تو تان صدقي ڪيان سڄڻ ساهه ۽ پساهه،
آهي آخر اول منھنجو توسان وصل.

Gul Hayat Institute

## مداح روپ پيروي

محيي الـدين ميران - ميٺ تڪـسيران،
ڪج احساني شاھِ جيلاني .

(١) پرور جا پيارا پڳدار پيران- محبوب منور ماھِ منيران،
دادرس دائم داور دلگيران- دل درسند ديواني.

(٢) ياور ياڪي يار يتيمن - گوش بگفتہ غور غريبن،
مهندار مولى معرفت مسڪينن - محبوب سبحاني.

(٣) مالڪ مملڪت مُعلىٰ مسند- خاص خاص خدائي خلقِ خاوند،
اولاد علي آھين آل احمد- قادر قطب رباني .

(٤) اڪمل اطهر افسر اعلىٰ- برحق بهتر برسر بالىٰ،
نازل نظارا نرمل نيارا- نظر نگاھ نوراني.

(٥) آڌار اڙين اصلئون تون آھين - انگشت اشاري سان عرشين اڏائين،
رهبر راست راھ رچائين - غوث اعظم صمداني .

(٦) سرور سلطان سلطنت ساري - ڪائنات قدرت منجھ مختياري،
احڪام ايزدي آختياري- فيض فهم فرقاني .

(٧) فيض مهابي فائض فياضت- شفقت شافي شاھ ولايت
بخشش بَهرو برھ بشارت- شوق شاهاني شاھ جيلاني.

Gul Hayat Institute

هي ٻول ٻگن سائينءَ جي شادي وقت چيل آ روپ پيروي.

مبارڪ صد مبارڪ اڄ بزم برسي بهاري آ،
حسن هيڪار ٿيو هر جاءِ ڪلي خوشبوءِ خماري آ.

(١) شڪر شغلات سان شادي. مبارڪ ملڪ منادي
سينگاريا ٺون گهوٽ جي گادي. تازي تهدل تياري آ.

(٢) عراقي عرب ايراني. ڪابل ڪشمير ڪرماني،
بخارو بلخ جيلاني. سلامي سنڌ ساري آ.

(٣) ماهيون موج سان محفل. رنداني راز سان رلمل،
بقا باقي بحق بلڪل. برهه جي ٿي بيداري آ.

(٤) ڪلنگي تاج سر سهرا. رُوءِ زيبا ڪليا چهرا
داتا دردان ڏيو دُهرا. سائل درتي بيڪاري آ.

(٥) سجادءِ نشين ٻگن بادشاهه. رهي برپا دائم درگاهه،
ربوبي رمز روشن راهه. تحقيقي تاجداري آ.

(٦) فقراءِ فيض درياهي. هادي حضرت آ هنباهي،
عطائت عشق الاهي. مغان مرسل مهنداري آ.

(٧) شاغل شوقت شجاعت جو. همت هر دم حمايت جو،
واصل شاهه ولايت جو. فياضي فيض جاري آ.

Gul Hayat Institute

## مداح روپ پيروي.

منا محبوب سبحاني شهنشاه شاه جيلاني،
داتا دستگيرن جو آهين دستگير تون.

١- در تي جو سوالي آيو. ڪنهن ڪونه خالي آيو. تي مالا مالي آيو،
پياسي پُرباش بنايو. دُهرا دان ڏيوايو. وارث ولهن جو وِير تون.

٢- اڙين جي آڌار آهين. ولهن جي واهر آهين. پير تون قادر آهين،
ياري ڪريا ورتيمن. ڪرين تون غور غريبن. داتا دلجاءِ ڏيوين دلدير تون.

٣- غم گيلاني ڪيتو. واهه ولهيءَ جي پتيو. من جا مونجهارا منتيو،
خوشي تنهنجي حاصل مونکي. بشارت واصل مونکي. داتا ڪندون پيارين ڪير تون.

٤- ڪن ۾ آهي ٻيڙو. گردش ڪيو گهيرو. پهچ پير پايو پيرو،
پلڪ ۾ پار پچاوين. امن وامان رسائين. داتا سالم ڏي ساهه سڌير تون.

٥- حاسد سڀ هاري. ڪرڪُڍ ڪلا ماري. پنهنجي طالب کي تاري،
تاري تارمان تاريُءَ. هادي تون هتڙ اَڏيءَ. داتا پار پچائين پير تون.

٦- من جي مدعا آهي. تو در سدا آهي. مطلب مداحي آهي،
سائل هي آهي ثناگر. تنهنجي آدرتي گداگر. داتا خدائي خزاني جو وزير تون.

٧- خاقص هي آهي نيازي. بنايو بگڙيل بازي. عاجزن جي آهي آزي،
والي تون ولايت تنهنجو آ فيض فياضت. داتا فيض درياهه فقير تون.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

مارن سان مونکي ملاءِ دمر دير نه لاءِ نه ايندو سڪاءِ.

١- ڪوٺن ۾ قيد ڪري ماندي ٿي مفت مري،
پُور پلپل پون من مارو اچن،
مونسان ملن صاحب نه سانگي سَتاءِ،
لڙ تُورو هي لاءِ عرض اگهاءِ.

٢- اوتي اباڻا ايندا ورتيون مون نال نيندا،
او ڏهن اکڙيون ڏسن نت نيڻ سِڪن،
آهيان قابو ڪوٽن پڪڙا پنهوارن پساءِ،
مون ملهير پڄاءِ نه لوئي لڄاءِ.

٣- مارن لاءِ ماندي آهيان قسمت ڪنهن آندي آهيان،
پسان ياڻ پَٽن پڪا پيرون پچن،
ڪاٺون ڪاڄ ڪنيين ڏاها نه ڏوتي ڏڪاءِ،
نه ايندو ايذاءِ نه جيئڙو جڪاءِ.

٤- ولايت شاهه ويڙهيچين وحان قيد نه جون ڪڙيون پچان،
موڪان مينهن وسن سايون سبزيون ڦٽن،
ٿيون بحاريون برن ويران ويڙها وساءِ،
امانت پڄاءِ سرتيون سرچاءِ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

من موهن موهي منهنجو مستانو ڪيو تو،
دل ڙي ڦري دلبر مونکي ديوانو ڪيو تو.

(١) العشق ڏئي اشارو مچ محبت جو مچائي،
شيدا شمع تي شائق پروانو ڪيو تو.

(٢) ديدان ملائي ديد سان خود خيال کي کولي،
سڪ سوز جو سيني اندر آستانو ڪيو تو.

(٣) اظهار ڪري عدم کان ڪُئي نامور نينهن ۾،
عاشق ازل عبد کان عريانو ڪيو تو.

Gul Hayat Institute

(٤) شاهه ولايت سان پرين واعدو ڪري وصل جو،
همدرد تي هر حال ۾ حيرانو ڪيو تو.

## ڪافي روپ پيروي

منهنجا مارو ملڪ ملهير. هت قيد ڪيو تقدير.

١. قسمت قيد ڪيو ڪوٽن ۾. سانگي سڪيا رهن پٽن ۾،
آهي تنهن جي اُڪير.

٢. مونکي مران مارن لاءِ ماندي. بيوس بيڪس بند ۾ باندي،
ڪاٽ جُسي جا زنجير.

٣. ايندم اوڏا نهون اوني ابا ٺا. ورق وڇوڙي جا وري ورانا،
نيٽين وهايان ٿي نير.

٤. پڪا پنهوارن پسان پٽن تي. ويندس وري وڃڙيچين وطن تي،
مونکي امانءُ امير.

٥. ماروئڙن سان ملندم شال. لاڪي لوئي لاهوتي لعل،
آهي مرڪ اسان جو مير.

٦. پڪا پسيون پيهي پسان مون. ڏو ٿي ڏاڏا ٽا ڏيهي ڏسان مون،
ٿيندم ساهه سُڌ پير.

٧. شاهه ولايت هيءَ جا امانت. سچ ست سارو سير سلامت،
پردو رکجان پير.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

مل مونسان صنم تو ڪي دل جا ڏنم سا ياد رکجانءِ،
ڇر يولوڪ ڇوي ٿي ڇا ٻه پوي تہ ٻہ تون نہ وڃجانءِ.

۱. تنهنجي تارتيگان نہ ٻي تات اٿم. سندءِ سارسڄي ڏينهن رات اٿم،
ڪيڇي قرب ڪري پنهنجا پيرپري. پرين پاڻ اڇجانءِ.

۲. نشانبرتي سينهن ناتو لائين تون مونسان. اول آخر تو ٽِنيائين تون مونسان،
ڦري دنيا وڃي ڇا عقبیٰ وڃي. هڪ توُن نہ وڃجانءِ.

۳. مقصود نڪو آهي توکان سواءِ. لامقصود رهان مقصد نا روا،
فردوس ارم محبت آسندم. محبوب ملجانءِ.

۴. عاشق سان اگر ميلاپ ڪيو. درسن جي دوا سان جياپ ڪيو،
حسرت نہ رهي طاقت نہ رهي. هلي همت ڏ جانءِ.

۵. ٿي شاه ولايت سان شامل. آهيان مهر و وفاجومان سائل،
پرين وڃ نہ پري جايون جيءُ ۾ ڪري. هميشہ رهجانءِ.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

منهنجو يار مونسان وفادار آهي،

ڏنم دل مون جنهن کي سو دلدار آهي.

١- گوليم تي جنهن لئه مستيون ۾ مندر سو صاحب سچا تم پنهنجو پاڻ اندر،

سيني ۾ سمايل سو سردار آهي.

٢- صفاتي صورت ۾ ڪري سانگ سعيو- سياري جو ساجن رکي پاڻ رايو،

آدم اسم ۾ هو اظهار آهي.

٣- روپوش رنگين لکين روپ نالا- مثل بي مثالي آهن بي مثالا،

وسيتي آ ويجهي نه دشوار آهي.

٤- ڏسان ڏور چومان سر کي سچاڻان- پرين پاڻ ۾ آ اهو جاڻ جاڻان،

درسينا ديهي ۾ ديدار آهي.

٥- ڪٿي پاڻ طالب هو مطلوب آهي- ڪٿي عشق عاشق هو محبوب آهي،

مظهر ۾ موجود منٺار آهي.

٦- همدم هادي هڪڙو ئي حاضر- نرمل نشانئ آ ناياب ناظر،

واعدي وٽن جو اقرار آهي.

٧- والي ولايت چنڊي تاج شاهي- عبد جي اولي ۾ بٹجي سپاهي،

لائي سينهن ناتو ٿيو نروار آهي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

مون پنهنجي مارڻ لئہ ڪياويس ڪارا
وهن ٿا سدائين نيڻن مان نيسارا.

(١) ڪوٺن منجهہ قابو ڪيو قيد قسمت،
مٿن تن مارن تي وسي روز رحمت،
گهران لک دعائون دردئون هزارا.

(٢) دکي درد دل ۾ دونهون روز دم دم،
محبوبن جو من ۾ مدامي آ ماتم،
اکين مان امالک وهن نيڻ نارا.

(٣) قتل لاءِ کوڙيا ڪنڌي سر ڏنائون،
ٻهارن ۾ بلڪل خوشيءَ سان ڪليائون،
رضا منجهہ راضي سوئي سوارا.

(٤) اهي ڏينهن ٿيندا مارو پاڻ ايندا،
دلاسا دکيءَ کي اچي دوست ڏيندا،
ورتيون نال سيندا ولايت شاهہ پيارا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

منھنجي مارن جي ڏيو خبر ڪري
سڌ سورن جي لھندا ڪڏھن وري.

۱. اوھان خبر ڪري ڪا آندي آ،
منھنجي مارن لئہ دل ماندي آ،
ويتر بيوس بندہ باندي آ،
اڃي ڪڏھن ڪو ليندا دل جي دري.

۲. قاصد قرب ڪري مونسان ڳالھ ڪيو،
ڇا منھنجي مارن مون لاءِ چيو،
ھن ڏوھ ڏکي آ ڪھڙو ڪيو،
پلا پال ڪري لاھيو ڀُلَ جي ڀري.

۳. شاہ ولايت شال ڏسان،
مارن ماڻو ڪيو تن کي پاڻ پسان،
ناحق ننيلن ۾ تي ھاڻي نسان،
منھنجي مارن بنيا اصلي ڪانہ سري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

مون کي محب جھڙو آيو ڪو نہ نظر،
ڳوليان ڳوٺ ڳليون توڙي ملڪ شھر.

١- اھڙو ھلڻ نہ ڪنھن جو حال ڏٺم،
نڪا ٻڌڻ پري ڪنھن جي ڳالھ ٻڌم،
نڪو خاص خوماري خيال ڏٺم،
توڙي پيگ پيئي ڪو بيحد بحر.

٢- نڪو اھڙو ڪو درويش ڏٺم،
نڪو اھڙو ڪنھن جو ويس ڏٺم،
نڪا دل جي ديا آديس ڏٺم،
جھڙي محب ڪئي آمون تي مھر.

٣- نڪا اھڙي ڪنھن جي اوج ڏٺم،
نڪا اھڙي حسن جي فوج ڏٺم،
جھڙي فيض درياھي موج ڏٺم،
اھڙي سمنڊ ندي وھندي ڪانہ لھر.

٤- پيرِ مغان ڪئي آ ٻگن پلائي،
فيض درياھي موج ملائي،
شاھ ولايت تي سرھائي،
پري جام پيتون تا آب ڪوثر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

موتسان مل - موتسان مل،
موتسان مل - موتسان مل.

١- ملڻ منا آ معراج مثل،
واھ وحدت وارو وارو وصل،
نسل سچائج يار اصل.

٢- ساري سڄڻ توکي ساھ سدا،
فکر انهي ۾ ٿيو هان فدا،
خوف ناهي ڪو جاڻي خدا.

٣- ساعت سوا تنهنجي ڪانسري
پلڪ پيارا ٿي نه پري،
ملڻ لاءِ مسافر مفت مري.

٤- شاھ ولايت شاهي چڏي
پاڙ گوندر ۾ ويٺو گوڏو گڏي
سڪ منجهان سهڻا توکي سڏي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

مست مدام ڪيو آمن کي،
صورت سر سبحاني.

١. هر جا صورت يار سڄڻ جي،
هر هنڌ آ حيراني.

٢. فيض درياهي فيض مليوسي،
فڪر ٿيوسي فاني.

٣. بگن مون سان ڪئي آيلائي
صابر مرد سبحاني.

٤. شاهه ولايت حاصل ٿيڙء،
جنهن جي هئي حيراني.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيرُوي

منھنجو پنھل ونئي ويا ڏورپري،
ويا ننڌ رنائي کي بيمار ڪري.

(١)- ڏيرن موسان ڏاڍ جو ڪيڙو،
ورڙو ونئي موتڪان ڏار جو ڪيڙو،
مون پي کھڙو تنين جو ڏوھ جو ڪيڙو،
منھنجي سنگت چيني ويا ويران ڪري.

(٢)- شھر سيپور ڇيڏ يندي ميس مان،
پنھنجي پنھل لاءِ پوڪاريندس مان،
تن لاءِ راتيان ڏينھان وڙينڌس مان،
منھنجي ساعت تن رِيءَ ڪانه سَري.

(٣)- پنھل پنھنجي جي مان گولي آھيان،
غمن ڪان وار واندي ناھيان،
چوسورن ڪاٽ مان جائي آھيان،
مون کي مونجھ ڏئي ويا بيقرار ڪري.

(٤)- شاھ ولايت تي نہ توڻ ماندو،
تو کي پنھل پرين اچي پنھنجو ڪندو،
مولا اھو ڏھاڙو شال ڪندو،
جنھن جي ڏئي دلڙي قرار ڪري.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

مٺڙا رات هڪ رهي وڃ،
مان نہ ويندو ڪانگ اڏايان.

١- جاڪون ڪري وئين يار جدائي ڪانہ وٺي ٿي پي ڪا وائي،
سڪ سيني ۾ سور سدائين آب اکين مان وهايان.

٢- وائي سچڻ آهي وات اوهان جي. راتيان ڏينهان تات اوهان جي
مونکي مٺي آذات اوهان جي. دايو در جو آهيان.

٣- آهي اعلىٰ شان اوهان جو. نينهن نسنگ نيشان اوهان جو
سچ صفائي سامان اسان جو. ساري ملڪ جو مالڪ آهيان.

٤- مليو شاهہ ولايت وارو. جنهن وڃايو نينهن نغارو،
ملڪ ميليائين پنهنجو سارو. ٺورو مُور نہ لاهيان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تلنگ

مٺا محب مونکان ڪرين ڇو ڪنارا،
نوان نوان تنهنجا نکٽ ناز وارا.

۱. تنهنجا وار وَرَ وَرَ وانگر وسيهر،
سياه ڪيس ڪاڪل ڪيٽي ڪرڪاريهر،
ڏوريُون ڏنگن تا ڇڙي نانگ ڪارا.

۲. ڪري محب ماٽا مشتاق مارين،
ڪيٽي تيغ ابرو اچانڪ اولارين،
ڪر قياس ڪوئي اي کهڻ وارا.

۳. روح کي ريجهايو آ رفتار تنهنجي،
شيرين شڪرلب گفتار تنهنجي،
مارين تا مونکي اکين جا اشارا.

۴. موهيو آ مونکي من موهڻي مورت،
ثابت سچا تم تنهنجي صاف صورت،
نوکي ڏنم دل دلبر دلارا.

۵. وصل ولايت شاه ملي مدامي،
سوين آهن سهڻا تنهنجا سلامي،
نينهن ۾ نشانبر نرمل نظارا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

مين تيڏي پيچھے ہوئیاں نثار۔ کیتا کیڑی پیڑی کیوں تکرار.

١۔ تيڏي پا جھوں لوک نہ پاوین۔ مين خوش تيوان جي وت آوین،
ڀھوں تيوان ٻلهار.

٢۔ کڑم قبيلا چوڑيم سارا۔ تيڏي کيتي يار پيارا،
تيڏا عشق کيتم اظهار.

٣۔ ننگ نياوين نال رلاوین۔ اگے اساڈي ڦيرا پاوین،
هويا ازل کنون اقرار.

٤۔ عشق تيڏي مٹی آزاري۔ جيوين کيڙي لاون خواري،
تيوين عشق تيوي اظهار.

٥۔ جيڏيان جھٹکان ڏيون طعني۔ پاوندا سارا لوک بيگاني،
تئں بن دلبر يار.

٦۔ مٹں نفاٹي ناقص يارا ۔ صاحب ولايت شاه هزارا ،
لاکي نينهن کيتس سروار.

Gul Hayat Institute

## شبد هندي روپ پيروي .

مور مکٽ وارا منهنجا موهن. سڀ سکيون توکي سارن .

(۱). توبن گوکل بندرابن ۾ گايون ٿيون غم ۾ گذارن .

(۲). لال گوپالا تون رکوالا - نندريون توڏي نهارن .

(۳). روپ سندر ۾ توئي سمائين - يوگ تنهنجا پرمائن .

(۴). شِو مهراجا شيوا تنهنجي - پر تم پوڄا ئن .

(۵). سَوَسَکين سان روپ مٽائين - پريم سان دل پرپائن .

(۶). متّرا ۾ تنهنجو جنم ٿيوآ. گوکل ڪنيا ڏ يکارن .

(۷). شاه ولايت ڪرشن ڪنعيا. پريمي تا پلپل پوڪارن .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

مل ماهي مئنون تيوان باغ بهاروي،
عشق تيڏي دي آزاري الا.

١- سانول سانون چوڙنہ جاوين. اگن اساڏي ڦيرڙا پاوين،
آهي ساڏا ويڙها وساوين. صدق تيوان صدباري الا.

٢- هجر ڪيتا پهون مِن حال هئي هيٽا. سرتيون ڏيون جهٽڪان جهيٽان،
لوڪ ملامت ڏيندا مهٽا. ڏوجهي خلق خواري الا.

٣- فڪر تيڏي هڻ ڪيتا فراقي. يار يگانا رهندي ياڪي،
مئن نال تيسين ڪڏان ملاقي. تيڏي برهہ ڏتي هئي بيماري الا.

٤- نال تساڏي ينهرڙا لائيان. ياندڪي مين تيڏي پئيان،
حال اسان ڏا سڻ وي سئيان. چا گل لا هڪواري الا.

Gul Hayat Institute

٥- شاه ولايت چوڙڪي شاهي. تيڏي ڪيتي ڪر دا گدائي
ڪڏان وصل دي ملسي واڌائي. دوست ڏيوين دلداري الا.

## ڪافي درشانِ قلندر روپ پيري .

مٹں باندي بردي دردي منگندیان مھر نظر دي ،
مستومست قلندرلعل جھولي جھولي لعل جيئي جيئي لعل .

١- تئکون حوران سیندڑي لائي مِل مِل ڈیون واڈائي شادي تيڈي ھر سال.

٢- سرتاج کلنگي سھرا والفجر ويکا یاچھرا حق نور جمال جلال .

٣- تيڈي درتي سھسین سوالي ملنگ مست موالي دمردمرکیڈن ڈمال.

٤- درتي جوئي آوي مُول نہ خالي جاوي کردي مالا مال .

٥- میڈي دل دیان دل وچ آسان من دیان مرادان پاسان ڈیون خوشي غمزتال.

٦- ماوان کون ڈیوین پتران پیٹان کون وِیر ملا۔ سائل دا سٹ سوال .

٧- میڈي من دي آس پجاوین ساڈي اجڑي جھوک وساوین دا تا ننگي ننگ پال.

٨- تیڈي شادي مبارکبادي عرش چلي ھئي منادي تیڈا باخدا ھئي وصال.

٩- سرگس برصوفي گاوَن سب ساز سرود وجاون ھر تماشي تال .

١٠- ننگڑا نمائي دا پالین جھڑیان کوجھیان کملیان کالین توں ساڈا الج پال.

١١- تیڈا شاہ ولایت شائق ساري فیض فقر دا فائق. بخشین حال خیال.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پهاڙي

منڌڙي ميلاپ دي آئي سڌي سات سانوڻ رلمل مِل مِلُ اوسائين.

١. تن من تانگھ توڙانوُڻ تيڏي. تُرت تَتي ڪون تائي. عرش ڪنون اتّ آهي،
ويس وصل دا پهن پوشاڪان بن وچ بين بجاوي. موهن مرلي چا ئي،
رنگپو بڻ گئي راهي.

٢. چاق سڌا يس چاڪر چولي. چوچڪ درچا آئي. روپوش رنگينا پاوي،
سادي سانگي سهڻل سائين. جهوڪان جهنگل لاوي. ڦوڪ فراق سناوي،
ڏيندا ازل عبد اوگاهي.

٣. ونجهلي دي ويڙهي وس ساڏي ويڙهي. واعدا ولصوف والي مئون لکي هان تيڏي نالي،
نند رناقص نال نمائي بنهي نينهن نرالي. چتڪ چشم دي چالي،
ڪيتا تيڏي طلب تباهي.

Gul Hayat Institute

٤. ميمو دي مڪ وڪلاچي مست ڪيتائي مٿون سڪ سوزڏ تائي سانون،
سُڌ درد دي ساڏي ساري معلوم هويا تئون. ڪي حال سناوان ڪهنون،
چوڙي شاه ولايت شاهي.

# ڪافي روپ پهاڙي.

ميڏا ماهي من ڪون پاوندا. وه وه جي نينهن لاوندا!
ديوي درشن درس ڏکلاوي.

(۱). رانجهن جوڳي تخت هزاردا. ميڏا محسن نقش نگاردا،
رمزان دي نال ريجهاوندا. نٺان نت چا وندا،
سڀٽي صورت سجڻ دي سهاوي.

(۲). سئيردي سانگي سانول آيا. هرصورت وچ آپ سمايا،
پوش رنگينا پاوندا. عشقئون اپڻي آوندا،
اٺ ويس وٺاوت آوي.

(۳). لاءِ گدائي چوڙيس شاهي. درچوچڪ دي ٿي ڳيا راهي،
بن وچ بين بجاوندا. هٽي ونجهلي وڄاوندا،
ڳليءَ ڳليءَ ڪتڙا ڳاوي.

(۴). شوق دي شعلي شاه ولايت. نال نظاري ناز نزاڪت،
اڱڻ آڪي سهاوندا. مندر ميڏي آوندا،
ڏيرا دل وچ جهوڪان لاوي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ راڳو

مُنهنجي بَتِ بيٺي ڪانگ اُڏاريان وريار موڙ مهاران،
مهر پيو بيٺي شال اوريار موڙ مهاران.

١. ڪڏان ڏيکڙ دا ڏينهڙا ٿيسين يار اسان ڪول آپ آويسين،
پلپل ڪران مُنهن ڪلهڙي پوڪاران اوريار موڙ مهاران.

٢. گهنڊ کول ڪي سانول مک وکلاوين. چپ چول سانول آکي الاوين،
غمڪون ٽالن تيڏيان گفتاران اوريار موڙ مهاران.

٣. سڪندي سڪندي سال ٿي ڳئي. ابتر ساڏا حال ٿي ڳئي،
هِتِ لهسين ڪڏانهين ساڏيان سياران اوريار موڙ مهاران.

٤. لڳيان اکيان ڪوُن نکيڙي. لڳ ڳئي ساڏي نُنهن اويڙي،
اڙيان اکيان ازل دي واران اوريار موڙ مُهاران.

٥. مُنهن ڪملي نت تيڏي نالي. تُنهنجي بادشاه ولايت والي،
مُنهن سڪندي سڪندي ڏکون ساران اوريار موڙ مهاران.

Gul Hayat Institute

## قصیدہ روپ جوگ

میڈا امیر حُسینا امیر حُسینا۔ جز قتلگاہ دي تقدیر حُسینا۔

١۔ جنڈان سجدان وچ سلطان کرڑي۔ اتوں تیران دا طوفان کرڑي،
سرنیزي اتوں نیشان کرڑي۔ تتي ریت چلي شمشیر حُسینا۔

٢۔ کِیتیُ رکوع وچ خیرات عطا۔ زکواۃ ڈتي سارا سات سخا،
قربان کِیتیُ جند راہِ خدا۔ اتي چکیان کُل تدبیر حُسینا۔

٣۔ کِیتي سخت کشالي کربل دي۔ تشریف نما نبي نرمل دي،
جگر گوش علي وصیح مکمل دي۔ پسر پاکدامن دا پیر حُسینا۔

٤۔ رتبہ راز ربي دا آیا ھئي۔ گِھن بار مصیبت چایا ھئي،
مظلوم شھادت پایا ھئي۔ علي اصغر ولد صغیر حُسینا۔

٥۔ تُکون شرف ذبیح ذیشان دا ھا۔ العشق شمع پروان دا ھا،
آتي رَحَل تیران فرقان دا ھا۔ توں ناطق سمیع بصیر حُسینا۔

٦۔ بعد از نبي دي ھمعصر توں۔ بٹین راہ حق دا رھبر توں،
مختیار مبین دا منور توں۔ یاسین تیڈي تحریر حُسینا۔

٧۔ شاہ ولایت راز ملیا۔ سک سوز علم دا ساز ملیا،
حُب آلِ نبي آغاز ملیا۔ صد بار ستم دا سیر حُسینا۔

Gul Hayat Institute

## شبد هندي ڪافي روپ پيرو.

موري آش رهي درشن ڪي. ناز ٻنوا ٿئنن ڪي .

١. ديد درس دکلائو دم دم پيگ پلائو پيالا پير ٻنو. پياس پڙي پرسن ڪي.

٢. ستگر کاجس گائون گانا اپني آپ ڪو آپ پڇانا. پيد بياس پڇن ڪي .

٣. گيت گگن گن گرڪا گائون. سُرت نرت ڪا ساز بنائون. تار بجا تن من ڪي .

٤. پياس پيا ڪي ملني ڪي شاهي بهار وصل ليني ڪي. پرت پڙي بچپن ڪي.

Gul Hayat Institute

٥. شاه ولايت شيوا گر ڪي. سُرت سنائون سرگم سُر ڪي. چيم چيم چيم چين ڪي.

# ڪافي روپ بباس

مَنْ بِکیا منگون اِڪ آج وي. تم داتا ديو ورڊان وي.

(١) اِس جڳ اُس جڳ تيري جنم جنم ڪي پياسي،
مندرم آئو من مرسائو - سھجي سمرت ڪاج وي.

(٢) سنگ رھو موري سوامي سندن ڏيائون نام تُمري داسي،
پريم ڪي پياسي - اب تو راکو لاج وي.

(٣) تم گرو ديو ابناسي - ڪاٽو جسم ڪي ڦاسي،
سکيا مِل ڪر سنگ تھاري. چومن سَر ڪي تاج وي.

Gul Hayat Institute

(٤) شَرنِ تُھاري پڙيان شاھ ولايت شام
مَنْ پوجاري اوگڻ ھاري. تم ستگرو مصراج وي.

# مداح روپ بباس

میری مدد کرو دستگیراں۔ ہم دربار تیری آئے۔

۱۔ پار کرو موری نئیاں اپنے کرم سے آقا،
مدد کو آؤ راس رچاؤ ھادی حضرت میراں۔

۲۔ تیرے در پہ سوالی کہیں نہ جاوے خالی،
تم ہو داتا جگ بے منگتا دان دیجئے دلپذیراں۔

۳۔ تیرے سہارے سائل کشتی کر توں ساحل،
تم ہو نگہباں محبوب سبحاں سید سراجِ منیراں۔

۴۔ پیرِ طریقت میرا نام پکاروں تیرا،
پرورش کرو تم غوثِ اعظم شاہ پیرانِ پیراں۔

۵۔ شاہ ولایت شامل پیرِ طریقت کامل،
فیض کا دریاہ روشن کرو راہ فیضماب فقیراں۔

Gul Hayat Institute

# کافي روپ کلیاݨ

معلوم تینوں سارا فقر دا حال وي۔ توں ھیں داتا تنگی تنگ پال وي۔

۱۔ در تي جوئي سائل آوي۔ مُول کڈاں نہ خالي جاوي،
آقا میںوں کردو مالا مال وي۔

۲۔ غریباں یتیماں دي جھولي پردي۔ نال کرم دي سخاوت کردي،
سیئیاں سانوں بھرا ڈیویں برحال وي۔

۳۔ دلجاء ڈیویں ھُݨ دلگیراں۔ دست دامن ہر دا منگیراں،
شاہ جیلانی کردي قرب کمال وي۔

۴۔ پیراں دا پیر سُݨ فریادي۔ میں کملي نوں کریں آبادي،
نام مولا سائل دا سُݨ سوال وي۔

۵۔ سارا جگ منگي در دي بکیا۔ خیر منگوں ڈیویں اٹ لکیا،
ڈیویں خوشیاں گیلانی غم ٹال وي۔

۶۔ شاہ ولایت سیّدي شاھي۔ فالم فقر دي فوج الاھي،
فیض دا دریاء فیض ڈیویں حال خیال وي۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بسنت

نسنگ ناڱو نينهن ڪيو آ- عشق ڪيو اثبات.

۱- پريم پيالو ساقيءَ پياريو- جام جلالت جوش جياريو،
جنهن سجاتي پنهنجي ذات.

۲- نينهن نشو جڏهن ظاهر ٿيڙو- هڻي حجاب سڀ ٻاهر ويڙو،
پسي تنهنجي تجلي تاب.

۳- جلوي جوش جيلاني واري- ڏسڻ سان وڌو جيءُ جياري،
ڪانه آهي ٻي وائي وات.

۴- شاهه ولايت يار ڏيکاري- سيني ۾ پنهنجي صورت ساري،
تار سدائين تنهنجي تات.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

نامور نيهي نشنگ نرمل نظاري نازسان.
رهنما رهبر رندائي روشن ربوبي راز سان.

(١) اولين احد اثبات تي. الا نسان ايجاد ڪيو،
اڪمل اصل اظهارٿيو. انا الحق آواز سان.

(٢) مڪمل معبود منور. ميم ۾ موجود حق،
مسجود مدا ماهِ جبين. محڪم مام مجازسان.

(٣) پوشاڪ پائي پرت جي. پيرهن پا پيو پدر،
پلپل پسڻ پنهنجي لئه پرين. پسارڪيو پيشوا زسان.

(٤) سڪ سرڪ سپر سدا. سوداگر سو سِرَ سندو،
سوزوَرُ سرشار ساقي. ساغر صراحي سازسان.

(٥) شور شعلي شهنشاه. شائق تي شڪار لئه،
شاه ولايت شامل شد. شوق شاهي شهباز سان.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

نينھن لڳو نازنين جو،
تڪو تير آھو نئين جو.

١- من منھنجي ۾ مدعا آھي،
درشن جي صدا آھي،
خير حسن تنھنجي اکڙين جو.

٢- دل لٽي دست ڪري،
حسن وجمال تي مست ڪري،
پڪان صيٽي پنبڻن جو.

Gul Hayat Institute

٣- شاھ ولايت شاد رھين،
عشق سان دل آباد ڪريم
مچ من ۾ ٻري محبت جو.

## ڪافي روپ پيروي

نازواريءَ نيڻن سان - دلبر ديدان لايون،
ٻگيون چشمن جون چوڪان- سيني اندر سرواهيون.

١- زلف زور وارا چيٽڪ نانگ ڪارا،
ڪن ٿا ڏنگ جا وارا- وسري وڃن سپ وايون.

٢- عشق تنهنجي جون اوجان مٿي محبت جون موجان،
حسن تنهنجي جون فوجان- اچن امالڪ ڪاهيون.

٣- ويس گلابي پائي- سرخي لبن کي لائي،
گهورن سان دل گهائي ويتر بيپرواهيون.

٤- شاهه ولايت ساري- مام ملي موچاري،
محبت موج واري- ٻجليءَ ٻجليءَ ۾ ٻگا يون.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

نگاهن ۾ تون آن خود خيال تنهنجو،
جنت چوان يا قيامت چوان ڇا.

(١) پسي حال هيٺو منهنجو ناقص تون،
مهرو وفا جي نگاهن سان ڏس تون،
نگاهون ملائي مُنهڙو موڙٽ،
رغبت چوان يا مصيبت چوان ڇا.

(٢) ابتدا کان آهي سڄون نينهن ناتو،
اگر عشق وارن سان نباهج ناتو،
پرين پيار ڪري پو، پردو پاٽڻ،
الفت چوان يا عداوت چوان ڇا.

(٣) نقشو نظر ۾ تصور تون آن،
موجود منور مظهر ۾ تون آن،
تصوير تنهنجي چسپا آ دل ۾،
صورت چوان يا سيرت چوان ڇا.

(۴) ولايت شاه واجب جي ويچار آهي،
اڳيان عشق وارن جي اظهار آهي،
نينهن وارن کان ناتو نه توڙج،
محبت چوان يا ظلمت چوان ڇا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

نانگا ٿينهن سان نچن ٿا. جن لاٿا سر جا سانگا.

١. جن سڃاتو پاڻ ۾ پيهي. وه ڀيائي تن کٿون ويئي،
ساري سڌ تنين کي پيئي. اُهي وحدت سان هن وانگيا.

٢. هادي ڪئي آ جن کي هدايت. مليو عشق تنين کي عنايت،
طعنا تنکا مهڻا ملامت. ڪٽڻ گلا جا گها نگها.

٣. وحدت جن کي وڻي آ وکوڙي. ڪسرت تن کي ڪين ٿي موڙي،
وات لڌائون وندرجي وڙي. اُهي چست ڪُڏائن چانگا.

Gul Hayat Institute

٤. سڪ جنين جي صحن سلامت. ڏني تنين جي روح کي راحت،
شوق انهيءَ ۾ شاه ولايت. ڪيئي اڏائن ڪا نگا.

## ڪافي روپ بلاولي

ننگڙا نماڻي دا پال وي،
نندر ناقص کون نه رول وي.

١- توں منھنجو سائين مان تنھنجي ٻانھي،
وارث توں نه وسار وي.

٢- سئين نماڻي عيبن ھاڻي،
نيڻ ڪيئي نه نھار وي.

٣- در پنھنجي ڪٺون دلبر سائين،
لالڻ توں نه لوڏار وي.

Gul Hayat Institute

٤- شاھ ولايت کي سھڻا سائين،
سور ڏيئي نه ساڙ وي.

## ڪافي روپ جھنگلو

وَھندي ايندو وقت اھوئي. سازن سان سينگاري
ايندا پرين اوتاري.

١. درد پري ھيءَ دلڙي منھنجي سڄڻ ڪي ٿي ساري
ننگي ايندا ننگ نڀائيندا. وارث سھڻو واري.

٢. دم دم ديدان دل ۾ ڏونڪن. ٻڙھون بارٺون باري،
نازجون نؤڪان نينھن وارنڪي. چاڪرڪن ٿيون چاري.

٣. عاشق ايندا اڳڻ اسان جي. محبت تن جي ماري،
ايندا نغرا حق جاھڻندا. ھوھو جي ھوڪاري.

٤. عاشق صادق آس اندر ۾ نيندا ساٿ سنڀاري،
شاھ ولايت ويراڳين جي. ويٺو واٽ نھاري.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

وٽن ٿا ويڙهيچا سانگي مون سيبا ٽا،
اڇا عجيب تن جا ٽرن مڙ تي ٿا ٽا.

١- پوند وتن کي ڪڏهن رايو. جن لئہ اکين آب وهايو،
محبت جوٿن مينهن وسايو. رُوئن نيڻ نما ٽا.

٢- وٽن مونکي واه ويڙهيچا. اهي نہ پايان باغ باغيچا،
هند پٽرٽون گلمر غاليچا. وٽن ٿا وها ٽا.

٣- پلي ڪيون مونسان پال پلايون. مينهن ڏاڍيون موڪان لايون،
واه وليون ٿيون سهٽيون سايون. لُڙ ليون لا ٽا.

٤- شاه ولايت شال ايندا. ورتيون مون کي نال نيندا،
ورتيون ويندا اکين چنديندا. ڏو ٿيٽڙا ڏا ڏا ٽا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

وردِ وزبان مونکي سدا تنهنجو اسم، ياد پر نکري ٿو نسنگ نئون نظم،
آغاز ٿيو عاشق آ شعر و بزم.

(١) هر روز رهي ياد تنهنجو رازِ پنهان،
بالا بلا شڪ هي آهي برهه بيان،
اظهار ڪجي ٿو اگر جي تنهنجو قسم.

(٢) ديدار تنهنجي ڪان ٿو وٺي هر ڪو شرف،
آواز انا جو ٿو ڪرين هو جو حرف،
ظاهر نه ڪندا ذوق وارا رندي رزم.

(٣) مخفي آهي مام تنهنجي ماهِ لقا،
ثبوت صوفي ڪان ٿو ملي اهلِ صفا،
احرام اصل عشق جو آهي اعلیٰ عزم.

(٤) شيدا ڪيو شوق آهي شاه ولايت،
مردن پر مرڪ ماسوي الله ماڳ مدامت،
منصور نه مٽرندا به ڪڏهن خوف ختم.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

وحيانتو يارجي در تي پائي الفي ثناگر ٿي،
وني ورندس حسن جو خير دلبر ڪان گداگر ٿي.

١. سچڻ لب کي لا تي لا لي. آهيان جنهنجو ٿي مان سوالي،
ويندس ڪينڪي خالي. سورن جو سوداگر ٿي.

٢. وصل جي واڳ ڪا واريو. پريمي جام ڪو پياريو،
حسن جو خير ڪو ڏياريو. بکيا وٺندس گداگر ٿي.

٣. عمر پرمون آهيان آسي. پرينءَ جي پيار جو پياسي،
رهان صدمن اندر ساسي. جدائي ۾ جفاگر ٿي.

٤. سندس سر جو آهيان سائل. قديمي قرب جو قائل،
مدامي محب سان مائل. محبت ۾ مظاهر ٿي.

٥. سخي سرتاج سرور جو. مٺي محبوب منور جو،
ولايت شاهه دلبر جو. رهان نالي نشانبر ٿي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڀهاڙي

واهه واهه وسي اسان ۾ سهڻو سردار آ،
جنهن جو ٿيو اسان تي پلپل پيار آ.

۱- سهڻو صفات سڀ ۾ آواز آ عرب ۾،
عرش و زمين اُپ ۾ هرهنڌ هاڪار آ.

۲- واجب تنهنجي ثنائي جيڏي چوان مون جائي،
هر هر ٿيو سدائين وردو واپار آ.

۳- سورن ڪري صفاتي پوشاڪ هئي تو پاتي،
تو ۾ ظهورو ذاتي عاشق اظهار آ.

۴- معشوق تنهنجو ماڻو عاشق ڏسي وڪاڻو،
سوريءَ اتي سداڻو نيزي سوار آ.

۵- ڪاڏي ڪري تو آزي ڪاڏي رضا ۾ راضي،
ڪاڏي گوءِ کڻي تو غازي بانڪو بهار آ.

۶- حبل الوريد وائي آهي اسان ۾ جائي،
جو تا ڪيو جدائي هڪ دم نه ڌار آ.

۷- چڙهي شاهه ولايت شاهي آئي موج الاهي،
چاهڻون ڪري چارائي مطلب ميهار آ.

Gul Hayat Institute

# نعت روپ پیلو

ورد و زبان شب روز کھون ۔ پت نام محمد پیارا ،
حق شیدا آپ بنا ھئي ۔ مجروح تي دلفگارا ۔

۱۔ پیشوا جبرائیل بنا ۔ خاطي حق دا خاص خلیل بنا ،
آپي عاشق رب جلیل بنا ۔ آتي آوي دوست دلارا ۔

۲۔ ڳئي عرش عظیم تي سرور ۔ محبوب خدا دا اکبر ،
پڑھندا حور ملائک ذکر ۔ صلواة دا مارن نعرا ۔

۳۔ معراج ماٹیندا مدني ۔ ملیندا مشک ملائک ختني ،
تي ڳئي روشن چاند بدني ۔ صد سورج ماہ ستارا ۔

۴۔ بن کھي تیڈي در دا گداگر ۔ بخشین فیض الاھي بھتر ،
سائل ثنا خوان ثناگر ۔ شاہ ولایت تمھارا ۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پهاڙي

وچ ميدان محبت دي۔ ڪلالي ڪارڪردي هون.

۱۔ ديدن جو درسن پيائي،
چشمان دي چوٽ چلائي،
گهورن سان دل گهرندي هون.

۲۔ جوگي جنسار ڪرڪي،
موهيا مشتاق موهي،
ديدن جو ڏيان ڏردي هون.

۳۔ قتل ڪي ڪار ڪرڪي،
وتي وڃ والي يَر ڪي،
نيڻان دا ناز ڪرديا هون.

Gul Hayat Institute

۴۔ شاه ولايت تي سهڻل سائين،
موج ميثاقي دلبر سائين،
رمزان دا راز ڪردي هون.

## ڪافي روپ ڪوهياري.

**هل هنبامي حوت ڏي ڪاهيون اوڏنهن ڪاه،**
**ڪاهيون اوڏنهن ڪاه سڪ سڳومٽي ساه.**

١- بنا عشق الله جي ٿاه نه ٻيو ڪو ٿاه.

٢- لاڳا پاهن لوڪ جا لا ڪري سڀ لاه.

٣- هر دم هنبامي حوت سان ناتو سينهن نباه.

٤- ڇورن ڇانو ڇپر ڇٽ اڙين آ ڌر آه.

٥- سوين وڃن ٿا سوالي داتا جي درگاه.

٦- هلن حضرت پير ڏي فوجون ڪري فقراه.

٧- آهي فيض فياض فقير جو فائض آ فيض درياه.

٨- يتيمن ياران آه هيٺن جو همراه.

٩- سنگت رک صوفين سان وٺ رندانِي راه.

١٠- پير مغان پڳدار آ والي ولايت شاه.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيرو

هِتِ ۽ تون آن هُتِ ۽ تون آن،
سِر صحيح ٿيو سارو يار.

(١) انا احمد بلا ميمي آهي پرين جو قول قديمي،
مام ملي آموج مدامي دل جي اندر ڏٺ ڪارو يار.

(٢) مرحبا جلوه باطن ظاهر اندر تون آن تون آن ٻاهر،
ويري تون آن تنهنجي واهر آهي قول قرارو يار.

(٣) حاڪم ٿي تو حڪم هلائين ڪٿ گداڪٿ پاڻ پنائين،
هر رنگ ۾ تون راضي آهين سڀڪي توکي پيارو يار.

(٤) عاشق ٿي تو اکيون اڙائين ڪٿ پرين ڪٿ پاڻ تڙائين،
سوره سولي سرڙو چڙهائين هڻي انا الحق نعرو يار.

(٥) مٺڙي جا موجود مثل آ. سوئي بي رنگ بي مثل آ،
شاهه ولايت سارو وصل آ عاشق سمجهه اشارو يار.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

هن چشمن جي چالي گهوٽ ڪناسپ غازي،
شاهي چنڊي ٿيا چاڪر نينهن منجهان سپ نيازي.

١. ٿي گذريا پيا ٿيندا آخر تائين اصلي،
عشق هميشه قائم برهه بنائي بازي.

٢. ذوق منجهان ٿيو ظاهر جوڙ عجب جسماني،
محبت ڪيا سپ ماندا عالم عاقل قاضي.

٣. نينهن نسنگ ڪيا ننگا بيشڪ بيخود باقي،
عشق امالڪ آيو طلب سدائين تازي.

٤. شاهه ولايت سابس سورن کي آسرسي،
هجن هميشه قائم مَرُ دلبر ٿئي راضي.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

هڪ يار اسان ياڪي پيو يار ڪيو ڇا،
دل دلبر جي هٿ آ اغيار ڪيو ڇا.

١. منظور نظر مونسان سود ڪيو سر جو،
اقرار اصل آهي انڪار ڪيو ڇا.

٢. من موهن آموهي مستان ڪيو مونکي،
ديوانو درد ڪيو آ هوشيار ڪيو ڇا.

٣. مئہ جام محبت جي منہ نوش ڪيو مونکي،
مٺخان مون خود آهيان مٺخار ڪيو ڇا.

٤. دم دور ناهي دلبر پاڻ کان پري پرين،
ونحن ويجهو وسيتي دشوار ڪيو ڇا.

٥. جذهن قتل ڪرڻ جي لئہ ڪاهي ڪات متان آيو،
عاشق اڏيءَ تي آ ويچار ڪيو ڇا.

٦. شُد شاهہ ولايت آبا شوق شاهي شامل،
هي راز رکيل مخفي اظهار ڪيو ڇا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيلو

هم راز دلربا برحال با و فا،
مشتاق مست مندان احوال عاشقا.

۱. دُر عدن دلاور روشن نور انور،
مستان ٿيو مصور انوار برق تصور،
بحال با وفا.

۲. شهد شيرين شڪر گفتار پُر اثر،
بجلي برسي بدر مهتاب نمک منور،
مثال ماه لقا.

۳. لب لعل به رخسار گل غنچه گلزار،
والفجر مان اظهار باغ بشرت جي بهار،
خوشحال خوشنما.

۴. شوق شرف شجاعت بالا بره بشارت،
اعلیٰ عشق اشارت واصل ٿيو شاه ولايت،
هرحال حق حقا.

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيلو

هلي آءُ اڳڻ هڪوار- صدق سؤ وار ،
ٿيان قرباني دل درسن لئه ديواني.

(١)- ديرو ديدان دل پرلاٿ ٿيون. ڪري گهور گهونگهٽ سان گهائن ٿيون.
چالي چشم سندي چمڪار خنجر تلوار ابر باراني.

(٢)- شهزور شڪار لئه شاد رهن- ماري مشتاقن کي مات ڪرن،
هيٺ نوڪ نظر نروار اهل اظهار عاشق عرياني.

(٣)- وجهي زلف ڪمند ڪن قيد دليون. ڏاڍي تاب طبل سان تڪيون تجليون،
ڪن عوشاقن تي آر سرس سينگار سلڪ سلطاني.

(٤)- شعلي شوق جي شاه ولايت- ڪئي حضرت عشق عنايت،
مان بيهر ٿيا بلهار پسي ديدار دمادم جاني.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

هردم هادي هرجاءِ وسين تو- ڏسين ڏور ڪو دور ناهي دم،

هردي هردم ۾ تون.

١- ظاهر صفت ۾ ذات ڇپايئه. صورت صفاتي سانگ بنايئه،

اولي آدم سياري سنڌ ۾ اسم اعظم تون.

٢- ونحن اقرب ويجهو وسين تون - ڪاٿي بيرنگ پيد ڏسين تون،

رنداني رزم جزوي جسم بيپا بزم تون.

٣- الانساني ايجاد اعلىٰ - مسجود ملڪن حڪم حق تعالىٰ،

نالي آدم دائو گند م ڏيئي توعزم تون.

٤- قلب المؤمن عرش معلىٰ - مسجد مندر طور تجلىٰ،

هر شيءِ هر قسم ويران وسم تنهنجو قسم تون.

٥- انا الحق جو آهي اشارو- هر مظهر ۾ نور نظارو،

هم اوستي حڪم قائم دم قدم برهه برهم تون.

٦- ڪل شيءٍ هو الله - شاهه ولايت وصل وجه الله،

لاشيءَ لاعزم لاريب فيه ڪل شيءٍ قلزم تون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي.

هڪ دل ۾ پيدا سُور سوين - سيئي ساٿي تيا جي پَڪي پيا،
همراز اهي همدرد رهيا - سيئي ساٿي تيا جي پَڪي پيا.

١- ڏکن سُکن ڪان ڪيئي جو سَرسي - ساڻ تيا سنگتي،
هر ويلي اهي ئي وفا رهيا.

٢- سک جو سئو دو سورن سان - سؤ سکن عيوض هڪ سُور مليو،
هڪ ڏک آيو سپ سُک ويا.

٣- هيئين اندر ۾ پيغل جا - دو نهان در دکن،
پيئي لوچي لکن ۾ پايان ليٽا.

٤- ڪندس ڪشالو ڪيچ ڏيٽن ڏي - وَرڪي وساري ڪيئن وهان،
سڪ سيني اندر سوراخ ڪيا.

Gul Hayat Institute

٥- شاه ولايت شوق ۾ - ساڻ سچائي سورن،
سپ روڪي سکن جا راهه رِيا.

# مداح روپ ڀاڙي.

هادي پير پيران محي الدين ميران،
داتا ڏيو دان دلئون دستگيران.

(١)- تو در سوالي وڃي ڪو نه خالي. پياسن کي پُر ڪري پياريو پيالي،
جام ڏئي جياريو دائم دل پذيران.

(٢)- سائل ثنا گر تو درگدا گر. هر دم تون آهين منهنجو مددگر،
وليئن جا والي. اولياءِ اميران.

(٣)- مريدن مدعائون طئه ڪر صدائون. مدامي منگان تو درگاهئون دعائون،
طالب جون تهدل ڪر تلف تڪسيران.

(٤)- اسان عاصين تي امداد ڪر تون. سڀئي عرض آهون آزاد ڪر تون،
ڪيئي ڇڏايئي بند مان اسيران.

(٥)- آڌار اڙين ياور يتيمن. سقيمن سان سائين حمت حال جيئڻ،
هادي ڏي هميشه دلجاءِ دلگيران.

(٦)- محبوبِ سبحاني قطبِ رباني. سادات سيد غوثِ صمداني،
پيغمبر جا پيارا. ماهِ مُنيران.

(٧)- حق ميل هادي وسي تنهنجي گادي. ملڪن ۾ مشهور تنهنجي منادي،
نرمل نشانبر نا ميان نذيران.

(٨)- شاهه ولايت صاحب سخاوت. شاهه فيض درياهه فائض فياضت،
عشق جي امانت فيض ڏي فقيران.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

هر دم اسم تنهنجو ورد ڪمايان - پرين توکي پرچايان ناتو نڀايان.

١- پاڻ پڌ ڏس ڪو پرين پرچڻ جو. قرب ڪو هيارا ڪر موں سان ملڻ جو،
ڪيچ پچايا ڪِنَ سيني سمايان قلبي ڪاهيان .

٢- هڪ نام زبان تي ذاتي ذڪر آ. نقشو نظر ۾ صورت تصور آ،
مورت بنايان مان دل تي ڇپايان مصور آهيان .

٣- در سينا دربار ديد دٺاري - اکڙين انور سيج سينگاري،
روح ۾ ريجها توکي سهڻا سرچايان پرت پچايان .

٤- مُرلي سنائي موهن مندر ۾ - پاٽ پوڄاري پريم نگر ۾،
مالها پايان تبشي تلڪ لڳايان تيرٿ نايان .

٥- عالم عابد مون نيڪ نمازي - مسجد مندر تي آوازي،
صلواة سڻايان ڪِنَ بانگ پڌايان سرڙو نوايان .

٦- جنهن ۾ ريجهي تئين تون راضي - نچي ناچو پايان پيشوازي،
ڇير ڇمڪايان ڪِنَ قيري پايان ڳڻ تنهنجا ڳايان .

٧- مشتاق ميٺڙي سڌڙي سڪ وارا - درد وارڻ لئه اڏيان اوتارا،
ميلو ملهايان ڪِنَ عوشاق آڻايان محب ملايان .

٨- شاهه ولايت شاهنشاهي - فيض عطا ڪيو فيض درياهي،
پانڌ ڳل پايان ڪِنَ پرکي پڇايان تورو نه لاهيان .

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ تلنگ

هن عشق جي محلي اڳيان. لٽڪيل سريون ڏڙ ڏار ڏس،
مقتول جي مشتاق ٿيا - ڪٽيل ڪُنن جي قطار ڏِسُ.

١. پتنگ پيا پلپل پچن - آتش ڪده ۾ آشڪار،
سڪ سوز ۾ صوفي صفا- سڙيل ڪيئي سينگار ڏس.

٢. رند ربوبي راز جي- رغبت اندر رهبر رچن،
عاشق اڏيءَ اٿليا اچن- ڪپيل ڪيئي ڪاپار ڏس.

٣. قتل لئہ ڪند ڪات تي- ٿا قرب لئہ ڪوپا ڪُسن،
سي سر ڏيئي سُرها ٿيا- مقتل محو مهندار ڏس.

٤. نينهن جي نيزي نيشان- ناطق نشانبر نا مور،
هي سانگ تي سرڙا چڙهيل- سولي مٿي سردار ڏس.

٥. پڻ پروڙي پاڻ کي - سي حق سچائي حق ٿيا،
جيڏهي انهيءَ جسمات ڪان- نڪتل نيهي نروار ڏس.

٦. شام ولايت شوق سان- خود سالڪن سرڙا ڏنا،
سرسام جن صدقي ڪيا- پهتل پرين پگدار ڏس.

Gul Hayat Instutute

# ڪافي روپ تلنگ

ھن ديد جي شھيد جو۔ دارون دوا ديدار آ،
درد محبت مرض جو۔ علاج ڪافي پيار آ.

۱۔ چشم جي ھڪ چوٽ سان ٿيو چئوطرف چمڪار آ،
فوج فرنگي ڪا چڙھي جلوه جنگي جنسار آ.

۲۔ شوق سان شڪار لئہ۔ صياد ٿيو سيّار آ،
مرغ دل مقتول ٿيا۔ ماريئ وڏو ڪومار آ.

۳۔ مارڻ لئہ مشتاق جي۔ سھڻي ڪيو سينگار آ،
سر ڏيڻ سوليءَ مٿي۔ عاشق سندو اقرار آ.

۴۔ نوڪ نيزي نينھن جي۔ ناطق ٿيو نروار آ،
اھڙو تڪو اعلیٰ اثر آ۔ اڪثرين ۾ اسرار آ.

۵۔ شاھ ولايت منڊ سندو۔ ساقي صنم سردار آ،
پُر پيئڻ پيمان لئہ۔ پياسي پرين پينار آ.

Gul Hayat Institute

# کافي روپ پهاڙي

هر صورت دي وچ نرمل دا نظارا هئي،
بن بيک بشر بر سر برہ بقارا هئي.

۱- هر رنگ ڍنگ دي وچ حاضر- ويکو ذات صفت وچ ظاهر،
رخ روپ نيارا هئي.

۲- آکي عشق عجب رنگ لايا- سانون سر دي بات سنايا،
الانس اشارا هئي.

۳- ويکو مظهر ذات الاهي- بيپا بيحد پيد باللّٰهي،
کيتا پرت پسارا هئي.

۴- ڳلي قطرہ قلزم هويا- بحر عميق سما يا،
اور کيا کنارا هئي.

۵- گمر ٿيوين وچ وادي وحدت- ويکين وجه الله ولايت،
شاه هزارا هئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

هرجاءِ نظر آوندا جلوه دلبردا،
مظهر ذات جلي وچ صورت دي تصوردا.

۱. عشقئون اپني آپي آوندا. ميڈا موهن من کون پانوندا،
نال محبت مرلي چاوندا. ڳلي ڳلي ڪترا ڳاوندا،
ساڈي سانگي سهڻل سائين چا سير صفاتي ڪردا.

۲. بن جوگي رانجهن آيا. وچ بن دي بين بجايا،
ساڈي نال هئي نينهڙا لايا. خرقعا خاڪي پايا،
ڪيوين جوڑ ڪيتس جسماني هي بنيا بيک بشردا.

۳. ويلهي ونجهلي والي آوي. سانون ازلي قول سناوي،
ديرا دل وچ جهوڪان لاوي. ويڑها اساڈا وساوي،
دل ڈي ڪي پچي ساڈي دلڑي حصئي گهردا.

Gul Hayat Institute

۴. چوڑي شاه ولايت شاهي. آکي ڪيتس آپ گدائي،
سانگي سير دي ميڈي ماهي. تي ڳئي راهي،
چاڪيتس ويس وصالي هئي سوداگر سردا.

## ڪافي روپ پيروي

هيرنماڻي دي نيڻين ،
رانجهن آيا ويڙهي.

۱. ميڻن رانجهن دي رانجهن ميڈا،
بن پئي ڪيڙ پيڙي.

۲. نال ماهي دي روز ازل دي،
سانون ڪوُن نکيڙي.

۳. تسان سيائين سمجه سڃاڻو،
ڇوڙو جهگڙي جهيڙي.

۴. رانجهن سائين رب هي ملايا،
ماهي نال ساڈي ميڙي.

۵. شوقئون شاه ولايت والسي،
ڪرکي ڪشالي ڪهڙي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

ياڪي يار قرب قرار مڻ مهندار تي آيو،
پرين پگدار محب منتار مغان مهندار تي آيو.

۱- پردا پوش هم آغوش نزمل نوش نرواري،
جذبءَ جام مست مدام عشق انعام اظهاري،
خاص خيال وصل وصال حقي هر حال حسواري،
پرين پيار خمر خمار ساقي سودار تي آيو.

۲- دم دائم قدم قائم صحيح سائم تي سوپارو،
صوفي صاف ڪافي ڪاف اصل انصاف اشارو،
ازل انجام سوديءَ سر انجام هل هاڪام هونگارو،
شاهسوار نسنگ نزوار بحق بردار تي آيو.

۳- وحدت وست مستومست احد الست آوازي،
رنگو رنگ بحر بيرنگ صاحب سنگ سرفرازي،
بياپيد واري ويد برهم بيد بيا ضي،
انا اقرار گفتہ گجڪار درين ديدار تي آيو.

۴- قلبي ڪاه ساه پساه ولايت شاه وجداني،
مڻ مثال جوت جمال هردي حال حقاني،
درس دلبر مک منور سر سرور سبحاني،
حسن صيڪار گلين گلزار باغ بهار تي آيو.

Gul Hayat Institute

## مداح درشان سيدنا عبد القادر جيلاني روپ پيروي

ياغوثِ اعظم گيلاني . محبوب سبحاني،
مدد ڪيو دستگير اچي منهنجي مدد ڪيو دستگير.

(١) هادي پيشوا تون حضرت ميران . بخش گنج اعلىٰ فيض فقيران،
جلوه گر جيلاني.

(٢) اسان عاصين تي ڪيو امدادي. بيشڪ آن بادشاه بغدادي،
حسيني پير حقاني.

(٣) دربار تنهنجي دولهه داخل . سئين هتي جو ڪوئي سائل،
گدا کي عطا سلطاني.

(٤) توڪل ترهو تنهنجي سهاري . ڪشتي لائج ڪنڌيءَ ڪناري،
ساڻ امن جي اماني.

(٥) اوجهڙ آهيان اوگهاري . ناقص تي ڪيو صاحب ستاري،
راه روشن ڪيو رنداني.

(٦) شاه بگن جي آهي شاهي. فقراءُ فالم فيض دريا هي،
نام ىشل آ بيشاني.

Gul Hayat Institute

(٧) بخت بلند نت تخت سلامت . شاهنشاهي شاه ولايت
حل همت همداني.

## سي حرفي هير رانجهي واري علم

الف: اڪيرماهي دي مٺون آهي روز ازل دي،
مٺين نماڻي نال رانجهن دي آهس آپ اصل دي،
چڱيان چنّيان سَٺين سَٺين هيران مٺين نڪار نسل دي،
يار ولايت ڪرم ڪري چا واري واڳ وصل دي.

ب: بيوس ٿيٺان ياروجو بار برهه دا باري،
عشق دي منزل اولڙي اوکي رهندا جوش حگروچ جاري،
لک دلبردي ڪول سهاوُن اِڪ ڏارڪيتوني ڏاري،
يار ولايت ويڙهي آوي چا مِلي هڪواري.

ت: تانگهه تساڏي تورڙڪنون تن من سا ڏا تايا،
انگ ازلي ايوين لکيا آها روز ازل دا رايا،
قصد ڪري ڪيهي ماهي ساڏي نال ضَئي نينهڙا لايا،
شام ولايت چوڙڪي شاهي سانگ تساڏي اٿ آيا.

Gul Hayat Institute

ث: ثابت نينهن نفي ڪري سڪ دي سُرڪ پلائي،
رنگپور دي وچ آڪي رانجهن موهن مام ملائي،
مهيوال محبوب ميثاقي مٺون چا ميخ محبت دي لائي،
شوقٺون شاهه ولايت والي آپي رمز رلائي.

ج: جوڳي جادوگر جادو جنتري منتر منڊ چلايا،
عشق اندر وچ آتش لائي جوشان جوش جلايا،
ساڏي نال جنڊان سانول سهڻي گهنڊ کول ڪي ڪِلِ آلايا،
يار ولايت مندر ميڏي وچ آڪي موهڻ مُک وکلايا.

ح: حال اساڏا معلوم تُسنون ڪي جاڻن ڪيتري پيتري،
جيڏيان سکيان جهٽڪان ڏيون ڪرديان جهگڙي جهيڙي،
بخت ميڏي وچ ايوين لکيا پلئه پئي گئي عشق اويڙي،
يار ولايت ٻهه ڪول اساڏي. آوس ساڏي ويڙهي.

خ: خيال تساڏا ياڪي باقي سانون ڏوجها لوڪ نه پانوين،
ڀهون خوش ٿيوان آتي خوشيان مناوان جي وت ڍوليا آوين،
سُرهي سيج وڇاوان ماهي ساڏي اُجڙي جهوڪ وساوين،
يار ولايت اڳڻ اساڏي آڪي قيرا پاوين.

Gul Hayat Institute

د: دل ميڏي ايوين منگدي دلبر نال مڻن هووان،
محبت والي مُٺڪي چن ڪر هار گلي دا پووان،
دن رئين دُکي سک چين نه آوي ڪيون وت سيج تي سووان،
يار ولايت تيڏي ڪيتي مڻن هيڻي ٻنت ٻنتِ رووان.

ذ: ذکر ھئي نام تساڈا دم دم ورد پکاوان،
صورت تصور نقشا نظر وچ دل مسجود بناوان،
بتخانے ھن بھون پوجاري مٹن تبشي تلک لگاوان،
عشق تیندي وچ یار ولایت مٹن عاشق نام دراوان۔

ر: رمز رنگي رانجھن والي لگ گئي نوک نئینان دي نرالي،
سک دي سرکي صاف کیتا پر پریم دي پیالي،
شاہ ولایت شوق شرابٌ طھورا کیفي جام کلالي،
مغان دي منخانہ وچون بن گیوسي مست موالي۔

ز: زلف زنار پیا وچ گلدي آتي پل گیا دین ایماني،
درد وصال وکر وحدت کولیا عشق دکاني،
سؤدا سر دا ڈیوٹا لھنا پاوین گھندا قرض پرا ئي،
یار ولایت ورہ واپاري دل ڈردا برہ بیاني۔

Gul Hayat Institute

س: سؤداگر بن کي رانجھا رنگپور دي وچ آئي،
روپ رنگو رنگ پھن پوشاکون سھسین ویس وٹائي،
بیک بشر دي پید نیاري ساجن آپ سمائي،
یار ولایت جوگي بن کي میم دي مرلي چائي۔

ش، شائقان نون شيدا ڪري شوق تيڏي شهيد ڪيتا،
موه گهتيائي مشتاقان نون درد تيڏي دريد ڪيتا،
بيزر بالا برہ تساڏي خالص خاص خريد ڪيتا،
يار ولايت وجد ويراڳي محبت مار مُريد ڪيتا.

ص، صاحب تخت هزاري والا عشقئوا پني آوندا،
بن ڪي منجهيان چراوڻ والا در چُوچڪ چاڪ سڏاوندا،
سيئر دي سانگي بن سنلاني ڳلي ڳلي ڪنڙا ڳاوندا،
شاه ولايت يار پيارا بيشڪ مئنون ڀاوندا.

ض، ضرور ذوق ڪيتي قصد ڪيتس اِت آوڻ دا،
روپ سروپ ي رنگ رسيلا صورت ساز بناوڻ دا،
انس دي اولي آڪر ماهي لِڪڙا ڪيتس ليئي پاوَڻ دا،
يار ولايت ڪرم ڪيتا ناتي نينهن نياوَڻ دا.

Gul Hayat Institute

ط، طالب تيڏي نام دامڻ. تئو ماهي ميڏا سائين،
عشق تيڏي ديان من وچ ميڏي بلديان برہ ديان ڀاهين،
سينگيان وچ سهاڳڻ تيوان جي وت جانب چاهين،
يار ولايت ٻه ڪول اسان ڏي من ديان مونجهان لاهين.

ظ: ظاهر باطن ذوق تيڏي آهي درد ڏکا ٻئي دونهين،
ازل کنون منظور هويا هير تي رانجهن ڏونهين،
نينهن تيڏي دا ناواقف هاسي سک سوزکيتا هڻ سونهين،
يار ولايت ننگ ناقص دا پرين پالهارا نو نهين.

ع: عشق تيڏي اظهار کيتا مٺن عاشق نام ڏراوان،
تسبيان توڙ تلک ڀڳاوان ڳل وچ مالها پاوان،
مسجد جاوان ڪي مندر جاوان ڪي وت يار مناوان،
يار ولايت جيوين راضي ٿيوين ووٺي بيک بناوات.

غ، غير نهين هرجا، هادي هئي هر رنگ ڍنگ وچ حاضر،
بشري بنايس بازي مظهر دي ماهر،
الانسان سري و انا سره آپ ڪرڙا هئي ظاهر،
شاه ولايت نام ڏراکي سينهن کيتس ڪُٺ ناظر.

Gul Hayat Institute

ف، فڪر ٻهون هئي ذڪر تيڏا آتي عشق کيتا مجبور،
اولاس پران تي عرش ڪران، مٿون صاحب ڪرين منظور،
لوک ساري دي طعني مهڻي ميڏا کيتا روح رنجور،
يار ولايت هک وار ملي دک درد ٿيون سڀ دور.

ق: قرب ھٹي قدير تھاڈا مين اوجھڑ اوگھاري،
لطف کرم دي نظر پالين آتي پالين پرت پياريا،
تيڈي باجھوں ماھيا مِين اُجڑي آھان اوَاري،
يار ولايت کوں کريسن ناقص نال ستاريا.

ک: کرم کرکي ڳل لا، سانوں بھوں ڈکھي حال ھجر دي،
سوز فراق صد ستم کيتا سوين صدمي سور صفر دي،
آه کران تي اولاس پران تي ڳيئي جاري جوش جگر دي،
يار ولايت جڈان نظر پالي دک دور تيون درد اندوه اندر دي.

ل: لطف تي تک احسان منان کرين ساڈي نال ميلاپي،
تي ڳيئي رنگ زرد پران آه سرد دک درد کنون آلاپي،
گھر بار سيوست تيم يگانو مٹن چوڑيا لوک لاڳاپي،
يار ولايت پکي تيڈي پئيان تيڈي نال ھٹي سگ سياپي.

Gul Hayat Institute

م: ماھي ملي رَ سھاڳي ٿيوان کر سينگار سُرخي لاوان،
کجل پاوان تي سيندھ چناوان مٹن مجلس مؤج ملھاوان،
محبت والي اِک مندر بناوان سب سينگيان سھيليان سڈوان،
يار ولايت رم نال اساڈي تيڈا دم دم درسن پاوان.

ن: ناقص کون منظور کرین مُن کوجھی کملی کالي،
مین بدکاري اوگݨھاري شاھي شان تیڈا ھئي عالي،
مئین وچ عیب اپار گلیئے آھان حال کنوں بي حالي،
جھنگ دي جتي مئین ھیر نماݨي توں شاہ ولایت والي.

و: واہ وصل دي گھول کاݨي ہھوں ھجر کیتا حال ھیٹی،
جگ ساري دیاں توکاں توکان ڈوجھا لوک ڈیندي لعنی مِھٹی،
سینگیاں ستاون تن من تاوں ڈیندیاں جھٹکاں جھیڑي،
یار ولایت نال ساڈي وس پیا سانول سھٹی.

ھ: ھݨ ھادي سݨ حال میڈا درد کنوں درماندیاں مئین،
بیکس ناقص تي ابتر ایاݨي برہ تیڈي دیاں باندیاں مئین،
سک سوز تیڈي سرشار کیتا ورہ کنوں نا واندیاں مئین،
یار ولایت روز ازل کنوں نھیں تیڈي نال لاوندیاں مئین.

Gul Hayat Institute

لا: لگیاں لاري تیڈي چوڑي کرتم قبیلا سارا،
ننگ نیاوین نال رلاوین مئین وچیڑي کوں مل پیارا،
وطن کنوں بي وطن تھیوسي تیڈي خاطر دوست پیارا،
یار ولایت تیڈا مئکوں ازل ابد دا سھارا.

ء : اميد هئي انشاءالله تعاليٰ ماهي مندر ميڏي آوين،
سينا سيج بناکر بيٺ رهيان پچون مٽڙي مُول نہ جاوين،
ٻهه کول اساڏي کجه ٻول منا سانون الفت نال الاوين،
يار ولايت وسندا رهين آتي مينهن ساڏي نال لاوين.

ي : يار تيڏي ياد اسانون آتي اکيان ازل ديان اڙيان،
ميثاق ويلهي ساڏي ٿي ٻني ميلي ميٺن ليک تهاڏي لکيان،
لوح وقلم هئي نکيا ايوين انگ تيڏي نال انگيان،
يار ولايت کون نکيڙي وچ اڙيان جتان سي اکيان.

Gul Hayat Institute

## سي حرفي ـ ٢

ٿلهه: دل توسان دلبر. مٺا محب منور. اعلیٰ نور انور،
پيرِ مغان پرور. سگهو مل سرور. دل توسان دلبر.

الف: آدم دم سارو جوڙ جسم. پاڻ عدم کان قدم،
ڪري اوت اسم. بڻيو بيڪ بشر. دل توسان دلبر.

ب: برهه باري. آهي انتظاري. سندي خلق خواري،
ڪنيم سر تي ساري. سهڻا توکان سر بسر. دل تو.... .

ت: تڪيو تنهنجو، پيو ڪرڻ ڪنهن جو. تون آن مالڪ منهنجو
ڪر راز ڪنهنجو. راضي ٿيءُ رهبر. دل توسان.....

ث: ثنا ثابت. سهڻي صداقت. وارث ولايت،
صاحب سخاوت. بخشين برهه برسر. دل توسان.....

ج: جمل جهان. نشانو بي نشان. بي مثل بي بيان،
خلق الانسان. اعلیٰ صورت صدر. دل توسان......

ح: حال باقي. رهين ياريا ڪي. محب ٿيءُ ملاقي،
عاشق عوشاقي. عشق تنهنجو افسر. دل توسان......

Gul Hayat Institute

خ: خمر خومار. نينهن نشو نروار. بيخود بي اختيار،
پيالو پريمي پيار. كيف قدح كوثر. دل تو......

د: دستئون جام. ملي مست مدام. اعلیٰ عشق انجام،
اصل کان انجام. ساقي ڏي ساغر. دل توسان......

ذ: ذات صفات. سنجهان نفي اثبات. ٿهدل سان تات،
واڻي وحدت وات. پرين تنهنجي پچر. دل توسان......

ر: رمز رنگي. دل عشق انگي. ڇنڊي هاڻ ٻنگي،
نئنون نسنگي. سڻي سيف ابر. دل توسان......

ز: زلف زنجير. كرن قيد اسير. ويڙهي وكوڙي وير،
كيس سياه بسير. كٽڻ كاريهر كر. دل توسان......

Gul Hayat Institute

س: سك جي سير. طلب جي تكبير. آهو نيڻن امير،
تيز تُفنگي تير. نيڻن نوك نظر. دل توسان......

ش: شوق شعلي. اچي انس اولي. پرين پاڻ ٻولي،
آيو انهيءَ چولي. پهري پوش پاكر. دل توسان......

ص، صورت صحن۔ دمادم درسن۔ ماهِ لَقا مُحسن
مٺو محب موهن۔ دلارام دلاور۔ دل توسان......

ض؛ ضرور زيارت۔ پرين اٿئي پارت۔ پاڻ ڪيو پرداخت
هر دم حمايت۔ آهيون تو آڌر۔ دل توسان.....

ط ؛ طلب تمام۔ صبح توڙي شام۔ دوستيءَ وارو دام،
سارو قرب ڪمام۔ سک سدا ئي سبر۔ دل تو......

ظ ؛ ظهور و ظاهر۔ اندر ۽ باهر۔ اول تون آخر،
حاضر تون ناظر۔ مثل ماه مظهر۔ دل توسان.....

ع ؛ عشق اعلیٰ۔ نرمل نرالا۔ ڪري چشم چالا،
بچي بره ڀالا۔ ڪٽي خوني خنجر۔ دل توسان......

غ ؛ غمزه بازي۔ نازبي اندازي۔ محبت مجازي،
بره واري بازي۔ بيان بالا برتر۔ دل توسان......

ف؛ فيض جا دريا۔ سخي شاهنشاه۔ باري بيپرواه،
ڪج مهر نگاه۔ مٿي فيض فقر۔ دل توسان......

Gul Hayat Institute

ق: قرب ڪري اچ پير پري. توريءَ ڪانه سري،
پرين وڃ نه پري. هوت مل ميڪر دل توسان....

ڪ: ڪيف قلب ۾ آ جان نه لڳ. آ ملڻ مطلب،
سائين ڪرڪو سبب. دائم مدامي مهر. دل توسان...

ل: لڳس لاري. بيو ڪُل وساري. پرين تو پناري،
اڇج مون اوتاري. دامن تنهنجي داور. دل توسان...

م: محب جاني. پسايو پيشاني. دُرِ دُرُ عدانـي،
ياقوت يماني. روشن گنج گوهر. دل توسان.....

ن: نڪري ڪسرت. ويڙهي وِير وحدت. حق حال حسرت،
لاتقنطومن رحمة. آهيون بي خطر. دل توسان .....

Gul Hayat Institute

و: وحدت وستي. بجز هستي. ملي موج مستي
قائم ڪمر بستي. صحيح سچاڻ سِرُ. دل توسان.....

ه: هاديءَ سندو حال. خالص خاص خيال. واصل وصل وصال
دم دم جي ڌمال. زبان ذاتي ذڪر. دل توسان .......

لا: لكين لائق. سنداشوق شائق. اصلي آهيون عاشق،
منجهه فكر فائق. ڀينهن منجهه نامور دل توسان .....

ء: ايما آيت. عشق جي عنايت. شوقئون شاه ولايت
هادي ڪئي هدايت. همدم حال حاضر دل توسان....

ي: ياد ياري. بيخود بهاري. ونحن اقرب واري،
ملي مام ماري. ٽيو ويساه ويتر دل توسان........

Gul Hayat Institute

## سي حرفي همه اوست ـ ٣

الف: اُمالڪ نڪري ٿو اناالحق آواز ،
همه اوست واري حال ۾ رندي ايهو راز ،
شاهه ولايت شامل ٿيو شوق شاهي شهباز ،
پرت منجهان پروازڪري اڏامر عرشين .

ب: برهه بقاء جي بڻاسٽي بازي ،
مرد آيا ميدان ۾ ڪُوپا ڪوَازي ،
وحدت جي ويچار ۾ گُمر ٿيا غازي ،
فانيءَ فنا ٿي پاڻ وڃائي پڌرا ٿيا .

ت: تات جاڳي حاصل ٿيو سو حال ،
رَڳ رَڳ ۾ رچي وئي لاهوتي ٿي لعل ،
ڳالهائي ٻجهي ڳالهه ثابت ٿيو سنسار ۾ .

ث: ثابت سڪ جو سندرو ٻڌ ساهي ،
ساجهر سانگو سر جو لاٿو ڇڏ لاهي .
نازڪ نوائي نينهن سان ٿو ڪامل ڪهائي ،
ڪرهل ڪڏائي مرڪي اچ ميدان ۾ .

Gul Hayat Institute

ج: جانب جان ۾ جوڙي وينو جاءِ،
ڏک سڀئي ڏور ٿيا لٿا اهنج ايذاءِ،
خوف خطرا سڀ ويا ڀڄ مٽريئيا ڀاءِ،
وهه واهه ولايت شاهه محب مون گهر آيو.

ح: حمايت هوت آحاصل ٿيو سو حال،
وڇوڙو ويو وڃنديئي ٿيو آ وصل وصال،
محب ميلاپي جو ڪيو قرب ڪمال،
لاهوتي تي لعل مليا سي محبوب سان.

خ: خوشي خيال ڪي آهي،
جانب وينو جان ۾ جايون جوڙائي،
ونحن اقرب الله تؤ ائين فرمائي،
وينو ڳالهائي ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون.

د: دلبر دل ۾ تو ساجن لهي سار،
تکي ٽيليفون ڪان طالب تنهنجي تار،
فاذڪروني اذڪرڪم اهو اصلي آ اقرار،
دلبر جو ديدار حاصل هردي مان ٿيو.

Gul Hayat Institute

ذ : ذات صفات دي وچ هادي هڪ ڪري ڄاڻ،
فثم وجه الله هــن فيض جو اصلي آ اهڃاڻ،
ڪل شيءٍ مُحيط ڇئي اچي پرٿيو پاڻ،
ڪانهي توکي ڪاڻ جي پاڻ سڃاڻين پنهنجو.

ر : رياضت روح جي دل وحدت سان واڻ،
قلبيءَ واري ڪم جي خاصي لهه تون ڪاڻ،
وحياڻيءَ وجود کي مار موتوا جي ماڻ،
ولايت شاهه وٺاڻ ويجها ٿيا وجود ۾.

ز : زيارت زور ٿي جنهن جيءَ ۾ ورتي جاءِ،
رڳ رڳ ۾ رچي وئي ساري ساهه پساهه،
جاڏي تاڏي سامهون فثم وجه الله،
آهي ڪل الله پيو ڏسون ٿا ڪونه ڪو.

Gul Hayat Institute

س : سائين سڀ ۾ آ ساڃين سمايو،
خلق الانسان علىٰ صورته فائق فرمايو،
صفاتي صورت ۾ پرين پاڻ پسايو،
آدم ۾ آيو اولي هن اثبات جي.

ش: شعلي شوق جي آيو قادر هٿ ڪاهي،
پسي بيڪ بشر جوڙ جسم ٺاهي،
تصور جي تجلات الف اسم آهي،
سگهو سڪ ساهي ملياسي مطلوب سان.

ص: صورت حق جي سالڪ سڃاڻ،
يهدي الله لِنوره مَنْ يَّشَآءُ موج سدا ماڻ،
ربوبي رمز جو ڄاڻ اصل ڄاڻ،
اهڙن اهڃاڻ واصل ولايت شاه ٿيا.

ض: ضرورت ذوق سان ديدار منجهه درڪ،
پاڻ سڃاڻي پاڻهنجو ٿيا گاروڙي غرق،
حق سڃاڻي حق ٿيا واري وهم ورق،
طلسم ڪري ترڪ ملياسي محبوب سان.

Gul Hayat Institute

ط: طالبن کي توحيد ي تنوار،
خاصي خيال خومار سان برهه ڪيا بيدار،
هوالظاهر هوالباطن پسي پرينءَ سندا پار،
آيا منجهه اعتبار ملياسي محبوب سان.

ظ : ظهور ذات جو پلپل پرين پسن،
قلزم ڪارونپار جي جل مان جام پيئن،
هر مظهر ۾ هيڪڙو ٻيو ڪين ڏسن،
انهيءَ رمز رسن هاديءَ سان هڪ ٿيا.

ع : عشق اجاريا نانگا سي نيهي،
وڃايءَ وجود کي ويا پاڻ ۾ پيهي،
اداس ديس امن لاءِ ٿيا ڏيهه انهيءَ ڏيهي،
وحدت ۾ ويهي مليا سي محبوب سان.

غ : غازي غرق ٿيا ترڪ ڪري طلسم،
ورنه وير وڪوڙيا وحدت ۾ واريا سڀ وهم،
ڪل شيءِ هو الله آهي فرقاني فهم،
عاشق الف اسم آهن سر الله جو.

Gul Hayat Institute

ف : فرض فقير تي آهي سر سڃاڻ،
الست بربڪم قالو بلىٰ اصل تن اهڃاڻ،
پرين پروڙن پاڻ ۾ پسي پنهنجو پاڻ،
ڄاڻي اهو ڄاڻ واصل ولايت شاهه ٿيا.

ق: قدم قادر تي ڪامل ٿيا قائم،
دم بدم ديدار الاهي درسن پسي دائم،
سير سمجهي صورت جو صوفي ٿيا سائم،
رهبر ٿي راهم ربوبيت رمز سان.

ڪ: ڪثرت وحدت ۾ ساجن ڪري سحيو،
اولي اڃي انس جي قسم بَاذِني ڪهايو،
الانسان سري وانا سره صحيح سخن سڻايو،

ل: لکين چولا پهري آيو پاڻ،
قلوب المؤمن عرش مُعلیٰ وحدتي وتاڻ،
مرجاءِ هو ڪو حق جو انا الحق اهڃاڻ،
پسي پنهنجو پاڻ گم ٿيا سي گُر ۾.

Gul Hayat Institute

م: منصوري موج ۾ آهي انا اشارو،
من راني فقد رائی الحق سخن سچارو،
وحدت سندو وڄائي نوبت نغارو،
نينهن هڻي نعرو حلاجي حال ۾.

ن : ناطق باالحق سوڻي سميع بصير،
مظهر ۾ موجود ٿيو روشن ماهِ منير،
ليس ڪمثله شيءُ بي مثل بينظير،
پيرِ مُغان پير آ صورت سر سمجهايو.

و : ويجهو وستي آ وحدت سندو ويرو،
دلبر جي ديدار جو آهي دل اندر ديرو،
اڏيو عشق اندر ۾ آ ازلي آکيرو،
پُرجهه اهو پيرو- پرين پسڻ پاڻ ۾.

ه : هادي هردي آ ياڪي يگانو،
پيهي پسج پاڻ ۾ آ ديسي آستانو،
لاريب فيه فرمودو آ برهه بيانو،
منجهيئي منخانو ثابت ڪيو سي سر ۾.

لا : لنگهي هليا سي لا احد لا ثاني،
حد کان بيحد ٿيا عاشق عرش آشياني،
فرقاني فهم سمجهي ڪل مِن اليه فاني،
ساڳيو سر سبحاني صوفين سچاتو صاف ٿي.

Gul Hayat Institute

ع : احد آهي اهو جو ٻولي چولي اندر جوئي،
ٻسي پـرجهي پاٽ ۾ ڀڳڙ نا ٻيو ٽئي،
من شيءِ طلبـه جد وجد مليو ساجن سوئي،
پيوند دل پوئي ميثاقي ميهار سان.

ي : ياڪي يار آ ساڪن سـاهـ پـسـاهـ،
عليٰ ڪل شيءٍ قدير وحدت جو ويساهه،
نانهه منجهان آهه ٿيو آدم مان الله،
وهه واهه ولايت شاهه ملياسي محبوب سان.

Gul Hayat Institute

## ڏوهيڙا

(۱) راڻا تنهنجي راز سو گهو ڪيو صفات ۾،
من ته پيو مامري محبت منجهه مجاز،
اچي اُنو اُليل ڪان ٻاري برهه بياض،
حقيقت هن حال ۾ ڪيو الاهو آواز،
شاهه ولايت ساز. سدا هوند وسو رجو.

(۲) سؤدي ڪارڻ سر جي ڪيو سي دوڪان،
هڪ مهر محبت حق جي پيو سڪ سند وسلمان،
ٿيون ٽڪن ٽي ڪينڪي ٿا باسيون بات بيان،
چوتون چڻن شين جوٿا رکون دُرس ڏيان،
هڪ حُسن بيحد هجي پيو ٻڌڻ جو ٻڌ وان،
ٿيون طلب رکي اچي تن ۾ چوتون چست ڄُتي چوگان،
سؤدو ڏيون ٿا سر تي اهي آهن اگهه گريان،
ولايت شاهه وٽاڻ. وسايا ويراڳ جا.

Gul Hayat Institute

(۳) وسائي ويراڳ کي ٿو ٻڻ پرين ڳائڻي،
سنڌي سڪ وارن کي ٿو ڪُهي ڪوتائي،
ڪُٺن جي ڪَر لهي ٿو وري واجهائي،
متان ڪو وجي رهجي تنهن کي گهورن سان گهائي،

وري ناز نياز سان ٿوتن کي هسائي،
هيٺ نؤڪان نينهن جون ٿو نانگا نچائي،
رنگ وسيتو لائي ولايت شاهه وحدت جو.

۴. آهه اچي ڏس حال سگهو منهنجا سپرين،
ڏکيا گذاريم ڏينهڙا سڪندي ٿيا هن سال،
نمائي هن نڌر جا ٿو بڻ هيٺا حال،
شاهه ولايت شال ملندا مون مسڪين سان.

۵. ملندا مون مسڪين سان اڃهي آيا چاڻ،
ايندا آهي آسرو ورتيون ونيدا ساڻ،
قضا واري قيد مان اچي پرين ڇڏائيندم پاڻ،
ڪندا روح رهاڻ شاهه ولايت سپرين.

۶. سهڻي يار ديان سهڻيان اکيان جنهان پيچ پرت دا پايا،
ري ڪجل دي ڦهر وساون ول سرمان ساجن پايا،
عاشقان دي دل ڏترڪٹ بگي جڏان ناز دي نال نقاب ڪون چايا،
چمڪا ڏي وِڄلي والا جيءُ عاشقان دا جلايا،
شاهه ولايت يار سڄڻ دا شل ٿيوي تير سجايا.

Gul Hayat Institute

٧. محبت دي ميدان وچون سِردا سانگ ستيجي،
دم نہ دير ڪريجي.
پاڻ وڃائي پاڻ ۾ غازي گُم ٿيويجي،
دم نہ دير ڪريجي.
اناالحق دا مارڪي نعرا سولي سر سلهيجي،
دم نہ دير ڪريجي.
ڇوڙ شاهي نون شاھ ولايت دل وحدت نال ونگيجي،
دم نہ دير ڪريجي.

٨. محبت جي ميدان ۾ ٿي ٻري ٻرھ جي باھ،
متان تَنُ ڏسي ٽرسي پوين ڪاهيون اوڏهن ڪاھ،
موٽي اچڻ مچ تان اهوڪم ڪَچن جو آھ،
رئي وحدت شاھ ولايت سائين ناھ نہ ٻيو ڪو ناھ،
سرجو سانگ لاھ تہ عاشق تنهنجو انصاف ٿئي.

Gul Hayat Institute

٩. محبت جي ميدان ۾ آيا ڪونڌ ڪُڏي،
لاهي لاڳاپا لوڪ جا طمع تن ڇڏي،
ڇنڊيائون ٽيرٽ ٽڪيا تن عرشين دل اڏي،
وحدت ۾ شاھ ولايت پاتئون وڪ وڏي،
جن گوندر دل گڏي سي وَسُنوَڪي ويجها ٿيا.

۱۰. محبت جي ميدان ۾ ننگ نشي نروار،
صوفي پنهنجي سر تي سچ جو سفر سار،
لاهي لاڳاپا لوڪ جا وجود ھي وسار،
اوکو پنڌ الله جو ڏس طالب تري تار،
وحدت جو شاھ ولايت وڪر تون ويچار
ٻره وارو بار پيئر پاڳي آئيو.

۱۱. محبت جي ميدان ۾ ڏس جوڳين جي جڳت،
صوفين جي سچ ڏي آ سامين جي سنبت،
الله جي اندر ۾ ٿا سدا ڪن صفت،
وحدت جي شاھ ولايت حاصل ڪيائون حقيقت،
منجهان موج محبت مليا سي محبوب سان.

۱۲. مرشد مونکي مام ڏني رهه اصل جي اهڃاڻ،
ان الله يامرڪم ڇيئي تون پاڻ نه آ ڏو آڻ،
شاھ ولايت عاشق صادق موج محبت ماڻ،
صوفي سر سڃاڻ تڏهن درسن پسين دلبر جو.

Gul Hayat Institute

۱۳- مرشد دي مئخاني وچون جام شراب پيتوسي،
محبت دي ميدان وچون سر دا سانگ سٽيوسي،
ٻڌي ڇيريان پاڪي جامان نانگا ٿي ڪي نچيوسي،
بار ملامت سر تي چاتم تڏان ڳوڙهي رنگ رچيوسي،
حال هدايت حاصل ٿيڙا جڏان شاه ولايت مليوسي،

۱۴- هڪ ڏهاڙي مرشد مئون ساقي سرڪ پلايا،
جام جلال دي لعل ڪيتا ساغر سوز سمايا،
پريم پيالا پيوڻ سيتي محبت موج مچايا،
شاه ولايت هادي سائين ڳوڙهي رنگ رچايا.

۱۵- مرشد مون کي مام ڏني نہ ڪسي تي ڪباب،
متان تنہ ڏسي ترسي پوني پسي تجلي تاب،
اڏري اچ آڙاه ۾ ڪري ڪونہ حجاب،
شاه ولايت اهو آهي ٻرهه وارن جو باب،
تن جو عشق عقاب جن پاڻ سڃاتو پاڻنجو.

Gul Hayat Institute

(١٦) رهبر جي رمز جو رند پروڙين راز،
نانگن کي نياز جو ٿيو الستي آواز،
برھ جي بازيءَ ۾ بيخود ٿيا بياض،
شاھ ولايت شوق جو ڪيو مينهن نواز،
محبتي مجاز پير مغان مان پڌرو ٿيو.

(١٧) رهبر جي رمز جو رند پروڙين راھ،
اوتيون پيئن اُڃ آب حيات جي اوري جنکي اونداھ،
وهلو گڏيُن ويجهڙو والي ولايت شاھ،
لوچي لڌائون الله سو جهي ساھ پساھ ۾.

(١٨) گُرَ بنان گيان نہ ڪوئي ڪوڪوڙين پڙهي ڪتاب،
پڳ پڌي پڌرائي ڪري دنيا ڪارڻ دولاب،
اَلدُّنيَا جِيفَةٌ وَطلَابُهَا ڪلَابٌ بيخوديءَ جا باب،
وَفِي اَنفُسِكُمْ اَفَلاَ تُبصِرُونَ نوري ڪول نقاب،
ولايت شاھ وحدت جو ڪيو شوق شتاب،
وڃايُ هيُنُ سندا حباب ٿي بيرنگ بحر عميق ۾.

Gul Hayat Institute

(١٩) بيرنگ بحر عميق ۾ هوندين سدا حيات،
لا يفوت ولا يموت مور نہ ٿيئن ممات،
لا سندو لحم يِ وُڙهو قادري ڪات،
اوري ڇڏي اوندام کي پس توحيدي تجلات،
الف ٿيو اثبات شاھ ولايت شوق مان.

(٢٠) جلوہ تنهنجو جيلاني اڄ ٿيو اظهار،
ملڪن ۾ مشهور آ نور تنهنجو نروار،
فيض تنهنجو فياض سائين ڇنو قلبہ ڇوڏار،
آهين شاھ ولايت جو تون داتا نگهدار،
پرين پسايو ديدار سڪايل کي سيدا.

(٢١) حسن والي دي بخت بالي جو هو ڪردي نازنرالي،
نال حسن دي ڪرن حڪومت شان حسن دي عالي،
مون من موهي مستان ڪيتا حسن آري چام والي،
شاھ ولايت روز ڏهاڙي نت نال حسن دي ڳهرجالي.

Gul Hayat Institute

۲۲ پسڻ خاطر پرينءَ جي مون اکيون انڪايون،
خيال ملائي خيال سان هيون وساري وايون،
ولايت شاھ وجهن ٿيون فڪل جون ڦاهيون،
اسين بہ آهيون شائق انهيءَ شڪار جا .

۲۳ آهي شوق شڪار جو ٻي وائي ناهي وات،
جاڏي حُل حُسن جو ٿئي تاڏي پا يون جهات،
انهيءَ عشق آڙاھ ۾ تا جلا يون جسمات،
ولايت شاھ وفائيءَ جو اصل آ اوقات،
پڪا سي پرڀات جيڪي اگ پيا آڙاھ ۾ .

۲۴ ديد ملائي ديد سان خاصو رک خيال،
چنڊ چنيڻ جي هَيرَ تون پڇي ٿي پئمال،
سهٹا شاھ ولايت جو سڻ سائينءَ لڳ سوال،
شال نہ پوندو ڪال پسڻ جو منهنجا پرين.

Gul Hayat Institute

۲۵ ڪاٿ ڪهڻ چنڊيو ڪنڌ ڪهي ڪير ،
ٿي موتو قبلال انت موتوا صحيح ڪرهي سير،
اهو شاھ ولايت شير جيڪو ڪنڌ ڪُهي ڪاٽ ڪي.

(٢٦) هوت هليا هنگلاج ڏي جوڙ ڪري جنسار،
وچي اڏيائون اُٿهين جا ٿيي آرڻ ڪوٺي پار،
ولايت شاه اقرار پاڙيون ويا پا ڻ جا.

(٢٧) اداڙي پانڌي نج خبر ڪا ڪيچ ڏي،
چنچ هوت پنهل کي مان تو لئه درماندي،
رڙندي وتان رڻ ۾ ٿي برهه جي باندي،
هيڪر هيڪاندي شاه ولايت شال ٿيان.

(٢٨) شاه ولايت شال ٿيان دلبر جو دربان،
سؤ واري سڄڻ تان پاڻ ڪريان قربان،
لکين لوڪ لياڪا پاڻ ڏسڻ لئه حوران ٿيون حيران،
پرين ڪري احسان اچي وهندم ويجهڙو.

(٢٩) اچي ويٺم ويجهڙو ستگر سنجهه صبوح،
فاذڪروني اذڪرڪم ويٺو ڪر ورح،
سيني ۾ سمائجي وئي سڄڻ جي سونهن،
راحت آئي روح شاه ولايت شوق مان.

Gul Hayat Institute

(٣٠) سُرتي نرتي وچ تي دُرس ڏري ڏيان،
غازي گھمر پيٽ گھر ۾ صوفي سرت سبحان،
قدم ڪڏائي قرب جو گھمر تي وچ گيان،
ولايت شاه مٺخان صوفين سُڃاتا سِر ۾.

(٣١) بيشڪ بهادر سوئي آهي جنهن وڃايو وجود،
لاهي لاڳاپا لوڪ جا پاڻ ڪري نابود،
خلق الآدم علىٰ صورته اهو سمجهي ڪر سجود،
واصل ولايت شاه ٿئي جيڪو وڃائي غير غدود،
مرد اهو موجود جيڪو پاڻ وڃائي پڌرو ٿئي.

(٣٢) سڪان ساريان سانگين لئه آهيان بيوس بند ۾ باندي،
قسمت قيد ڪري ڪوٽن ۾ امر لکيٽي هت آندي،
پنهوارن جي پچر ڪان هڪ وار ناهيان واندي،
مارن لئه ماندي. شاه ولايت شال ملان.

(٣٣) شاه ولايت شال ملان پسان ويڙهيچا ولهار،
ڏسان ڏاڏاڻا ڏوٽي پرت وندا پنهوار،
ملڪ ملير وُٺو مارن جو گاهن ڪيا گلزار،

Gul Hayat Institute

سايون سبزيون ساڳي سرها ساوڪ ڪيا سينگار،
گل ڦل غنچا پاڪ پٽن تي ڦوڳن ڪيا ڦلهار،
بـرنثر باغ بهـاريا بيحد باغيچا بسيار،
سـرتيون ڪن سئنسارمون جيڏيون مليرم.

۳۴ جوڳي جاڳن ڪينڪي هو سـدا ڪين سمهن،
راتيان اورين رامسان ڏينهـان ڏک ڏورن،
اهي سامي ٿا سڏجن جيڪي پاڻ وڃائي پڌرا ٿيا.

۳۵ پاڻ وڃائي پـڌرا ٿيا اهي مُنڍ نئون ڪين مرن،
موتوا قبلل انت موتو مـري ٿا جيـئن،
الفـقر فخـري وَالفـقر مني اهو قول سندن،
اهي عاشق ٿا سڏجن ولايت شاهه وحدت جا.

۳۶ ولايت شاهه وحدت جا اوتارا اڏجن،
بانگون ڏيئي ٻـرم جون سوريءَ سِرَ ڏجن،
توحيدي تانَ سان سبق سور سـڪن،
اوتارا اصيلن جا مـرجان جام جُٽرن،
ولايت شاهه وسـن مٺانا مَردن جا.

Gul Hayat Institute

۳۷ ٿُيِنِ سياھ سجن دي اکيان خوني خون ڪماون،
تي جهاتيان پاون.
پٽن کاون ماس جگر دا شاھ گداء ڪنباون،
تي جهاتيان پاون.
شاھ ولايت عاشق صادق وُهي سڌ يجن جيڪي سرتري تي جاون،
تي جهاتيان پاون.

۳۸ عاشقن اونداھ ۾ پاريو شمس شعاع،
ويو منجهانئن نڪري گمراهيءَ وارو گواھ،
ثابت ڪري سِرَ ۾ چيائون آهي پاڻ الله،
وهلو ولايت شاھ واصل ٿيو وصال کي.

۳۹ ٻوليان ٻوليان مَ لهان جانب جيهو جڳ ۾،
هو سدائين سهڻو ساجن وسي سڀ ۾،
ويا گذمي غم ۾ شاھ ولايت سپرين.

Gul Hayat Institute

۴۰ رسي نه دل ڪسي پرچي نه ڏيئي پيار،
اهڙو ڪونه ڏٺو سي ڪاٿهين صورت جو سردار،
ڦاسائي فڪل سان چار هٿي جبار،
شاھ ولايت آئيو هوتن هٿ شڪار،
پرين پاڙي اقرار اچي وِهندم ويجهڙو.

(۴۱) محبت جي ميدان ڏي اڻي کوهيارا ڪاهه،
ديرنه ڪر هڪ دم جي وڏي وک وڌاءِ،
ڪوپا انهيءَ ڪات تي اچي سِرُ اڏاءِ،
گهڻا گهوٽ گهائجي ويا جو ڳي انهيءَ جاءِ،
شاهه ولايت لاهوتي اهو راز الستي آهه،
نه ته تون سِرُ نواءِ تڏهين پسين پَرَ کي.

(۴۲) محبت جي ميدان ۾ نا ننگا آءُ نچي،
انهيءَ عشق آڙاهه ۾ وڃ پرواني جان پچي،
فاذڪروني اذڪرڪم رمز انهيءَ ۾ رچي،
ولايت شاهه وحدت جي اِها ڳالهه سچي،
وڃ محبت منجهه مچي تڏهن درسن پسين دلبر جو.

(۴۳) نازپرين نئڻ تان نرگس گهوري گهوري،
عين عجيب اکين تي عاشقُ مفت مري ريءَ ٿوري ٿوري،
طوطي طور تنوارون تنهنجون چاهه منجهان چپ چوري چوري،
هرجان مرجان مفت وڪامي نور وجهائي توري توري
شاهه ولايت تي احسان ڪرين جو پاڻ پسائين اوري اوري،
جان نوتان قربان ڪريان ماس هڏن تان ڪوري ڪوري.

.:. ختم شد .:.

Gul Hayat Institute